
رُوبرُو



ريٽا شهاڻي

رُوبرُو

ريتا شهاڻي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

90، لڪشمي مارڪيٽ، اُلهاسنگر-3.

ارپڻ

ڪريان ٿي

پنهنجي مربي چاچي

پروفيسر منگهارام اُڌارام ملڪاڻيءَ

کي

جنهن مون ۾ ساهت جي سوجهه جو ٻج پوکيو.

رُوبرُو

ريتا شهاڻي

صنف: جيون - سنبنڌي - مضمون

ليکڪا : ريتا شهاڻي

ڇاپو: پهريون

سال : ۲۰۱۱

ڊي.ٽي.پي: لکُو پهلواڻي

موبائيل: ۹۸۹۰۷۹۶۳۸۹

ڇپائيندڙ: سريش پرياڻي

ڇپيندڙ: وشال انٽرپرائيزس، اُلهاسنگر - ۴.

قيمت: ۱۵۰ روپيا

ائڊريس: ۷، فلورائنا اسٽيٽ،
بوٽ ڪلب روڊ،
پوني - ۴۱۱۰۰۱
فون: ۲۶۱۶۲۵۲۶

Roobaroo

By: Rita Shahani

SINDHI TIMES PUBLICATION
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar- 421 00- 3.
Tel.: 0251 - 2564000

Published by:
Suresh Paryani
for: **The Sindhi Times Publication**

D.T.P: Lakhu Pahilwani
Mob.: 9890796389

Printed by:
Vishal Enterprises
UNR- 4 • Tel: 9890274470

Sole Agent:
Jagdish Book Depot
Main Bazar, UNR- 2
Tel: 0251-2700455

Editon: first

Year: 2011

Price: Rs. 150 only

AUTHOR'S ADDRESS:
7, Floriana Estate,
Boat Club Road,
Pune - 411001
Tel.: 26162526

اُتم ڌرم: ”انسانيت“

محبت پائي من ۾، رنڌا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگھائيو.
(شاھ عبداللطيف)

هن وقت هندستان جي سنڌي ليکڪن ۾ ريتا شهاڻيءَ جيڪو مقام ماهيو آهي، تنهن جو ٻيو ڪو مثال ڪونه ٿو ملي. هوءَ هڪ مُک ناول نگار، تاريخ ۽ فلسفي تي عبور رکندڙ اصلوڪي تخليقڪار جي حيثيت سان اڀري آئي آهي، جنهن هندستان جي سڀيتا، علم ۽ ادب، فڪر ۽ فلسفي جي سنگ ميل ڪردارن جهڙوڪ: ميران ٻائي، ڪبير، ڪاليداس، گوتم ٻڌ، گرو نانڪ، گرو رجنيش، سنڌ جي شاھ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ ٻين اهڙن ڪردارن جو ڳوڙهو اڀياس ڪري، هنن جي پيغام جو تت، پنهنجين لکڻين ۾ دلپذير حوالن سميت شامل ڪيو آهي، جنهن ۾ حقيقت به آهي ته ڪلپنا به پوري رنگ سان موجود آهي. اهڙيءَ طرح هن نه صرف هڪ سوچيندڙ ليکڪا طور تخليق ڪئي آهي پر هوءَ ساڳئي وقت لوچيندڙ به آهي. سوچ ۽ لوچ جڏهن ملنديون آهن ته فڪر ۽ ذڪر انڌلٺ روپ ڌاري وٺندو آهي جيڪو انساني سوچ ۽ فطرت جي قانونن جيِ وچ ۾ هڪ نازڪ پر فڪر واري پل جو ڪم ڏيندو آهي.

مون ريتا شهاڻيءَ جو پهريون ڪتاب ”پيھريءَ جا ٻه پل“ پڙهيو هو ۽ سندس تخيل ۽ حقيقت نگاريءَ جي ميل کان ايترو متاثر ٿيو هوس جو مون ان تي انگريزيءَ ۾ تبصرو ڪيو جيڪو پاڪستاني اخبارن ”ڊان“، ”ريجنل ٽائمز“ ۽ ”بزنس رڪارڊر“ ڪانسواءِ ڪيترن رسالن جي زينت بڻيو ۽ منهنجي لاءِ هڪ تبصرن جي مڪمل ڪتاب ”The Glorious Past“ لکڻ لاءِ اتساھ

اڙي او جگياسو
ڪهڙي اٿيئي
جستجوءَ؟
ڪهڙي آرزوءَ؟
خود سان ڪرين پيو گفتگوءَ!
جڻ تہ ڪنهن جي روبروءَ!
ڳالهائين پيو تون
پاڻ سان تون
بس تون ئي تون!

اهو ئي سبق گوتم ٻڌ کان گرو نانڪ تائين سيني ڀڳتي انسانن، جن ۾ مذهبي توڙي سماجي سڌارڪ ۽ شاعر شامل آهن، ڏنو آهي ۽ پڌري طور چيو اٿن ته انسان اهو آهي جيڪو انسان ذات سان پيار ڪري ٿو. صرف ظاهر نه بلڪ باطن کي سمجهي ٿو. صرف هن عارضي دنيا سان نه بلڪ ان اصلي دنيا سان پيار ڪري ٿو جتان هو آيو آهي ۽ جتي هن کي ورڻو آهي.

هي هڪ اهڙو نظريو آهي جنهن جي ڪوبه نفي نه ٿو ڪري سگهي. اسلام جيڪو دنيا جو آخري مذهب آهي، اهو به زندگي ۽ موت کان پوءِ جي زندگيءَ کي يعني آخرت کي سنوارڻ جي هدايت ڏئي ٿو. جيڪڏهن انسان آخرت سنوارڻ جي هدايت تي عمل ڪري ته پوءِ هن مختصر دور واري دنيا ۾ شايد ڪڏا ڪرتوت ڪرڻ بند ڪري ڇڏي ۽ پيار پريم جي رنگن سان هن دنيا کي به دلفريب ڪري ڇڏي.

ريتا چواڻي، دنيا ۾ اچڻ کان اڳ ۽ دنيا ڇڏڻ کان پوءِ جي وچ واري دور سان محبت ڇا معنيٰ ٿي رکي. گرو رجنيش هن ڏس ۾ تمام صافگوئي کان ڪم ورتو آهي، جنهن کي ريتا اجا به چٽو ڪري لکيو آهي:

”اڙي جنم ڏينهن، مرتيو ڏينهن پڻ آهي. اسان جي جنم سان ئي اسان جي مرتيو طرف ياترا شروع ٿئي ٿي. ڊيمي ۽ لمبي ياترا. هر هڪ جنم ڏينهن اسان کي مرتيو جي ويجهو آڻي ٿو. ليڪن جيڪي ڪجهه اندر (آتما) آهي ان جو يقيناً جنم ڪونه ٿيو آهي ۽ ان ڪري ان جو مرتيو به ٿي نه ٿو سگهي.“

ريتا اهو به مڃي ته ته، ”اوشو جا ويچار تضادي آهن. هو پاڻ به تضادي شخصيت جو مالڪ هو. سڀ هن جي مت سان شامل هجن اهو ضروري ناهي. مگر هو پنهنجي اصولن تي پڪو هو.“

”رجنيش دوستيءَ کي عشق جي جذبي کان اوچو ڪوني ٿو. بقول هن جي عشق زمين سان جڙيل آهي، جنهن کي ڌرتي ڇڪي ٿي، ان کي gravity آهي، جڏهن ته مترتا (دوستي) کي اها ناهي، ان ۾ اڏامڻ جي صلاحيت آهي.“

گرو رجنيش جو ذڪر ڪندي هن پابل بابا، پنا لعل گهوش، هري پرساد چورسيا، مستو بابا جهڙن ملنگ هستين جو به ذڪر ڪيو آهي، جن جو اثر رجنيش جي فڪر تي تمام گهرو هو. هنن جي زندگيءَ جي مختصر تجربات جا سندس ايندڙ زندگيءَ تي تمام گهرا اثر پيا پر انهن سيني کان وڌيڪ هو گوتم ٻڌ کان متاثر هو جنهن جي نالي پٽيان پوني ۾ پنهنجي آشرم جي ليڪچر هال جو نالو ”ٻڌ هال“ رکيائين. نه صرف ايترو پر بقول

بٽيو. اتان کان ئي هُن جي لکڻين ۾ منهنجي دلچسپي پيدا ٿي. جنهن ڪري ئي مون "سفر در سفر" تي سنڌ جي ناماري سنڌي چئنل "مهراڻ" جي پروگرام "ساهت رس" تان پروگرام به ڪيو جنهن ۾ نصير مرزا ۽ تاج جوئي جهڙن اديبن هن ڪتاب جي خوبصورتين تي روشني وڌي

موجوده ڪتاب "رُوبرو" به ريٽا جي زرخيز ذهن جي هڪ انوکي پيداوار آهي جنهن ۾ هن موجوده زماني جي ڏک، پيڙا، انسان دشمني ۽ عارضي شين لاءِ ضايع ٿيندڙ انساني ڪوشش تي پنهنجي اندر ۾ مٿل مانڌاڻ کي ماٺو ڪرڻ لاءِ تاريخ ۽ مذهب توڙي معاشرتي فيلسوفن، ڏاهن ۽ بزرگن جي حوالي سان، هڪ نئين ڍنگ سان پيغام ڏنو آهي. جيڪو هڪ طرف تہ ڳوڙهو فلسفو آهي ۽ ٻئي طرف سؤلو سبق. هُن هي ڪتاب جديد دور جي هڪ فراخ دل ۽ نئين سوچ رکندڙ گياني "گرو رجنيش" جي حوالي سان لکيو آهي، جنهن ويهين صديءَ ۾ هندستان، يورپ، آمريڪا ۽ دنيا جي ڪيترن ملڪن جي لکين ماڻهن کي متاثر ڪيو ۽ منجهن جنگ جدل، نفرت ۽ حسد کان هٽي انسان جي ڀلائي، محبت ۽ ويچن جي خلاف مدافعت جي قوت پيدا ڪئي، تنهنڪري ڪيترين ئي تڪليفده حالات کي منهن ڏيڻو پيس. ويندي ڪيس جديد نموني زهر بہ ڏنو ويو ليڪن هن پنهنجي حياتيءَ جو هڪ هڪ پل پڙهڻ، لکڻ، فڪر ۽ ذڪر ڪرڻ لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو ۽ هندستان جي پوني شهر ۾ پنهنجي آشرم توڙي امريڪي رياستن ۾ هزارين ليڪچر ڏنائين ۽ سوَن جي تعداد ۾ ڪتاب ۽ مضمون لکيائين، جنهن ۾ پنهنجي سوچ جو پرچار ڪندو رهيو.

ريٽا، جنهن اڳ ئي ميران ٻائي ڀڳت ڪبير تي ڪتاب لکيا، سندن مالڪ حقيقي ۽ ان جي جوڙيل جهان ۾ رهندڙ انسانن لاءِ پريم جا سنديسا ڏنا، تنهن انهيءَ جي روشنيءَ ۾ گرو رجنيش جي زندگيءَ جي احوال کي قلمبند ڪيو آهي ۽ ان سان گڏ هندستان جي ويدانت توڙي مسلمانن جي وحدت الوجود جي فلسفي جو ذڪر بہ ڪيو اٿس ۽ انهيءَ نتيجي تي پهتي آهي تہ:

ويهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نہ ڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.
(شاهہ)

شاهہ صاحب اڃا بہ اڳتي وڌي چوي ٿو:

وڃين ڇو وڻڪار، هت نہ پسين هوت کي،
نائي نيڻ نهار تہ، تو ۾ ڏيرو دوست جو.

هن روحاني سفر کان پوءِ ريتا جڏهن وري اوشو گارڊن ۾ پهچي ٿي ته کيس اهو سڀ ڪجهه هڪ خوشنما خواب وانگر ٿو لڳي. هوءَ اوشوءَ جي مورتيءَ سان ٿي گفتگو ڪري ۽ جيڪي ڪجهه فڪري طور حاصل ٿيو اٿس، ان کي گرو رجنيش جي ٻولن جي ڪسوٽيءَ تي پرکي ٿي - هيءَ آهي ان ڪتاب جو مول مقصد. جيڪو جديد دور جي هڪ فڪرمند ۽ دردمند دل رکندڙ ليکڪا جي ڪلپنا جو روپ بڻيو. جنهن ڀڳت سورداس، ڪوي ڪاليداس، تلسيداس ۽ عبدالرحيم خانخانان جو چڱي طرح اڀياس ڪيو آهي، جنهن جو هڪ دوهو آهي:

رحیمن دھاگا پریم کا، نہ توڑ چٹکائے،
ٹوٹے تو نا ملے، ملے تو گانٹھ پڑ جائے۔

ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته چاهي هڪ مکيه ڌرم سان واسطو رکندڙ ئي شخص، ليڪن گرو رجنيش زندگي ۽ موت، سچ ۽ ڪوڙ پيار ۽ نفرت، انساني ذلت ۽ عظمت جي باري ۾ زندگيءَ جي مختلف راين کي منهن ڏئي امرتا ماڻڻ لاءِ جيڪي سوين ڪتاب لکيا آهن، انهن کي سمجهڻ لاءِ ريتا شهاڻيءَ جي هيءَ تخليق "رُوبرُو" هڪ نهايت عمدو تعارف آهي. خاص ڳالهه اها آهي ته هن ڪو هڪ ئي رات (overnight) ۾ ايڏو وڏو ٽپو ڪونه ڏنو آهي ليڪن هن آهستي آهستي فطري انداز ۾ هن منزل تي پير رکيو آهي. هن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته ڏکيا موضوع به سولائيءَ سان قلمبند ڪري سگهجن ٿا. هن اهو به ثابت ڪيو آهي ته ليکڪ چاهي کهڙي به دين ڌرم جو هجي پر هن جي لاءِ اُتم ڌرم "انسانيت" ئي آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم

14-آگسٽ 2011ع.
حيدرآباد سنڌ.

ريتا شهاڻيءَ جي، اوشوءَ ٻڌمت جي ڌارا کي هڪ نئين نموني سان، نئين سر اڳيان وڌايو آهي. جنهن مان رجنيش جي فڪر ۽ گيان جي گهرائيءَ جو ثبوت ملي ٿو.

ريتا جو سڀ کان مضبوط ۽ معنيٰ خيز ڪتاب جو اهو حصو آهي جنهن ۾ هوءَ پنهنجي آتما سان ڪچهري ٿي ڪري ۽ سندس ڪلپنا ۾ گوتم ٻڌ، ميران ٻائي، گرو نانڪ، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، گرو رجنيش اچن ٿا ۽ پنهنجي امر ڪلام ۾ انسان ذات جي هڪ ٻئي سان هجڻ ۽ پيار جي ڏور سان ٻڌجڻ جي ضرورت تي زور ٿا ڏين، جنهن ۾ هو لکي ٿي ته:

”جيئن توهان جي آگيا. هيءَ روحاني گڏجاڻي غير رواجي آهي، ڪوبه وچ ۾ ڳالهائي سگهي ٿو. پنهنجا رايا ڏئي سگهي ٿو. سوال پڇي سگهي ٿو. اوهان مهان هستين کي ڪا روڪ ٽوڪ ناهي. اوهين دل کولي اسان جو مارڳ درشن ڪندا. حالانڪ هتي ڪوبه درشڪ موجود ناهي. اڄ جي دور ۾ اهڙيون سهوليتون ميسر آهن جن جي وسيلي دنيا جا ماڻهو هي گڏجاڻيون ٽي. وي ۽ انٽرنيٽ تي ڏسي سگهن ٿا....

”مان سوچڻ لڳيس ته پوءِ هتي ته ڪو مائيڪ به ڪونهي، نه ٽي وي آهي، نه ڪئميرائون نه ڪمپيوٽر، نه ٽيليفون، پوءِ سنديشا ڪيئن ايندا؟

”بائي، هيءَ ته ڪا روحاني، ڪرامتي گڏجاڻي آهي. هتي ته ڪجهه به ٿيڻ ممڪن آهي.“ مون پاڻ ئي پاڻ جواب ڏنو.

ريتا مشرق جي فلسفي جو چڱو اڀياس ڪيل ٿي ڀانئجي. هن ”پاڻ مارڻ“، خواهش تي قبضو رکڻ ۽ ٻج ڇٽڻ ان لالچ بنان ته ان جو ڦل به ڪائيندس، جهڙن گهرين ڳالهين کي بحث ڪيو آهي. ضمير جي آزادي ۽ نفس تي قبضو رکڻ لاءِ مختلف گيانين جا فيلسوفيانا خيال به حوالن سان ڏنا اٿس. مثال طور:

- من غلام آهي، ڏيان مالڪ، من کي ڏيان ۾ تبديل ڪرڻو آهي.
- جيون جيئڻ جا ٻه رستا آهن، يا مالڪ بڻجي جيئڻو آهي يا غلام بنجي.
- مار (من) کي مارڻ سان اسين مالڪ بڻجي سگهون ٿا.

هُن ڪبير، ميران ٻائي، گرو نانڪ ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سان تمام تفصيلي گفتگو ڪئي، پنهنجي ڪلپنا جي وسيلي هن انهن عظيم انسانن جي ڪوتائن، گفتن ۽ ڪرمن جي ذڪر سان ڪتاب ۾ فلسفي جو اهو رنگ ڀريو آهي جيڪو پڙهڻ ڪانپوءِ پڙهڻ واري جي زندگي ئي تبديل ڪري سگهي ٿو.

پيش لفظ

هن ڪان اڳ مون سنت ميران ۽ سنت ڪبير جي جيونين جا پستڪ لکيا آهن، جيڪي اتهاس جي حقيقتن تي ٻڌل هوندي بہ ڪنهن حد تائين تخليقي آهن، جن ۾ ڪلپنا جي پاڇيداري آهي. اهي ٻئي ڪتاب اتهاس جو حصو آهن.

آچاريہ رجنيش جو جيون ڪال ويهين صديءَ جو پويون اڌ آهي ۽ اهو ئي اسان جو پنهنجو يڳ آهي ۽ اسان جي اکين سامهون آهي. تنهن ڪان سواءِ رجنيش پنهنجي جيون جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ ڳالهايو آهي، لکيو آهي. سندس جيون ڪٿا اسان کي ڪٿا جي روپ ۾ (هندي ۽ انگريزي ڪتابن ۾) ملي ٿي. ان ڪري مون کي سندس جيون جون وارتائون حاصل ڪرڻ ۾ ڪا تڪليف ڪانہ ونڊي پيئي هئي. جڏهين تہ ٻين مهان ڪوين لاءِ مون کي حقيقتون ڳولهڻيون پيون هيون. مگر پوءِ بہ مون کي پنهنجو هيءُ تازو ڪم وڏيڪ ڪٺن ۽ منجهائيندڙ لڳو. هڪ تہ رجنيش پاڻ هڪ ووادي شخص آهي، هن جي ڪيترن سڌانتن ۽ ويچارن سان اڪثريت شامل راءِ ڪانہ هوندي. هو جديد خيالات ۽ پنهنجي افرادي فلاسافي ۽ سڌانتن جو والي آهي. جديد هئڻ سان گڏ هو ڪن جهونين روحاني ڳالهين جو بہ ورنن ڪري ٿو، جن مان ڪيتريون ڪرامتي ڳالهيون پڻ آهن. ظاهر آهي جديد ذهني ماڻهن(Intellectuals) لاءِ انهن ڳالهين تي ويساهہ ڪرڻ سولو نہ ٿيندو، پوءِ بہ اهي مون کي لکڻيون پيون. چاڪاڻ تہ منهنجي خيال موجب جيڪڏهن رجنيش کي جاڻڻو آهي تہ سندس ٽوٽلٽيءَ ۾، مڪمل ريت سان جاڻڻو آهي. سندس انوکي منفرد ويچار ڌارا، جيڪا دلچسپ آهي، وزندار بہ آهي، مون کي ان طرف آڪرشت ڪيو ۽ لکڻ لاءِ آمادهہ ڪيو. مان سندس تصوير جهڙي بہ آهي ساڌارڻ

پنهنجي طرفان ......

سنڌي ادب ۾ ريٽا شهاڻي ڄاتل سڃاتل لکندڙ آهي. هن ڪويتا، ڪهاڻيون، ناول، سفرناما، ڊائري جا ورق، جيون ڪٿا لکي آهي. مطلب تہ ساهتيہ جي هر صنف تي هن لکيو آهي.

سنڌي ٽائيمس طرفان هن جو پهريون ڪتاب **''ڪٽوري جي ڪاڻ''** سفر نامو ڇپايو ويو آهي ۽ ناول، جيون ڪٿا، بہ ڇپايا آهن. هي ڪتاب **''روبرو''** ريٽا شهاڻيءَ جو لکيل نئون ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي.

ريٽا جو اڳيون لکيل ڪتاب **''سفر در سفر''** ڇپجڻ بعد، مون پڙهيو. ڪتاب ۾ رجنيش ۽ پوٽي جي رجنيش آشرم جو ذڪر هو. مون چاهيو ٿي تہ رجنيش بابت ريٽا کي جيتري ڄاڻ آهي، ان کي بنياد وٺي رجنيش بابت هوءَ وڌيڪ ڪجهہ لکي ۽ مون اُن لاءِ کيس عرض ڪيو.

۽ ريٽا ان عرض جي جواب ۾ هي ڪتاب **''روبرو''** لکي ڏنو. جو توهان جي هٿن ۾ آهي.

رجنيش جي زندگي جو احوال ۽ رجنيش جي ويچارن ۽ ريٽا جي اڀياس کي وٺي هن گرونانڪ، ڪبير، ميران بابت بہ لکيو آهي.

اهو لکڻ پنهنجي نموني جو آهي. جو سنڌي ۾ ان قسم جي پهرين رچنا آهي.

توهان کي ڪيئن ٿي لڳي .....؟

مونکي تہ نئين قسم جي نئين رچنا ٿي لڳي ۽ بس.

نارائڻ ڀارتي
سمپادڪ
سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

سنڌي ٽائيمس آفيس
اُلهاسنگر - ۴۲۱۰۰۳

۽ ائين ڪندي منهنجي ڪلڪ مون کي هڪ ٻئي هنڌ وٺي ويئي. اهي پڇاڙيءَ جا ٽيهه صفحا پل ته پاڻکن لاءِ هڪ سرپرائيز آئٽم وانگر هجن. پستڪ شروع ٿئي ٿو ويهين صديءَ جي پوئين اڌ کان پوءِ هليو وڃي ٿو ويهه ايڪويهه صديون پٺتي، گوتم ٻڌ جي يگ ۾ ۽ وري يارهين صديءَ جي زين مستڪ اتيشا تائين موٽ کائي ٿو، جنهن ٻڌ ڌرم جي جڙن کي وڌيڪ پختو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هُن جا سڌانت ڪجهه مختلف هئا. ان بعد ڀارت جي ڀڳتي ڌارا سان واسطو رکندڙ ڪوين جون مختصر جهلڪون پيش ڪيون وڃن ٿيون. ڌرم ڇا آهي؟ سچ ڇا آهي؟ اهو سوال وري وري اُٿي ٿو ۽ اسين ان جو خلاصو ڪرڻ چاهيون ٿا - ڌرم جي وياکيا ڪندي اسين ڪنهن نتيجي تي پهچون ٿا. اهو ڇا آهي؟

گوتم ٻڌ کان وٺي اوشو تائين سيني ذڪر ڪيل رهبرن ساڳي ڳالهه تي زور ڏنو آهي - 'اهم برهم اَسمي' جنهن کي گهڻو اڳ ويدانتين چيو هو- 'ايس ڌممو سنتنو' گوتم ٻُڌ چيو ۽ پوءِ صوفين 'اناالحق' جو نعرو بلند ڪيو. 'مان برهم آهيان'، 'مان حق آهيان' اها ساڳي ڳالهه گوتم ٻڌ چئي، ساڳي ڳالهه ڪبير پنهنجي ڪويتائن ۾ چئي، ميران ان کي ڳايو، گرو نانڪ ان تي پنهنجا 'هستاڪشر' (دستخط) ڪيا- 'ايڪو انڪار' چئي، شاهه عبداللطيف چيو 'اکر پڙهه الف جو ٻيا سڀ وسار'

سچل سيني سڌن جو پڙاڏو بڻجي آيو.

ڪانهه چوڻ جهڙي، سا مان چوان ڪيئن

قصو آهي هينئن، هيءُ ۽ هو هڪ ٿيو.

آگسٽ ٢٠١١ — ريٽا شهاڻي

7, Floriana Estate,
Boat Club Road,
Pune-411001

توڙي ذهني پاڻکي سامهون رکڻ چاهيان ٿي. اهو ضروري ناهي ته سيني ڳالهين کي سمپورڻ ريت سان مڃيو وڃي يا سندس خيالات سان سهمت ٿجي. مون سندس زندگيءَ جي اهم واقعن جي چونڊ ڪري وچ ۾ سندس ويچارن کي تحرير جو روپ ڏيئي سندس زندگيءَ جي تصوير کي چٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

مون پنهنجي پستڪ 'سفر در سفر' ۾ اوشو ڪميون جو جيڪو ۴۰ صفحن ۾ اکين ڏٺو احوال ڏنو آهي، اهو هن پستڪ ۾ شامل ناهي.

رجنيش پاڻ گوتم ٻڌ جو شايق هو. هو اڪثر پنهنجي تقريرن ۾ ٻُڌتوَ جو بيان ڪري ٿو. ڪميون جي مکيه هال جو نالو ئي 'ٻُڌا هال' آهي. اوشو جي جيوني لکندي لکندي گوتم ٻڌ جي چوٽين جو ورنن ڪندي ڪندي، منهنجي قلم هڪ وڏي اُڏام پري ۽ اهو ٻڌ يُگ ۾ پهچي ويو. اها هڪ وڏي ڇلانگ هئي، جنهن ويهين صدين (۲۰۵۰ سالن) جو مفاصلو اُٻتي طرف طئه ڪيو، يعنيٰ مون کي پنهنجي ڪتاب روپي ڪئسٽ کي ۲۰۵۰ سالن جو عرصو پنيان وڃڻو پيو، يعنيٰ rewind ڪرڻو پيو آهي. ائين ڪندي مون کي ڪيڏي راحت جو احساس ٿيو اها مون کي ئي خبر آهي، پر منهنجي ڄاڻ ۾ اضافو ٿيو.

ميران ٻائي ۽ ڪبير جو مئٽر ڪنو ڪري لکڻ بعد پنهنجو قلم گوتم ٻُڌ تي نه ڪٽان، ڇا منهنجي لاءِ اهو ممڪن هو؟ گوتم ٻُڌ پارت جو اهو جهونو جوڳي هو، جنهن پارتي سماج ۾ ويدڪ پرمپرائن، ذات پات جي پيد پاوَ جي مخالفت ڪئي، پوڄا پاٺ جي سرشتي جو وروڌ ڪري، براهمڻ شاهيءَ ۾ انقلاب آندو ۽ سنسار کي لوڏي ڇڏيو. مگر هن اهو سڀ شانت ڀاوَ سان پنهنجي شخصي ٻليدان سان ڪيو هو. هن جنگين ۽ لڙاين جي، خونريزيءَ جي مخالفت ڪئي ۽ اهنسا ورتي ڌارڻ ڪرڻ جو اُپديش ڏنو هو. انهن ڳالهين ۾ ڪيس ٻوڌي راجائن مهاراجائن جو سمرٿن مليو هو، خاص ڪري سمراٽ اشوڪ جو، جنهن ٻڌ ڌرم کي دور دراز ملڪن چين، جپان، شري لنڪا تائين پهچايو، جتان وري زين تائومين، ماڻهن اڳيان آندو ويو.

ناناڻو ٻوٽ -ڪِڇوارڙا

انساني جيون ۾، انساني من، ذهن ۽ انترمن ۾ ڪي اهڙيون ڀڄهارتون لڪل هونديون آهن جن کي ڪوشش ڪرڻ سان به هو سلجهائي نه سگهندو آهي. ڪي اهڙيون پروليون آهن، جن جا حل سندس سمجهه جي سيمائن کان ٻاهر هوندا آهن. ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته اسان جي هٿن ۾ ڪُنجي اچي ويندي آهي مگر اها ڪهڙي تالي جي ڪُنجي آهي ان جي سُڌ اسان کي ڪٿي هوندي آهي؟ ان ڪُنجيءَ جو مُلهه هڪ لوهه جي ٽڪري کان وڌيڪ نه هوندو آهي. جيڪڏهن اُها ڪنهن ڪُلف جي چابي آهي ته اهو ڪُلف کلڻ سان اسان کي ڪهڙا خزانا ملندا؟ اهڙا سوال اسان مان ڪيترن جي لاشعوري من جي تهن جي تهن هيٺان دٻيل رهن ٿا. اهي ڪُنجون ڪن سنتن ساڌن جي روپ ۾ به ٿي سگهن ٿيون. مگر اسين مُنجهي پوندا آهيون، ڪنهن کي مڃيون، ڪنهن تي وشواس ڪريون؟ اسين هِتي هُتي ڀٽڪون ٿا من جي شانتي پائڻ واسطي، مگر اها اسان کي نٿي ملي. مٿين سوالن جا جواب پائڻ لاءِ اسان مان ڪيترا آتا هوندا آهن، بيچئن هوندا آهن، چاڻڻ چاهيندا آهن.

اهڙن ويچارن تي غور ڪرڻ واسطي، سوالن جا جواب ڏيڻ ، سمجهائڻ واسطي، هڪ غير رواجي ذهني روُحاني رهبر، انترراشٽريه ناموُس رکندڙ ڪنهن به دقيانوسي مَت کي نه مڃڻ وارو، نانڪنفرمِسٽ، *Nonconfirmist* بيباڪ ۽ اَصولڪا ويچار ڌاريندڙ آچاريه رجنيش هن ڌرتيءَ تي پڌاريو هو. بقول هن جي :-

’ڪوبه رهسيه هميشهه لاءِ رهسيه نه رهندو آهي. هرڪو ڀيد، مانوَ جاتيءَ جي بهتريءَ لاءِ صحيح لمحي، صحيح جڳهه ۽ صحيح شخص جي انتظار ۾ هوندو آهي، جيڪو اچي رهسيه کي کولي. پوءِ اهو چاهي وگيان هجي يا

فهرست

جئن پريوار ۾ ٿيو. اهو بلڪل ننڍڙو ڳوٺ هو، شهري سنسڪرتيءَ کان ڪٽيل سَٽيل ڳوٺ، ٿوريون جهوپڙيون، هڪ تلاءُ جنهن جي چوڌاري سروَقد لنبا لنبا وڻ هئا، جتي ڪو اسڪول ڪونه هو، نڪو ڪو پڪو رستو هو. پوسٽ آفيس ڪانه هئي، ايتري قدر جو ريلوي لائين يا ريلوي اسٽيشن ڪانه هئي. ماڻهن ڪڏهن بس يا موٽر ڪانه ڏٺي هئي. اُتي ڪا اخبار ڪانه ايندي هئي. سڀ خوش هئا آنند ۾ هئا. ڪو ڊاڪٽر ڪونه هو، ڪو بيمار ئي ڪونه پوندو هو، اُتي جي هوا اهڙي تازي ۽ شُڌُ هئي. هو لکي ٿو ته 'ڪو اسڪول ڪونه هو ان ڪري مان نوين سالين تائين اسڪول ڪونه ويو هِوس، جيون جا شروعاتي نوَ سال اڻ پڙهيل رهيس، زندگي ڀر اڻ پڙهيل رهيس. اها منهنجي لاءِ هڪ نعمت هئي.'

حالانڪ اڳتي هلي هن وڏيون ڊگريون حاصل ڪيون. فلاسافيءَ ۾ ماسٽرس جي ڊگري. 'مگر ڪهڙي ڪم جون اهي ڊگريون؟ هر سال هزارين مورک اهي ڊگريون حاصل ڪن ٿا.' اڳتي هلي هن رائپور ۾ ماستري ڪئي ۽ پوءِ جبلپور يونيورسٽيءَ ۾ فلاسافيءَ جو پروفيسر رهيو. مگر اها به هن کي راس نه آئي، ٿوري ئي وقت ۾ پنهنجي مرضيءَ سان پروفيسري تياڳي ڇڏيائين ۽ ڀارت جي رٽن لاءِ نڪري پيو.

هو ڀاشڻ ڏيڻ ۾ پروين هو. جنهن به منچ تان هو ڳالهائيندو هو ماڻهو سڪتي ۾ اچي هن کي ٻڌندا هئا. هن جي واڪيہ ڪُشلتا ۾ ڪا اهڙي مقناطيسي شڪتي هئي جيڪا ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي هئي.

ٻالڪپڻ کان هو سونهن جو پوڄاري هو. دل سان شاعر، دماغ سان فلاسافر ۽ باغي سُڀاءَ وارو هو. هو ٻئي ڪنهن جي ڳالهه ٻڌڻ وارو هو ئي ڪونه، ماٽَن جي به نه. جيڪڏهن ڪير هن کي صلاح ڏيندو هو ته هو بنهه اُن جي اُبتڙ ڪم ڪرڻ لڳندو هو. سندس آتم ڪٿاجي پرڪاش جو نالو ئي آهي A rebel book 'هڪ باغي ڪتاب' هو پاڻ قبول ڪري ٿو ته 'مون پنهنجي مٿان سماج جي ريتين رسمن جو اولڙو پوڻ نه ڏنو. سيني عڪس کي ريٽي ڇڏيم. مان اڄ به هڪ اڻ پڙهيل جهنگلي ڇوڪرو آهيان. مان

’روحاني سنسار.‘

اوشو رجنيش جو جنم ١١ ڊسمبر ١٩٣١ تي ٿيو ۽ هن ١٩ جنوري ١٩٩٠ تي پراڻ تياڳيا. ديهہ تياڳڻ کان ٿورو وقت اڳ هن پنهنجن ويجهن شش کي پنهنجي سماڌيءَ مٿان، هيٺيان الفاظ اُڪرائڻ لاءِ هدايت ڏني هئي:-

OSHO
NEVER BORN
NEVER DIED
ONLY VISITED
THIS PLANET EARTH
BETWEEN DECEMBER 11, 1931- JANUARY 19, 1990

اها ڳالهہ ڌيان طلب آهي تہ هو جنم ۽ مرتيو کي مڃيندو ئي ڪونہ هو، آتما اَجر ۽ امر آهي جيڪا نہ جمي ٿي نہ مري ٿي صرف پنهنجا جسم مٽيندي ٿي هلي، ڌرتيءَ تي اچي گذري وڃي ٿي. سمورو گيتا گيان انهن چند شبدن ۾ سمايل آهي.

پنهنجي ٥٨ سالن جي جيون ڪال ۾ هن مختلف وشين تي هزارين تقريرون ڪيون جيڪي ٦٥٠ پستڪن ۾ سمايل آهن. هن نہ رڳو دنيا ڀر جي روحاني رهبرن- گوتم ٻڌ، مهاوير، ڪرشن، يسوُع مسيح مُحمد (صہ)، زين ماسٽر، ڪبير، نانڪ، ميران ٻائي تي ڳالهايو ليڪن جيون جو ڪو اهڙو پهلو ڪونہ بچيو جنهن کي هن اسپرش نہ ڪيو هجي. هن يوگ شاستر، زين فلاسافي، صوفي مت، سياست، ڪلا، شاعري، نفسيات، سيڪس، خطرناڪ بيماريون،(Atomic) *Atomic* ائٽامڪ جنگون، تائو، اڪيچار وشين تي تفصيلوار ڀاشڻ ڏنا. هن جا ڪتاب دنيا ڀر جي ٥٨ کان وڌيڪ ٻولين ۾ ترجمو ٿيل آهن ۽ هرهنڌ بيسٽ سيلر رهيا آهن. پوني ۾ برپا ٿيل سنڌس اوشو انٽرنئشنل ڪميوُن ۾ هر وقت سوَن هزارن جي تعداد ۾ ٽوئرسٽ اچن ٿا. هن جي ايجاد ڪيل ڌيان جي سيشنس ۾ شرڪت ونن ٿا، نچن ٿا، جشن ملهائين ٿا، ڌيان ۾ لين ٿين ٿا، زمان حال ۾ جيئن ٿا، حظ حاصل ڪن ٿا ۽ سڪون پائين ٿا.

سندس جنم مڌيہ پرديش جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڪچواڙا ۾ هڪ

سمائجي وڃڻ' اوشئنڪ ان تجربي مان گذرڻ جي ڪريا آهي ۽ جيڪو ان تجربي مان لنگهي ٿو يعنيٰ ڪرتا آهي اهو آهي 'اوشو'. ان شبد جي هڪ بي بہ معنيٰ آهي. ڏور مغربي ملڪن ۾ جهوني پرمپرا موجب ان جو ارٿ آهي 'اهو سڀُورو انسان جنهن جي مٿان آسمان پُشپن جي ورکا ڪئي هجي.' هڪ ٻيون مت رائج آهي ۽ اُهو اِهو تہ جپان ۾ ٻُڌ پيُوان جي هڪ روپ جو نالو 'اوشو' آهي.

ڪِچواڙا ڳوٺ جو هڪ نظارو-

ڳوٺ ۾ هڪ جهونو تلاءُ آهي، جيڪو قديم قداور دَراز عمر وارن درختن سان گهيرِيل آهي ۽ چوڌاري آهن وڏا وڏا پٿر ۽ چٽانون. اگهور شانتي!

The Ancient Pord
Frog Jumps in
Plop!

قديم تلاءُ
ڏيڏر ٽپو ڏئي ٿو
'ڇَپڪ' جو پرلاءُ.

ڏيڏر صبوح شام ۽ رات اُن تلاءَ ۾ ٽپا ڏيندا رهندا آهن ۽ آواز ايندو آهي 'ڇَپڪ' اهو ڇپڪ وارو آواز ان شانتيءَ کي وڌيڪ گَهرو ۽ معنيٰ خيز بڻائيندو آهي. جنهن اُن آواز جي گَهرائيءَ کي سڃاتو، هن لاءِ ڄڻ تہ موکش جو دروازو کلي ويندو.

'قدرت جي سنهڙن تفصيلن، مُبهم حرڪتن ۽ آوازن طرف سچيت رهڻ وارو ماڻهو 'جاڳرت' ڪري سڃاتو وڃي ٿو، اهڙو اشارو اسانکي ملي ٿو اوشو جي مٿئين بيان مان.

هنس پاڻيءَ ۾ ترن ٿا

The wild geese
Do not intend to make their reflections
The water has no, mind to receive the images
But it happens!

هنسن جو ارادو ڪونہ هوندو آهي تہ سندن پاڇا پاڻيءَ تي پوَن، نہ ئي

پنهنجي ڳوٺ مان بلڪل خالي نڪتو هوس، منهنجي مٿان ڪجهه به لکيل نه هو. مون ڪنهنکي به پاڻ مٿان ڪجهه لکڻ ڏنو ئي ڪونه. ماڻهو ته هردم تيار ويٺا آهن متاثر ڪرڻ لاءِ، هو ضد پڻ ڪن ٿا ته اسين ڪين ڇڏون، هو اسان تي لکن. مون پاڻ کي خالي رکيو بلڪل بلئنڪ. جيڪڏهن وچ ۾ ڪجهه لکجي به ويو ته مون انهن اکرن کي ڌاهي ڇڏيو آهي صاف سليٽ وانگر. در اصل مون ان ديوار کي ئي ڪيرائي ڇڏيو آهي، جنهن تي ڪو مون تي لکي سگهي.'

هو پرڪرتيءَ جي سندرتا جو شائق آهي. سج اُڀرڻ، سج لهڻ، سج جي سموري ڏينهن جو سفر، چنڊ جي چانڊوڪي، پهاڙ، پهاڙن تي برف ڪرڻ جا نظارا، هماليه پهاڙن جون گگن کي چمندڙ چوٽيون، آڪاش جا مختلف رنگ- نيرا، پيلا، گلابي، نارنگي، واڱڻائي هن کي منتر مُگڌ ڪن ٿا. هو سوچڻ لڳي ٿو قدرت اهڙي سُهڻي آهي، دلڪش آهي، پُرڪشش آهي، پوءِ ماڻهو مندرن ۾ ڇوٿا وڃن؟ ايشور ته هتي آهي، قدرت جي سونهن ۾ آهي، روپ ۾ آهي رنگ ۾ آهي، اسانجي انگ انگ ۾ آهي. پوءِ مورتي پوڄڻ جو ڪهڙو ضرور؟

هو ايشور جي ساڪار روپ کي ناڪاري ٿو. هو ڌيان دئاران موڪش پائڻ جا رستا ٻڌائي ٿو. هن جي ڪميون ۾ 'ٻڌا شڪتيءَ' جو سنچار آهي. هن جي وڏي شاهي هال جو نالو ئي 'ٻڌا هال' آهي. گاردن ۾ چوڏاري ٻڌ ڀڳوان جا ننڍا وڏا اسٽيچوز آهن. بقول هن جي هر شخص ۾ 'ٻڌ' بڻجڻ جي صلاحيت آهي. هو ماڻهن کي ان منزل تائين پهچڻ جا ڏس پتا ڏئي ٿو، هو هر ڳالهه کي پنهنجي نظريي سان ڏسي ٿو. ڪيس پنهنجو اصلوڪو وِيَن آهي، مشاهدو آهي. سنسار ڀر ۾ ڦهليل سندس هزارين شش هن جي خيالات ۽ مشاهدي کي قبولين ٿا ۽ هن جي ٻڌايل راهه تي هلي رهيا آهن.

ويهين صديءَ جي نائين ڏهاڪي ۾ هن کي 'ڀڳوان رجنيش' جي نالي سان مخاطب ڪيو ويو هو. ان بعد هو 'اوشو' جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ اڄ به آهي. هن ان لفظ جي معنيٰ سمجهائيندي چيو آهي 'اوشو' وليم جيمس جي 'اوشئينڪ' مان نڪتو آهي جنهن جو مطلب آهي 'سمنڊ ۾

ٻالڪپڻ

(هتي ڏنل هن جي جيون جون وارتائون سندس ئي ٻڌايل تقريرن تي آڌارت آهن.)

’مان ڪنهن بہ ديش جو نواسي ناهيان، مان ڪنهن بہ ڌرم جو انُيايي ناهيان، مان ڪجهہ بہ ناهيان. منهنجي سفر مون کي اهڙي هنڌ تي آندو آهي جتي مون سڀ ڪجهہ تياڳي ڇڏيو آهي. مون کي نہ گهر آهي نہ گهاٽ. مان ڪير بہ ناهيان. مان شونيہ آهيان.‘ ائين چوي ٿو شري اوشو رجنيش.

’مان دنيا جو پهريون وَرلڊ سٽيزن آهيان. مان سوچي رهيو آهيان تہ انٽرنئشنل پاسپورٽ پرچلت ڪريان. هڪ اهڙو نارنگي رنگ جو پاسپورٽ جنهن جو نالو هوندو ’انٽرراشٽريہ ياتيچارو‘ اهو مان پنهنجي سنياسي ششن کي اِشوُ ڪندس.‘

اهڙا هئا اوشو جا ويچار ۽ ارادا.حالانڪ هو انهن اِرادن کي عمل ۾ آڻي نہ سگهيو مگر هن جي ويچارن جو ڪنهن خاص طبقي کُليءَ دل سان سواگت ڪيو هو.

سڀ ڄاڻن ٿا تہ اوشو باغي ويچارن وارو هو. سموري زندگي هو باغي رهيو ۽ مرڻ پڄاڻا بہ رهيو هوندو. چاڪاڻ تہ هو پاڻ چوي ٿو - ’مان ديهہ ڇڏڻ کان پوءِ بہ پنهنجن پيار ڪرڻ وارن هزارن دماغن ۾ بغاوت جا ٻج پوکيندو ايندس. اوهين ڄاڻو ٿا تہ مان ائين ڪري سگهان ٿو. منهنجي مرتيو کان پوءِ بغاوت قائم رهندي ۽ وڌندي ويندي. ان وقت مون کي وڌيڪ شرير هوندا، وڌيڪ آواز هوندا، وڌيڪ هٿ هوندا جيڪي بغاوت ۾ مٿي کڄندا.‘

اوشو پنهنجي مائٽن جي ٻارهن ٻارن مان هڪ هو ۽ سيني کان وڏو.

پاڻيءَ کي پاڇن پڪڙڻ جو موهه هوندو آهي
پوءِ به پاڇا پاڻيءَ تي پون ٿا
۽ اهو خوبصورت آهي.
جڏهن سوچي سمجهي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته اها ساڌارڻ آهي
جڏهن بنا چاهڻ جي پاڻهي ٿي وڃي ٿي ته
اها خوبصورت بڻجي ٿي پوي.
اهوئي فرق آهي ڪرڻ ۾ ۽ ٿيڻ ۾
اهوئي فرق آهي وگيان ۽ روحاني سنگت ۾
۽ اهڙو آهي اوشو انٽرنئشنل ڪميون.

جئن ڏرم جا ۽ جئين ڏرم موجب ماڻهو ته ڇا، ڪنهن ڪيڙي ماڪوڙي کي به مارڻ جي اجازت ناهي هوندي. هو اهنسا ورتيءَ جا ڪٽر پالڻ وارا هئا. جيڪڏهن نانو ان ڳالهه تي اعتراض اُٿاريندو هو ته ناني فورن فرمائيندي هئي 'پوُرا، جيڪڏهن تو گولي نه هلائي ته مان توتي گولي هلائي توکي ماري ڇڏينديس' اهڙيءَ طرح نانيءَ جو حڪم گهر ۾ هلندو هو، سدائين.

رجنيش، ڪنهن به نام نهاد سنتن، ساڌن، مذهبي اڳوانن کي نه مڃيو. هن جو چوڻ هو ته 'جيترو نقصان انسان ذات کي هنن پهچايو آهي بئي ڪنهن نه پهچايو آهي.' هن کوکلين مڃتائن، دقيانوسي پرمپرائن جي خلاف بغاوت ننڍڙي ڄمار کان وٺي شروع ڪئي هئي، جڏهن هو صرف ستن سالن جو هو. هن ڪهڙي نموني بغاوت ڪئي ان جو نمونو هتي پيش آهي -

هنن جي ڳوٺ ۾ صرف ڪچا مڪان ۽ جهوپڙيون هيون. پڪو مڪان صرف هڪڙو هو ۽ اهو رجنيش جي ناني جو هو، سوبه اڌ ڳابرو پڪو هو. اُتي صرف هڪڙو جئني پريوار رهندو هو ۽ هڪڙو پڪشوُ هو جنهن جو نالو هو شانتي ساگر. جئني پرمپرا موجب پڪشوُ صرف بکيا تي گذران ڪندا آهن. هو پاڻ کاڌو ڪونه رڌيندا آهن، بئي ڪنهن جئني پريوار ۾ وڃي پوڄن ورتائيندا آهن. سو اهو شانتي ساگر هنن جي گهر اچي پوڄن ورتائيندو هو. هڪڙي ڏينهن ان ٻالڪ رجنيش هُن کان اهڙا آڏا اُبتا سوال پڇيا جو هو مُنجهي سوڙهو ٿي پيو. اول هن سان شرط ٻڌائين- جيڪڏهن هو سندس سوالن جو جواب نه ڏيئي سگهيو ته هن کي بيعزتو ٿي گهر ڇڏڻو پوندو نانيءَ به هن کي ان ڳالهه ۾ وٺايو. سوال هو 'توهان جو چوڻ آهي ته صرف ڏٺل ڳالهه تي اعتبار ڪرڻ گهرجي. آهي ائين يا نه؟'

'ها، آهي ائين'.

'۽ ساڳئي وقت اوهين نرڳ ۾ ملندڙ ياتنائن جو بيان ڪريو ٿا. ڇا توهين اُتي ويا هئا؟' هو جواب ڏيئي نه سگهيو.

'توهين جيڪڏهن اُتي ويا هئا ته موٽي ڪيئن آيا؟'

شانتي ساگر اهڙو ڪُڇي جهڙي پِٽ.

پٽ هو. سندس مائٽ سادا سودا ڳوناٺا هئا. بقول هن جي سندس ماتا پتا جو پاڻ ۾ بهترين پيار جو سنبنڌ هو. هو ٻئي هڪ ٻئي جي تمام ويجهو هئا. هن ڪڏهن به هنن کي وڙهندي يا وواد ڪندي ڪونه ڏٺو هو. ليڪن صحيح معنيٰ ۾ سندس نانيءَ هن جي لاءِ ماتا جو ڪردار ادا ڪيو هو. هن جا ٻالڪپڻ جا توڙي شروعاتي جوانيءَ جا سال ناناڻي گهر ۾ گذريا هئا. نانيءَ هن کي پرپور پيار ڏنو ۽ پرگهور لڌي. رجنيش جي جيون تي، ويچارن تي گهڻي ۾ گهڻو اثر نانيءَ ڇڏيو هو. سندس آتم ڪٿا ۾ گهڻي ۾ گهڻو ذڪر سندس نانيءَ جو اچي ٿو. هوءَ پاڻ هڪ بهادر، ذهين، اساڌارڻ ويچارن واري عورت هئي. هن پنهنجي ڏوهٽي جي شرارتن، ڏنگاين، مستين کي نه رڳو قبول ڪيو پر ڪيس اُتساهيو پڻ ۽ هر وقت ساٿ ڏنو. ڪنهن وقت ان ڳالهه کي وٺي سندس پتي (ناني) سان جهڳڙو به ٿي ويندو هو. هوءَ پنهنجي ڏوهٽي جو پاسو کڻي مڙس سان به وڙهي پوندي هئي.

ڳوٺ ۾ آمدرفت جي واهڻن جي عدم مؤجودگيءَ سبب گهوڙي سواريءَ کان ڪم ورتو ويندو هو. رجنيش، جنهن کي گهر ۾ راجا ڪري سڏيو ويندو هو، جي چوڻ مطابق سندن گهر ۾ چار گهوڙا هئا. هڪڙو سندس، ٻيو ناني جو، ٽيون نانيءَ جو ۽ چوٿون سندن نوڪر ڀوُري جو. ناني نه صرف گهوڙي سواري ڪندي هئي پر بندوق هلائڻ به ڄاڻندي هئي ۽ وقت پوڻ تي استعمال ڪرڻ ۾ سنڪوچ ڪانه ڪندي هئي. ان وقت نئيڙن نويلڪن ڳوٺن ۾ ٻارن کي اغوا ٿيڻ جو گهڻو ڏر رهندو هو. ٽي دفعا نه رجنيش کي ڌاڪن پڇائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ان سبب هردم خبردار رهڻو پوندو هو. جڏهن هو گهوڙي تي سوار ٿي گهر کان ٻاهر نڪرندو هو ته سندس نوڪر ڀوُرو ٻئي گهوڙي تي سوار بندوق سان گڏ سندس پنيان هوندو هو. ڀوري جي رڳن ۾ شايد ڪنهن گوري سولجر جو خون هو جنهن ڪنهن نوڪرياڻيءَ سان ڪنهن زماني ۾ سنبنڌ جوڙيو هو ۽ اها سندس ماءُ هئي. ان ڪارڻ سندس چمڙي گوري ۽ وار ڀوُرا هئا. نانيءَ جو ڀوُري کي حڪم هو ته جيڪڏهن ڪنهن ڌاڪوءَ سندس ٻار کي کڻي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڀورو يڪدم گولي هلائي ان ماڻهوءَ کي مارڻ ۾ دير نه ڪندو. مگر هو ته هئا

’ها، قبول.‘

ڏهن ورهين بعد رجنيش بنارس ويل هو. اُتي گنگا ڪناري تي هن ان جوتشيءَ کي ٻوڍي يڪشو جي لباس ۾ ڏٺو ۽ سڃاڻي ورتو. ساڌوءَ کيس ڪونه سڃاتو، ان وقت هو سترهن ورهين جو جوان هو ۽ هن ۾ جسماني تبديليون اچي چڪيون هيون.

رجنيش جڏهن هن کي ٻڌايو تہ هو ڪير هو تہ جهٽ هن رجنيش جا چرڻ اسپرش ڪيا ۽ چوڻ لڳو ’منهنجي اڳڪتي صحيح نڪتي آهي. تون ٻُڌ پرش بڻجي چڪو آهين، چاڪاڻ تہ تو جيڪو منهنجي پوشيہ لاءِ چيو سو صحيح ثابت ٿيو آهي. مون سپني ۾ بہ ڪونہ سوچيو هو تہ مان ٻوڌي يڪشوُ بڻبس. تو هڪڙي جوتشيءَ کي سندس صحيح پوشيہ ٻڌايو آهي.‘

رجنيش کلندي چيو ’پوءِ ڪٿي آهي منهنجي واچ؟‘

جوتشيءَ پنهنجي ڌوتيءَ جي وَرَ مان هيرن جڙيل واچ ڪڍي ورتي ۽ کيس ڏيندي چيو ’هيءَ مان پاڻ سان ڪٽي گهمي رهيو هوس، ان اُميد سان تہ ڪٿي تون مونکي گڏجي وڃين.‘

ناني تہ اچي ٿهڪن ۾ پيئي. ٻنهي گڏجي هن کي گهر ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو. نانو گهڻو ئي ناراض ٿيو، مگر هن جي هڪ بہ نہ هلي.

ٻئي ڏينهن يڪشوُ ڪاڌو ڪائڻ آيو ئي ڪونہ، ٽئين ڏينهن هن کي اچڻو پيو، ڪاڏي ڪان سواءِ هو ڪيئن رهي؟

رجنيش پهرين هن کي ڪاڌو ڪائڻ ڏنو. ان بعد وري هن مٿان سوالن جي بوڇار ڪئي. هڪوار وري ان ساڌوءَ کي گهر ڇڏي ڀڄي وڃڻو پيو. هو اهڙو ڀڄو جو وري موٽي ڪونہ آيو. هن ٻئي ڪنهن ڳوٺ جو رستو پڪڙيو ۽ ٻئي ڪنهن يجمان کي ڳولهي لڌو.

ان وقت جي بنارس جي هڪ مشهور جوتشيءَ کي ناني دعوت ڏيئي پنهنجي ڳوٺ گهرايو. رجنيش جي عمر ستن ورهين جي هئي. جوتشيءَ سندس جنم پتري تيار ڪري ان ٻالڪ جي گهوشنا ڪئي تہ اڳتي هلي رجنيش 'ٻڌتو' کي پراپت ڪندو. رجنيش ان شبد کي گهڻو استعمال ڪيو آهي، جنهن جو ارٿ آهي نرواڻ حاصل ڪرڻ يعني ڀڳوان ٻُڌ جهڙو درجو حاصل ڪرڻ. جوتشيءَ جي ان پوشيہ واڻيءَ تي نانو اهڙو تہ خوش ٿيو جو هن ڳوٺ ۾ وڏي دعوت ڏني، جنهن تي خوب خرچ ڪيو ويو. نانو پڻ اڻ پڙهيل هو. ڪيس 'ٻُڌ' شبد جي معنيٰ جي بہ ڄاڻ ڪانہ هئي. جڏهن ڏوهٽي ناني کان سوال ڪيو:

'نانا 'ٻُڌ' جو مطلب ڇا آهي؟'

تہ هن جواب ڏنو 'مطلب تہ عقل وارو يعني 'ٻُڌيءَ وارو'

جنهن جواب تي ڏوهٽي خوب کليو.

تنهن وقت ئي ستن سالن جي ڄمار واري رجنيش، ان جوتشيءَ جي اکين ۾ نهاري جوتشيءَ جي پوشيہ واڻي ڪئي هئي. 'اوهين اڳتي هلي ٻوڏي يڪشوُ بڻبا.'

جوتشي اچي ٿهڪن ۾ پيو 'مان يڪشوُ؟ ناممڪن!'

رجنيش وراڻيو 'شرط ٻڌندا؟'

جوتشي شرط ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي ويو 'جيڪڏهن تنهنجي اڳڪٿي صحيح ثابت ٿي تہ مان توکي هيرن جُڙيل واچ ڏيندس. قبول؟'

ئي سنتان هئي. رجنيش جي ماتا پتا جو ڳوٺ ٺورو وڏيڙو هو جتي اسڪول هو ۽ اسپتال پڻ. هنن فيصلو ڪيو بيمار ناني کي ان ڳوٺ ۾ وٺي وڃڻ جو. اُتي وڃڻ جو واحد هو صرف ڏڳي گاڏي. رستو ڪچو ۽ ڪڏن - کوبن وارو. سو ناني کي، رجنيش ۽ سندس نوڪر ڀورو ۽ ناني ڏڳي گاڏيءَ ۾ وجهي ڳوٺ طرف هليا. گاڏيءَ جي رفتار سُست هئي ۽ رستي تي گهڻا جهوٽا هئا. اهو ڏڳي گاڏيءَ جو سفر جنهن ۾ سندس بيمار نانو، ناني، ڀورو ۽ پاڻ شامل هئا، هن جي زندگيءَ جو مهتوپورڻ واقعو بڻجي پيو. نانو بي-آرام هو، بيچئن هو ۽ هو نيم بيهوشيءَ ۾، وري وري چئي رهيو هو 'ڦيٿي کي اُبتو ڦيرايو، چڪري کي اُبتو ڦيرايو.'

'ڏڳي گاڏيءَ جو ڦيٿو اُبتو ڪيئن ڦيرائبو؟' رجنيش سوچي رهيو هو. 'ڀائي اسانکي ته اڃا ڊگهو سفر وڏو آهي، وقت نه وڃائڻو آهي، ڊاڪٽر وٽ جلد پهچڻو آهي' ۽ نانو چوندو ويو 'ويل اُبتو ڦيرايو!'

اچانڪ رجنيش کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي. 'ناني جو ڦيٿي سان ڪجهه ٻيو مطلب آهي، گاڏيءَ جو ڦيٿو نه ، ڪو ٻيو ڦيٿو. ڪرمن جو چڪر، جيون - مرتيو جو چڪر ڦيرايو، پر ڪيئن ڦيرائجي؟'

موت پڄاڻي ناهي، هڪ موڙ آهي. هڪ جسم کان ٻئي جسم تائين پهچڻ وارو ٽپو آهي. مغربي فلاسافرن ان کي 'چڪر' جو نالو ڏنو آهي جيڪو هروقت گول گول ڦري پيو. ان کي روڪي سگهجي ٿو پر نه ان وقت جڏهن ماڻهو مرڻ ڪنڌيءَ تي آهي ۽ نانو ان ڳالهه کي دُهرائي رهيو هو 'چڪري کي اُبتو ڦيرايو!' هو پاڻ ڦيرائي نٿي سگهيو، هن کي ٻئي ڪنهن جي مدد جي ضرورت هئي.

اچانڪ ان نوين سالي جي اڻ پڙهيل ٻار جي مک مان هڪ عجيب ڌاري ٻوليءَ جا ٻول نڪرڻ لڳا. شايد هن کي پنهنجو اڳيون جنم ياد اچي ويو هو. اهي 'تبيت' ملڪ جي ٻوليءَ جا منتر هئا. بنا سمجهه جي هو اهي منتر اُچاريندو ويو. نانو شانت ٿي ويو، هن جي بيچئني گم ٿي ويئي ۽ ان شانت اسٿتيءَ ۾ هن پنهنجا پراڻ تياڳيا.

اها ته ڪجهه سالن بعد ئي هن کي پروڙ پيئي ته هن ان وقت تبيت

نانو ۽ ناني - ڪرمن جو چڪر

اوشو جي نانيءَ جو جنم ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ٿيو هو. اوشو جو جنم ١٩٣١ع ۾ ٿيو هو جنهن وقت هوءَ ٽيهن پنجٽيهن ورهين جي هوندي. هوءَ پنهنجي زماني جي هڪ غير رواجي آزاد خيال عورت هئي. هوءَ پنهنجي جوان ڏوهٽي لاءِ دنيا جي ڀلين بُرين چيزن جي تجربن پرائڻ جي فائدي ۾ هئي. هن جوان رجنيش کي کاجورُاهو جي غفائن ۾ وڃڻ لاءِ همٿايو. اُتي پراچين ڀارت جا تراشيل بُتَ آهن. اَڌ ننگين عورتن جي جسم جي وروڪڙن واريون، ڪام واسنا کي جاڳائڻ واريون، پٿر جون مورتون، عورتن ۽ مردن جي مُدرائن واريون اهڙيون ڪلاڪرتيون جي جڳ پرسڌ آهن. هن بار بار پنهنجي ڏوهٽي کي اُتي موڪليو ۽ ڀارتيہ ڪلا پکش طرف ڌيان ڇڪايو ۽ هن ۾ اهڙي رُچي پئدا ڪئي.

جڏهن هنن جي ڳوٺ ۾، شهر مان هڪ ناچڻي (رقاصہ) آئي تہ هن جوان رجنيش کي ان وٽ وڃڻ لاءِ زور ڀريو، صرف ناچ ڳاني جو مزو چکڻ واسطي. اها بي ڳالهہ آهي تہ رجنيش کي اهڙو هلڪڙو ماحول ۽ غير معياري سنگيت ۽ ناچ جو مظاهرو پسند نہ آيو ۽ محفل کي اڌ ۾ ڇڏي گهر هليو ويو ۽ وري ان پاسي پير نہ ڌريائين.

ان نانيءَ ئي هن کي پهريون ڀيرو وائين پيئڻ لاءِ همٿايو، سگريٽ پنهنجي هٿن سان دُکائي هن کي ڏنو. رجنيش انهن بنهي شين کي ٺوُڪاري ڇڏيو. شايد ناني اڳي ئي ڄاڻندي هئي تہ هن جو ردعمل اهڙو ئي ٿيندو ورنا هوءَ اهڙو جوکم جو ڪم ڪيئن ڪري ها؟ پوءِ بہ هن جي همٿ، اُداردلي ۽ ترقي پسند ويچار حيرت ۾ ضرور وجهن ٿا.

رجنيش جو نانو سخت بيمار ٿي پيو. ڳوٺ ننڍڙو هو، جتي نہ ڪو ڊاڪٽر هو ۽ نہ ئي ڪا اسپتال. رجنيش جي ماتا، ناني نانيءَ جي هڪڙي

اسڪول ۾ نئين دوستي
گدرواڙا ڳوٺ

’آخر سچ ڇا آهي؟‘ اهو سوال بار بار من مان مٿو ڪڍندو آهي. ’شبدن کي سچ ٻڌائڻ جي سگهه ناهي هوندي، اهي سچ ٻڌائي ئي ڪونه سگهندا.‘ اهڙا آهن اوشو جا وچن. ’سچ کي خود پاڻ ۾ پنهنجي دوارا محسوس ڪرڻو آهي. اها هڪ اُنڀوتي آهي، جيڪا اندر ئي اندر روشناس ٿيندي آهي.‘

اوشو کي ڪنهن سندس جنم ڏينهن تي واڌايون ڏنيون. هن چيو، ’اڄ جنم ڏينهن، مرتيو ڏينهن پڻ آهي. اسان جي جنم سان ئي اسان جي مرتيو طرف ياترا شروع ٿئي ٿي. ڏيمي ۽ لنبي ياترا! هرهڪ جنم ڏينهن اسان کي مرتيوءَ جي ويجهو آڻي ٿو. مگر جيڪو ڪجهه اندر (آتما) آهي ان جو يقينن جنم ڪونه ٿيو آهي ۽ ان ڪري ان جي مرتيو به نٿي ٿي سگهي.‘

مگر جنهن وقت سندس ناني جو سندس ئي گود ۾ ديهانت ٿيو هو ان وقت هو صرف نوَن ورهين جو هو. سندس وفادار نوڪر ڀورو، ناني جي مرتيو جي ٢٤ ڪلاڪن اندر ئي گذاري ويو. اهڙو هو هن جو ناني سان اٽوٽ لڳاءُ. ان بعد نانيءَ پنهنجي ڳوٺ وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ڌيءَ نانيءَ يعني رجنيش جي ماتا پتا جي گهر ۾ رهي پيئي. رجنيش کي نه چاهيندي به مجبورن اُتي ئي پنهنجي مائٽن جي گهر رهڻو پيو.

سندس پيءُ جي ته شروع کان ئي مرضي هئي ته رجنيش کي اسڪول ۾ ڀرتي ڪيو وڃي. سو هن کي زبردستي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون.

رجنيش اسڪول جي ڦاٽڪ جي ٻاهران پيءُ سان گڏ بيٺو هو ۽ اندر

جي ’باردو ٿوڊل‘ منترن جو اُچارڻ ڪيو هو. تبيت ۾ ائين مڃيو ويندو آهي تہ انتم سميہ، ان منتر جو جاپ ڪرڻ سان ڦيٽي يعني جيون چڪر جو ڦرڻ بند ٿي ويندو آهي.

انهن شبدن جي معنيٰ هن ريت آهي - ’شانت ٿي وڃ. پنهنجي مرڪز تي موٽي وڃ ۽ اُتي ئي رھہ. سرير کي پل ڪجھہ بہ ٿئي، تيئن ڏي، هستڪشيپ (دست-اندازي) نہ ڪر. ياد رک اهوئي تنهنجو اصلي سُڀاءُ آهي. صرف ساکشي بڻيو رھہ، ڏسندو رھہ، بس!‘

نانو اڻ پڙهيل هو ڪيس تبيت جي ٻولي ڪانہ ايندي هئي. ڪيس تہ اها بہ خبر ڪانہ هئي تہ تبيت ڪهڙي جڳهہ جو نالو آهي. ناني کي تہ ڇا، رجنيش کي بہ ڄاڻ ڪانہ هئي تہ هو ڇا چئي رهيو هو، پوءِ بہ هو ناني کي شانت ڪري سگهيو هو، جنهن سکون سان پنهنجا پراڻ تياڳيا.

ڪرايو. اهڙي طرح رجنيش پنهنجي مشن ۾ ڪامياب ويو.

ان اوچي پد واري وڪيل سان، جنهنجي عمر ان وقت اٽڪل پنجاهه ورهيه هئي، ان ڏينهن کان وٺي رجنيش جو هڪ انوکو اساڌارڻ رشتو جُڙي ويو. دنيا جي مشهور منووگيانڪ ڪارل‌جنگ ان رشتي کي سِنڪرونسٽي Syncronicity جو نالو ڏنو آهي. عام لفظن ۾ اسين جنهن کي ٽيليپيٿي چوندا آهيون مگر هيءُ رشتو ان کان گهڻو شديد ۽ شڪتيشالي آهي ۽ اهڙو ئي ان شبد جو ارٿ آهي. ان ۾ هڪ مبهم روحانيت سمايل آهي.

سِتار ساز جي تارن کي سُرن ۾ وجهڻ وقت ٽِيوُنِ ڪرڻو پوندو آهي ۽ تڏهن تارون هم - آ هنگ بڻجي سُريلو سُر پئدا ڪنديون آهن.

اهڙي طرح جڏهن ٻن پراڻين جي وچم ۽ چوڏاري لهرن ۾ ٽُز تال ميل ايندو آهي تہ هو هڪ ٻئي جي دل جي ڳالهہ، هڪٻئي جا ويچار، هڪٻئي جو درد ۽ خوشي سمجهي سگهندا آهن، جاڻي سگهندا آهن، پڙهي سگهندا آهن.

هڪ غزل جون سٽون هن ريت آهن-

معجزائي محبت وو دن دِکائي مجهي،
ڪِ سَنگ تجهہ پي گِري، اوُر زخم آئي مجهي.

عشق جو جادو ڪجهہ اهڙو رنگ ڏيکاري
جو پٿر توتي ڪري ۽ چوٽ مون کي لڳي.

نِدا فاضليءَ جو وري هڪ دوهو هن ريت آهي-

مئن رويا پرديس مين، رويا 'مان' ڪا پيار،
دِل ني دِل سي بات کي، بِن چٽي بِن تار.

پهريون بہ سٽون عشق محبت جي باري ۾ آهن ۽ ٻيون سٽون آهن ماءُ جي پيار بابت.

مگر رجنيش ۽ شنيوُ ڏُٻي جي وچ ۾ جيڪو رشتو هو اهو نہ عشق جي صِف ۾ اچي ٿو نہ ماءُ جي پيار جي قطار ۾، اهو تہ هڪ ٻئي قسم جو رشتو آهي جنهن جو ڪو نالو آهي ئي ڪونہ.

هڪ ٻيو گيت آهي-

ڳهڙڻ کان انڪار ڪري رهيو هو، 'هيءَ پاٺشالا ناهي، هيءُ قيدخانو آهي!' هو ور ور چئي رهيو هو 'سڀ اسڪول جيلن کان گهٽ ناهن هوندا مان ڪونه ويندس.' هو ضد ڪري رهيو هو پر پتا به پنهنجي فيصلي تي اٽل هو. نيٺ هن کي پتا کي چوٽو پيو 'مان پنهنجي مرضيءَ سان ته اندر ڪونه گهڙندس، توهين ڀل منهنجي ٻانهن پڪڙي، مون کي زبردستيءَ ڳِهلي وٺي هلو. بس ان کان وڌيڪ مان ڪجهه به ڪونه ڪري سگهندس. گهٽ ۾ گهٽ ائين چوڻ جهڙو ٿيندس ته مان پنهنجي مرضيءَ سان اندر ڪونه گهڙيو هوس.' رجنيش جي رڳ رڳ ۾ بغاوت ڀريل هئي.

هن جي چوڻ مطابق سندس ڪلاس ماسٽر ياري پرڪم ٻٽ وارو، هڪ اک وارو جهونو ۽ ظالم ماسٽر هو. جنهن رجنيش جي پتا ۽ ڏاڏي کي به پڙهايو هو. هو ننڍڙن ٻارن کي ري گناهه ماريندو هو ۽ سزائون ڏيندو هو. هن پهرئين ڏينهن ئي رجنيش کي سزا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. رجنيش سڌو هيڊماسٽر وٽ لنگهي ويو شڪايت ڪرڻ واسطي. سڄي ڳالهه ٻڌائيندي هن عرض ڪيو ته ان ماسٽر خلاف قدم کنيا وڃن.

هيڊ ماسٽر کي ان ماسٽر جي ڪرتوتن جي ڄاڻ هئي، مگر هن مجبوري ظاهر ڪندي چيو 'مون کي سڀ خبر آهي مگر مان ڪجهه ڪري ڪونه سگهندس جو منهنجو پنهنجو ٻار هن جي ڪلاس ۾ آهي. هو منهنجي ٻار کان بدلو وٺندو ۽ کيس گهٽ مارڪون ڏيندو.'

تڏهن هو ڳوٺ جي ميونسپل ڪائونسل جي پريزيڊنٽ وٽ ويو پنهنجي فرياد کڻي. هن به ساڳيو ٻُزدليءَ وارو جواب ڏنو، 'منهنجي ٻارن جو ڇا ٿيندو؟'

پوءِ هو ويو ميونسپل ڪائونسل جي وائيس چيئرمن وٽ. هو اڌ تي ڳالهه ڇڏڻ سکيو ئي ڪونه هو. اهو شخص جيڪو هڪ ناميارو وڪيل جيڪو اهم عهدا ماڻي رهيو هو، هن جو نالو هو شنيوُ ڊُبي، ان شخص وٽان رجنيش کي همدردانو ۽ موافق ردعمل مليو. هو ننڍڙي نوين سالين جي ٻار سان عزت وچان پيش آيو ۽ هن يڪدم ان ڏس ۾ قدم کنيا. هن ان ماسٽر جو ايڪسٽينشن روڪائي ڇڏي ڏينهن ئي کيس نوڪريءَ کان برخواست

تون تہ ان کان بہ وڌيڪ اڪيلو ٿي ويندين ۽ اڪيلو رهندين. ڇاڪاڻ تہ هو تہ جلدي مري ويندو ۽ تون ٻيو ڪو دوست ڪري نہ سگهندين ۽ سڄي عمر اڪيلو رهجي ويندين.'

ناني ڪيڏو نہ سچ چئي ويئي! برابر، رجنيش، شنيوُ بابوءَ کان پوءِ ٻيو ڪو دوست ڪري ڪونہ سگهيو. هن جا هزارين شش ٻٽيا پر دوست هڪڙو بہ ٻڻجي نہ سگهيو. هو بنا ڪنهن دوست جي اڪيلو رهيو.

مئن ني ديکي هئہ اُن آنکون ۾ وفا کي خوشبوُ،
هاٿ سي ڇوُکي اُسي رشتون کا الزام نہ دو،
صرف احساس کرو، روح سي محسوس کرو،
پيار کو پيار هي رهني دو کوئي نام نہ دو.

ها، اهو هڪ رشتو هو، هڪ تندُ هئي جيڪا ۵۰ سالين جي مئچوئرڊ مرد ۽ هڪ نوين سالي جي ٻالڪ ڇوڪري جي وچ ۾ جڙيل هئي. ٻنهي جي وچ ۾ ۴۰ سالن جو فرق هو، مگر ٻئي هڪ ٻئي جي دل جي ڳالهہ سمجهي ويندا هئا. هڪ ليول تي بيهي ڳالهائي سگهندا هئا. هنن جي ويو-لينٿ ساڳي هئي. دور هئڻ جي حالت ۾ بہ هو هڪ ٻئي جي حالت کان هروقت واقف هوندا هئا. اهو گهاٽو رشتو ويهہ سال هليو، شنيو بابوءَ جي مرتيو تائين. ان وقت بہ رجنيش هن جو هٿ پڪڙي وينو رهيو.

پهرين پهرين جڏهن رجنيش پنهنجي ماستر جي شڪايت ڪٽي شنيوُ بابوءَ جي آفيس ۾ گهڙيو هو تہ هو پنهنجي ڪرسي ڇڏي ادب ۾ اُٿي بيٺو ۽ ان ٻار کي چيو هو- ’مهرباني ڪري ڪرسيءَ تي ويهو.‘ ان وقت رجنيش کي حيرت ٿي هئي تہ ايڏي وڏي هستيءَ وارو آفيسر ٻار جي اڳيان اُٿي ڇو بيٺو ۽ کيس ايڏي عزت ڇو ڏنائين؟ اڳتي هلي هن اهو سوال ڪئين ڀار هن کان پڇيو هو پر ان جو جواب هو ڏيئي نہ سگهيو هو.

جڏهن ٻنهي جون اکيون ان وقت مليون هيون تہ بہ هو ڪجهہ دير هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهيا، اکيون اٽڪيون رهيون ڄڻ تہ ٻنهي هڪ ٻئي کي سڃاڻي ورتو هو. هنن ٻنهي بعد ۾ ان ڳالهہ تي ويچار بہ ڪيو هو مگر هو سمجهي نہ سگهيا هئا.

جڏهن رجنيش پنهنجي نانيءَ سان شنيوُ بابوءَ جي دوستيءَ جي ڳالهہ ڪئي تہ نانيءَ روئي ڏنو هو.

’ناني ڇوٿي روئين؟‘

’مون کي توهان ٻنهي تي ڏک ٿي رهيو آهي.‘

’ڇو ڏک ٿي رهيو آهي؟‘

’هو هاڻي اڪيلو رهندو، ٻيو ڪو دوست ڪري ڪونہ سگهندو. ۽ تون؟

(تون شاسترن ۾ وشواس ٿو رکين ۽ مان رکو اهو ٿو مڃان جيڪو مون پاڻ ڏٺو آهي، پاڻ انڀوَ ڪيو آهي. اسين ٻئي ٺهي نه سگهنداسين. اسان ٻنهي ۾ اختلاف آهي)

ٻڌل ۽ پڙهيل ڳالهه ڪوڙي آستڪتا پئدا ڪري سگهي ٿي. خود انڀوَ ڪيل ڳالهه ئي وشواس جوڳي آهي ۽ اها ئي صحيح آستڪتا اُتپن ڪري ٿي.

نوين سالي جي رجنيش ۽ پنجاهه ورهين جي شنيوُ بابوءَ جي پهرين ملاقات ۾ جيڪا اندرين ٻوجهه ۽ سنيهه جو ناتو جڙيو هو اهو ويهه سال هليو. جنهن وقت پنڊت شنيوُ ڏُبي پنهنجا پراڻ تياڳيا. ان وقت رجنيش هن جي پير ۾ هو.

شنيو بابوءَ کي رجنيش سان دوستي ڪرڻ سبب ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌڻيون پيون هيون. خوب ٽيڪاٽپڻي ٿي هئي هنن جي. هن کي پنهنجا اوچ پد ڇڏڻا پيا هئا. ڳوٺ جي ميئرشپ کي تياڳڻو پيو هو، مختلف سنستائن جي پدن تان هٿ ڌوئڻا پيا هئا. هن خوشيءَ سان خود ئي استيعفائون ڏنيون هيون. هو پاڻ هڪ سٺو ڪوي هو، ليکڪ هو، ڪهاڻيڪار هو. هن ناٽڪ به لکيا هئا مگر ڪڏهن به پنهنجن رچنائن کي ڇپائڻ جو موهه نه رکيو هو ۽ نه ئي پنهنجون ڪويتائون ٻين جي اڳيان پڙهيون هيون. سندس گذرڻ کان پوءِ سندس ڪويتائن جو هڪ مجموعو پرڪاشت ٿيو هو. سندس ناٽڪ 'جهانسي ڪي راڻي' جي آڌار تي هڪ فلم تيار ٿي هئي. جنهن کي انترراشٽريه مانيتا ملي هئي. مگر اهو سڀ هن جي وڃڻ کان پوءِ ٿيو هو. هو روز رجنيش کي خط لکندو هو. ڪڏهن ته لفافي اندر ڪورو ڪاغذ وجهي موڪليندو هو ۽ رجنيش هن جا اڻ لکيل الفاظ پڙهي سگهندو هو.

شاعر نصير پنهنجي غزل، جنهن کي عابده پروين ڳايو آهي، چيو آهي -

بڇڙتي وقت ان آنکون مين ٿي هماري غزل،

غزل ٿي وؤ جو اڀي تڪ ڪسي ڪو سُنائي نه ٿي.

(جدا ٿيڻ وقت هن جي اکين ۾ منهنجي غزل هئي، اها غزل جا هيل تائين مون ڪنهن کي ٻڌائي ڪانه هئي)

وچتر مئتري

اوشو جا ويچار تضادي آهن هو پاڻ به تضادي شخصيت جو مالڪ هو. سڀ هن جي مت سان شامل هجن اهو ضروري ناهي. مگر هو پنهنجي اصولن تي پڪو هو. هو شروع کان وٺي گهور ناستڪ هو. بنا ڳالهه سمجهڻ جي هو ڪوبه سڌانت سويڪار ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هوندو هو. نه هن جو ڪنهن تي وشواس هو نه شرڌا. هو ڌارين سيني ويچارن ۽ وشواسن کي رد ڪندو ويندو هو. هن جو ترڪ اهڙو نه تکو هوندو هو جو هن سان بحث ۾ ڪوبه ڪٽي ڪونه سگهندو هو.

هن کان پڇيو ويو، 'ناستڪ ڪير آهي؟ آستڪتا ڇا تيندي آهي؟'
هن جو جواب هوندو هو 'ناستڪتا، آستڪتا جو دوار آهي. نامنظوريءَ سان ئي منظوري ملندي آهي. جڏهن سمپورڻ من سان 'نه' چئي سگهبو تڏهن ئي 'سمپورڻ من سان 'ها' چئي سگهبو آهي. جيڪا آستڪتا ٻين جي چوڻ سان پئدا ٿئي اُها مِٿيا آهي، ڪوڙي آهي. آستڪتا کي تپ سان ئي پائي سگهبو آهي ۽ اُهو تپ (تپسيا) آهي ناستڪتا! جيڪو ناڪار مان بچي ويو اهو هاڪار ڪڏهن به پائي نه سگهندو آهي. سون کي باهه مان تپي ئي لنگهڻو پوندو آهي. ٻئي جي وشواس يا انڀوُ کي قبول ڪرڻ آستا ناهي. جيڪو وشواس پنهنجي ئي انڀوُ کي آڌار بڻائي تو اهو ئي آستا کي پئدا ڪري ٿو ۽ اهو ئي شخص آستڪ آهي.' ائين ئي اوشو ڪيو ۽ پنهنجن ششن کي ڪرڻ لاءِ چيو.

اها ساڳي ڳالهه سنت ڪبير به چئي هئي-

ميرا تيرا مَنوا ڪئسي اڪ هوءِ رَي،
مئن ڪهتا آنکن ديکي، تو ڪاگد کي ليکي رَي.

ناستڪ - ڀڳوان کي نه مڃڻ وارو ۽ **آستڪ** - ڀڳوان کي مڃڻ وارو

’نہ، مون کي ڪجهہ چوڻو ناهي، مون کي تنهنجي وجود کي، تنهنجي اُپستٿيءَ کي محسوس ڪرڻو آهي. منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ پڪڙي مون کي ان کي محسوس ڪرڻ ڏي.‘

جڏهن هن پنهنجون اکيون ابدي ننڊ ۾ پوريون هيون، رجنيش هن جو هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهلي وينو هو. هن جو ساهہ ڇڏڻ کان اڳ وارو اڌ ڪلاڪ، واقعي سندن لاءِ شڌ ميلاپ وارو ڪڻ هو.

نانيءَ جي اڳڪٿي صحيح نڪتي. هزارن جي تعداد ۾ ششن هئڻ جي باوجود، رجنيش ان کان پوءِ بنا ڪنهن دوست جي، مترهيڻ رهيو.

اهڙي هئي بنهي ۾ هڪ ٻئي کي سمجهڻ جي ٻوجهہ.

شنيو باپوءَ سان سمپرڪ رکڻ واسطي رجنيش پرائيويٽ ٽيليفون لائين لڳائي هئي جيئن هو هردم هڪٻئي سان حالي احوالي ٿي سگهن. جڏهن جڏهن بہ پنهنجي دؤرن دؤران رجنيش جي ٽرين ان ڳوٺ مان لنگهي تہ شنيو بابو رجنيش جي مٽن مائٽن سان گڏ اسٽيشن تي مؤجود هوندو هو. اسٽيشن ماسٽر رجنيش جو شش هو، انڪري ٽرين کي وقت کان وڌيڪ بيهاريو ويندو هو، جيئن هن کي کُليءَ دل سان هنن سان گڏجڻ جو ڀرپور وقت ملي سگهي.

رجنيش **دوستي** يعني **مترتا** جو درجو **عشق** محبت کان وڌيڪ اوچو ٻڌايو آهي ۽ **مئتريءَ** (دوستاڻپڻ) کي ان کان بہ وڌيڪ اوچو درجو عطا ڪيو آهي. **مئتري** من جي هڪ اندروني سوڪيم شُڌ پاونا آهي جيڪا هڪ شخص جي من ۾ ٻئي شخص لاءِ اُتپن ٿئي ٿي.

بقول هن جي **عشق** زمين سان جڙيل آهي جنهن کي ڌرتي ڇڪي ٿي انکي *gravity* آهي جڏهن ڪ مترتا ۽ مئتريءَ کي اها ناهي*Friendliness* کي پَرَ آهن، ان ۾ اُڏامڻ جي صلاحيت آهي.

دوستي يعني مترتا، بہ اُڏامي سگهي ٿي مگر ان جي اُڏام طوطي جهڙي محدود اُڏام آهي، هڪ وڻ کان ٻئي وڻ تائين، بس.

مئتريءَ جي اُڏام عقاب جي اُڏام مثل آهي جيڪا ستارن تائين پهچڻ جي سگهہ رکي ٿي.

جنهن وقت رجنيش جبلپور ۾ هو هن کي شنيو بابوءَ جو نياپو آيو 'مون وٽ وقت گهٽ آهي، فورن هليو اچ.'

هو پنهنجا سمورا ڪم ڇڏي پاڻ موٽر ڊرائيو ڪري ۸۰ ميلن جي دوري طئہ ڪري ڳوٺ پهچي ويو. شنيو بابوءَ پنهنجي زال ۽ پريوار کي ڪمري مان ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو. ظاهر آهي هنن کي ڳالهہ نہ وڻي، مگر آخري گهڙين ڳڻڻ واري پراڻيءَ جي ڳالهہ ڪين ميٽي پيئي.

رجنيش هن جي پير ۾ وينو ۽ هن چيو- 'توکي جيڪي ڪجهہ چوڻو آهي مون کي چؤ.'

’سچ جي هڪڙي بوند ڪوڙ جي سموري ساگر کان وڌيڪ شڪتيشالي ٿيندي آهي.‘

سندس سچ جي ڳولها جي تلاش ۽ روحاني وڪاس ۾، کيس ٽن روحاني فقيرن وٽان مدد ملي هئي.

١- مَگا بابا
٢- پاڳل بابا (Magga Baba)
٣- مستو بابا (Masto)

مگا بابا :- هن سان ملاقات سندس ناني جي گذرڻ کان پوءِ ڳوٺ ۾ ٿي هئي. سندس عمر هوندي ٨-٩ سال. ان بابا جي هٿن ۾ هميشه هڪ مگ (وڏو ڪٽورو) هوندو هو، جنهن جو استعمال هو پنهنجي هر ڪم لاءِ ڪندو هو. ان کي پيئڻ لاءِ، کائڻ لاءِ، پئسن وٺڻ لاءِ ۽ ٻين ڪمن لاءِ ڪتب آڻيندو هو. هو هڪ جڳهه کان پئسا وٺي ٻئي جڳهه کي ڏيئي ڇڏيندو هو. پاڻ وٽ ڪجهه ڪونه رکندو هو. هن کي ڪو گهر گهاٽ ڪونه هو. هو ڪنهن سان به ڳالهائيندو ڪونه هو. سڀ کيس گونگو سمجهندا هئا. هو يا ته اِشارن سان ڳالهائيندو هو يا وات سان عجيب آواز (هوُ هوُ، ها ها) ڪڍندو هو. جسماني طرح سان ڪانئس صفائي ڪوهين دور هئي. سنان ڪونه ڪندو هو، ان ڪري ناني کيس پنهنجي گهر کان پري رکندي هئي، ويجهو اچڻ نه ڏيندي هئي. هو سندن گهر کان ڪجهه دور نم جي وڻ هيٺان ويٺو هوندو هو، جتي رجنيش ساڻس گڏجڻ ويندو هو. رجنيش کي هن ۾ هڪ عجيب سندرتا نظر ايندي هئي جنهن جو جسم جي گدلائيءَ سان ڪو تعلق ڪونه هو. هو هن سان لِڪي ڇپي گڏجڻ ويندو هو. ٻين جي اڳيان هو گونگي ٿيڻ جو ناٽڪ ڪندو هو ۽ وچتر ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو هو، مگر رجنيش سان هوندو هو ته بلڪل نارمل نموني سان ڳالهائيندو هو. هو هڪ ٻئي سان مذاق ڪندا رهندا هئا ۽ خوب کلندا هئا.

رجنيش اڪثر ساڻس رات جو گڏجڻ ويندو هو. هن جو ڏيرو هڪ وڻ هيٺان هوندو هو، جتي هو پنهنجي ميرو جهونو بلئنڪيٽ اوڙهي باهه جي اڳيان ويٺو هوندو هو يا ليٽيو پيو هوندو هو ۽ کيس ڏسي ڳالهائڻ لڳندو هو.

مگا بابا ۽ پاڳل بابا

اهو سچ آهي تہ رجنيش جي دستوري تعليم تڏهن شروع ٿي هئي جڏهن هو نوين ورهيي جو هو، تڏهن هن اسڪول وڃڻ شروع ڪيو هو. هن وٽ گهر ۾ ماستر پڙهائڻ ايندو هو، هن کي لکڻ پڙهڻ سيکارڻ. تنهن ڪان سواءِ سندس ناني بہ ڪيس مدد ڪندي هئي. هڪ دفعو هن کي لکڻ ۽ پڙهڻ آيو تہ هن ۾ ڪتابن پڙهڻ جو شوق جاڳيو. پهرين ڪهاڻيون پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ اهي ڪهاڻيون هو ناني کي پڙهي ٻڌائيندو هو. هوءَ ڏيان سان هن کي ٻڌندي هئي ۽ وچ وچ ۾ سوال بہ پڇندي هئي.

هڪ دفعو پڙهڻ جو شوق جاڳيو تہ بس ڪتاب ئي ڪتاب ڪنا ٿيڻ لڳا. ڳوٺ جي لائبريريءَ جا سڀ ڪتاب پڙهي پورا ڪيائين. اسڪول ويو تہ اتي جي لائبريريءَ جا ڪتاب آٿڻ لڳو. ٿورو وڏو ٿيو تہ ڪتاب خريد ڪرڻ لڳو ۽ ڏسندي ڏسندي سندس گهر ۾ لائبريري برپا ٿي ويئي. سندس پڙهڻ جي رفتار ۽ ڳالھ جهٽڻ جي قوت غيررواجي هئي. هن جيڪو علم پرايو هو اهو ماسترن وٽان ڪونہ پرايو بلڪ خود پڙهي پڙهي پرايو هو.

مون کي شخصي طور سان ڄاڻ آهي تہ پرديس وڃڻ ڪان اڳ ١٩٧٠ جي آس پاس اسان جي ڪتابن دوڪان تان سندس شش هر روز ٨-١٠ ڪتاب خريد ڪري ويندا هئا، ٻئي ڏينهن وري ٻيا. وشنو (منهنجي پتيءَ) مون کي ٻڌايو هو تہ هو هر قسم جا ڪتاب پڙهي ٿو، پيپربئڪ ڪان وٺي ٿلهن ڪتابن تائين. ظاهر آهي، جنهن جيون سان وابستہ هر پهلوءَ تي هزارن جي تعداد ۾ ليڪچر ڏنا آهن، جنهن جا ٦٥٠ ڪتاب پرڪاشت ٿي چڪا آهن، ان شخص جو اڀياس ۽ گيان ايڏو ئي وسيع هوندو.

سندس من ۾ هڪڙي وياڪُلتا هئي تہ آخر سچ ڇا آهي؟

لڳو. رجنيش جي تيز رفتار سان هو ورڻ پُڄي نہ سگهيو ۽ سگهو ئي ٻاهر نڪري آيو.

اهو شخص ڪير هو، جنهن سان رجنيش جي پاڻيءَ اندر پڇاڻ تي هئي؟

اهو هو پاڳل بابا!

هو ڏسڻ ۾ پاڳل هو مگر وڏي رُسوخ وارو هو. هن جي پهچ وڏن وڏن ڪلاڪارن ۽ سياستدانن سان هئي. هو پاڻ پهتل ۽ روشن شناس فقير هو. رجنيش ۾ ان روشنيءَ جي جلوي جي ڪيس جاڻ هئي. هو رجنيش جي ڳوٺ ۾ آيو ئي هن سان گڏجڻ جي مقصد سان هو. ڪيس هن لاءِ ڪجهہ ڪرڻو هو ۽ اڳتي هلي هن گهڻو ڪجهہ ڪيو. سندس عمر ان وقت ڏڪ گهٽ ٩٠ سال هئي. عمر جي ايڏي وڏي فرق جي باوجود هو ٻئي پاڻ ۾ ائين ڳالهائيندا هئا جڻ ساڳي عمر جا هئا. ڳوٺ جا ماڻهو هن جي عزت ڪرڻ لڳا هئا. رجنيش جو پتا بہ هن کي پيري پئي گڏجندو هو ۽ گهڻي عزت وچان پيش ايندو هو. پاڳل بابا جي سڃاڻپ وڏن وڏن سنگيتڪارن سان هئي. پاڻ سنگيت جو شيدائي هو ۽ بانسري وڄائيندو هو. مگر اڪيلي ۾ صرف پنهنجي لاءِ، عام ماڻهن لاءِ نہ. هن رجنيش جي سڃاڻپ پنالعل گهوش، پنڊت سچديو ۽ هري پرساد چؤرسيا ڙِن مهان جڳہ پرسڌ بانسري وڄائڻ وارن سان ڪرائي، جيڪي ڪيس مڃيندا هئا ۽ عزت ڪندا هئا. سندس چرڻ اسپرش ڪندا هئا. واقفيت ڪرائڻ مهل هو انهن وڏن ڪلاڪارن کي ننڍڙي رجنيش جا پير ڇُهڻ لاءِ چوندو هو. هنن کي عجب لڳندو هو. پوءِ بہ پاڳل بابا جي آڳيا پالن ڪندي رجنيش جي پيرن کي ڇُهندا هئا. سندس دلي خواهش هئي تہ رجنيش پاڻ بہ سنگيتڪار بڻجي. هن ۾ اها قوت هئي. مگر رجنيش جو چوڻ هو 'سنگيت منهنجي لاءِ نرواڻ پائڻ جو ساڌن ڪونہ بڻبو. اهو تہ صرف هڪ ڏاڪو تي سگهندو منزل پائڻ جو.' حالانڪ اهو بہ سچ آهي تہ رجيش پاڻ بہ بانسري وڄائڻ ڄاڻندو هو، مگر صرف پنهنجي لاءِ وڄائيندو هو پبلڪ جي اڳيان تہ بلڪل نہ.

اڳتي هلي سچ پچ اوشو سنگيت کي موکش پائڻ جو ڏاڪو بڻايو.

سندس چوڻ هو- ’زندگي اها ناهي جيڪا ٻاهران ڏسڻ اچي ٿي، زندگيءَ ۾ گِهرو وڃ، اُتي جتي اُن جون جڙون آهن.‘

رجنيش چوي ٿو، ’هن مون کي ڪڏهن بہ پرپوڊ ڪونہ ڏنو نہ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ چيو. هن صرف پنهنجي هئڻ سان پنهنجي وجود سان منهنجي اندروني شڪتيءَ کي اُجاگر ڪيو. اهي اڪيلائيءَ ۾ گهاريل ٻجهيون گهڙيون منهنجي لاءِ املهہ بڻجي پيون، جڏهن خاموشيءَ ۾ سان هن سان ڳالهائيندو هوس. هن مون کي -هڪ ڀار کي چونديو هو روحاني سگهہ بخشڻ لاءِ. الائي ڇو؟ مان هن ۾ هڪ اهڙي اندروني خوبصورتي پسڻ لڳس جنهنجو ٻاهرئين روپ سان ڪو واسطو هوئي ڪونہ.‘

هڪ رات مگا بابا ڦيريون ۽ آخرين ڀيرو هن کي ڀاڻ وٽ اچڻ لاءِ سنديش موڪليو. ’هو ڪنهن سان ڳالهائيندو ڪونہ آهي، ماڻهون هن کي گونگو سمجهندا آهن. پوءِ هِن هُن سان ڪيئن ڳالهايو هوندو؟‘ رجنيش سوچڻ لڳو. سندس پتا کيس اهو نياپو ڏنو ۽ وڃڻ لاءِ چيو. جڏهن هو اُتي پهتو تہ بابا کيس ٻڌايو- ’اهو هڪ پرديسي هو، هن ڳوٺ مان لنگهي رهيو هو. کيس ڪجهہ پئسا ڏيئي تو وٽ موڪليو هوم. توسان موڪلائڻ ضروري هو. اڄ مان هيءَ جڳهہ ڇڏي همالیہ پهاڙن تي وڃي رهيو آهيان ۽ توسان منهنجي هيءَ آخري گڏجاڻي آهي.‘ان بعد هو هن کي ڪونہ گڏيو.

پاڳل بابا -رجنيش نانيءَ سان گڏ پنهنجي ماتا پتا جي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو. ان ڳوٺ جي پرسان هڪ ندي وهندي هئي. رجنيش کي نديءَ ۾ ترڻ جو اهڙو تہ شونق جاڳيو جو هو ڏينهن جا ڪيترا ڪلاڪ نديءَ ۾ ترندو رهندو هو. اسڪول ۾ وڃڻ کان اڳ وارا ڪلاڪ ۽ اسڪول مان موٽڻ کان پوءِ کي ڪلاڪ. ان ٽکي وهڪري واري نديءَ ۾ ترڻ هن کي راس ايندو هو. جيئن ئي قيد مان (اسڪول کي هو قيدخانو چوندو هو) آزاد ٿيندو هو تہ ڪتابن جو ٿيلهو گهر ۾ ڦٽو ڪري نديءَ طرف ڊوڙندو هو.

جڏهن هو اٽڪل ٻارهن ورهين جو هو، هڪ ڀيريءَ جو نديءَ ۾ ترندي هڪ وڏي عمر واري سنياسيءَ پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏنو ۽ هن سان گڏ ترڻ

پاڳل بابا کي پنهنجي ديهہ تياڳڻ کان اڳ کنهن بہ صورت ۾ پنهنجي پياري شش مستو بابا سان رجنيش کي ملائڻو هو. ان خواهش تحت هو مستا جو بيصبريءَ سان انتظار ڪندو رهيو جڏهن تہ هن پنهنجي پراڻن کي زبردستي روڪي رکيو هو. حقيقت ۾ هو پاڻ مستو بابا جو گرو هو.

هن چاهيو ٿي تہ مستو بابا، سورهن ورهين جي رجنيش سان گڏجي. هن مستو کي رجنيش جي حوالي يا رجنيش کي مستو جي حوالي ڪرڻ ٿي چاهيو. نيٺ هو وقت تي پهچي ويو ۽ پاڳل بابا، مستو کي رجنيش جا پير ڇُهڻ جو آديش ڏنو، اهو چئي تہ اُن کان پوءِ رجنيش جو درجو هن لاءِ پاڳل بابا جهڙو ٿيندو. هو هن جي هرطرح سان مدد ڪندو ۽ هن جي آڳيا جو پالن ڪندو ۽ ائين ئي ٿيو.

اهڙيءَ طرح رجنيش کي پهريون پيرو سورهن ورهين جي ڄمار ۾، ڪنهن جو گرو بڻايو ويو سو بہ مستو بابا جو، جو پاڻ هڪ روحاني فقير هو. ۽ اهو ڪيو ڪنهن؟ پاڳل بابا.

ميڊيٽيشن جا علحدا تريقا ايجاد ڪيا. جن جو بنياد ۾ پس منظر سنگيت آهي. اعليٰ درجي جو سنگيت، مختلف ملڪن جي موسيقي، واديہ توڙي ڳائڻ وارو ووڪل پڻ. سنگيت جنهنجي تال ۾ سُرن جي پس منظر ۾ ساڌڪ روُحاني سڪوُن ۾ روحاني روشناسيءَ کي ماڻيو ۾ ماڻي رهيا آهن.

اوشو جي ڪتابن ۾ ٽن بانسري وادڪن جو وستار سان ورڻن اچي ٿو، جن سان پاڳل بابا هن جو پريچيہ ڪرايو هو. ڪيس سٺي سنگيت کي پرکڻ جي ٻوجهہ هئي. هن ٽنهي جڳ پرسڌ سنگيتڪارن جي ڪلا جو سهڻي نموني ڇيد ڪيو آهي ۾ نہ رڳو وڄائڻ جي تشريح ڪئي آهي پر سندن سياءَ جو بہ ڇيد ڪيو آهي. سندن ڪلا ۾ سندن سياءَ ۾ وابستگي بہ ڏيکاري آهي. مان هتي شخصي تفصيلن ۾ نہ وڃي صرف هنن جي ڪلا جي علحدگيءَ جي باري ۾ لکنديس.

پنالعل گهوش :- هڪ بهترين فلوٽسٽ مڃيو وڃي ٿو. هن جو وڄائڻ پرفيڪٽ آهي. هو وڄائڻ مهل پنهنجو سمورو وجود بانسريءَ ۾ وجهي ٿو، خود کي وساري ٿو ويهي. هُن ئي ننڍڙي بانس (بامبو) جي پارٽيہ بانسري کي سنسار اڳيان آندو ۾ اُن ڏانهن ڌيان ڇڪايو ۾ مانُ وڌايو. هن جي شروعات ڌيمي رفتار سان ٿئي ٿي، تعارف يا آلاپ لنبو ٿئي ٿو ۾ پوءِ ڌيري ڌيري وڌندو وڃي ٿو ۾ پوءِ هو بادل جيان گرجڻ لڳي ٿو.
سچديو :- هو هڪ جادوگر آهي. سندس وڄائڻ گهوش جهڙو بي عيب ناهي پر آهي بيساختا، جيڪو دلين ۾ تير وانگر چُڀي وڃي ٿو. ماڻهوءَ کي فرش کان عرش تائين پهچائي ٿو.

هري پرساد چوُرسيا کي هو بهترين سمجهي ٿو، جنهن ۾ ٻنهي مٿين ڳالهين جو سنگم آهي. هو اونهاري جي رات ۾ ٿڌي هير جيان آهي. هن جو وڄائڻ، چنڊ جي چانڊوڪيءَ جيان آهي. جنهن ۾ نہ تکاڻ آهي نہ گرمي. هو لسو لسو ئي بنا ڪنهن ڪوشش جي وڄائيندو ٿو وڃي ۾ پاڻ ان ۾ گم ٿي ٿو وڃي.

’سچ‘ پائڻ جي مدد لاءِ، مستو بابا رجنيش وٽ پهچي ويو. ٻين ٻن بابائن جي ڀيٽ ۾ مستو بابا هڪ سهڻو، ناهوڪو، قداور، ٣٥ ورهين جو جوان هو. هن جا وار تمام گهاٽا هئا. هن جڏهن پاڳل بابا جي آڱيا پاليندي رجنيش جي پيرن تي پنهنجو مٿو ٽيڪيو ته رجنيش جا پير سندس ڪارن وارن سان ويڙهجي ويا. هو رجنيش جا پير پڪڙي ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو. اصل پير ڇڏي ئي نه.پير ڳوڙهن سان آلا ٿي ويا. رجنيش بار بار کيس پير ڇڏڻ لاءِ چئي رهيو هو، مگر هو ڇڏڻ لاءِ تيار نه هو. پاڳل بابا پاڻ سڀ ڏسي رهيو هو، ڪلي رهيو هو ۽ من ئي من ۾ پرسن ٿي رهيو هو. هن ته چاهيو ئي ائين ٿي ته هنن ٻنهي ۾ اٽوٽ سنبند جُڙجي وڃي ۽ ائين ئي ٿي رهيو هو.

ڪجهه دير بعد مستو بابا کي هدايتون ڏيڻ پڄاڻا، پاڳل بابا پنهنجا پراڻ تياڳيا.

رجنيش اڪثر پاڻ کان پڇندو رهندو هو ’آخر پاڳل بابا منهنجي لاءِ ايترو ڇو ڪري رهيو آهي؟ مان ته اڃا ٻار آهيان. هو پاڻ پهتل بزرگ شخص آهي. آخر هن مون ۾ ڇا ڏٺو آهي؟‘

هو بابا کان سوال پڇندو هو ته کيس جواب ملندو هو-

’ترس، هڪ ڏينهن ايندو جڏهن توکي خبر پئجي ويندي.‘

برابر، ان وقت کيس خبر ڪانه هئي، مگر هن جي چوڻ موجب جڏهن کيس روشن شناسي ملي، کيس پنهنجو پراڻو جنم ياد اچي ويو. هن ڏٺو ته ان جنم ۾ پاڳل بابا کيس مارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. کيس زهر ڏنو هو. اها ٻي ڳالهه آهي ته هو بچي ويو هو. مگر بابا هن جنم ۾ اڳئين جنم جو قرض چڪائي رهيو هو. ڪرمن جو ميزان رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

مغربي ملڪن ۾ ان کي ڪرمن جو چڪر چيو ويندو آهي. بابا پرائشچت ڪري رهيو هو. بئلنس رکي رهيو هو. جيئن پاڻ ڪرمن جي چڪر کان بچي وڃي. جيئن جنم مرڻ جو چڪر بيهجي وڃي.

هاڻي مستو بابا سندس سڀ اِڇائون پوريون ڪري رهيو هو. علائودين

مستو بابا

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ کي نراسائي گهيڙي ويندي آهي. هو پنهنجي چئني طرف اوندهه ئي اوندهه پسندو آهي. مگر ڇا اها اوندهه سچي هوندي آهي؟ اوندهه تہ هر شيءِ وانگر ڪڻ ڀنگر آهي. حقيقت ۾ اوندهه پرڪاش جي ذري بہ چوٽ سهي نہ سگهندي آهي. روشنيءَ جي سنهڙي ترورڻي پوڻ سان اوندهه غائب ٿي ويندي آهي.

ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ پنهنجي هڪ گيت ۾ ايشور کي وينتي ڪئي آهي-

هل وٺي پنهنجي راهہ ۾
اوندهہ آهي هن واهہ ۾

يعني تہ ايشور جي راهہ روشنيءَ جي راهہ آهي
پر ايشور جي راهہ جو مطلب؟
ايشور جي راهہ جو مطلب آهي چيتنا جو جاڳڻ!
چيتنا جا ڪرڻا پوڻ جي دير آهي، انڌيرو پاڻ ئي گم ٿي ويندو آهي.
پر چيتنا ڇا آهي؟
چيتنا آهي سچ جي ٻُجهہ.
۽ سچ ڇا آهي؟
اڙي! اسين تہ وري وري 'سچ' جي نقطي تي موٽي ٿا اچون.
سچ آهي شِو، شِو آهي سندر
ستيم، شِوم، سندرم !
سچ هڪ آهي ان تائين پهچڻ جا دروازا انيڪ آهن.
هڪ دروازي جي ڪلڻ جي موهہ ۾ ئي ماڻهو ٻيهجي ٿو وڃي، اهو دروازو نٿو کلي، ٻيا دروازا بہ بند ٿي ٿا وڃن.

تضادي ڳالهين ۾ وچتر نقطا

جيئن مان اڳ چئي چڪي آهيان، رجنيش اصلوڪن ۾ باغي ويچارن وارو شخص هو. هو پنهنجن پختن ۾ اٽل ويچارن ۾ سڌانتن سان ڪنهن به صورت ۾ سمجھوتو ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندو هو. هو ڪلئي ۾ بيباڪ انداز سان انهن جو اظهار ڪندو هو. ماڻهن جي پرواهہ اصل بہ ڪونہ ڪندو هو. انڪري ڪيترائي ماڻهو ڪيس پسند ڪونہ ڪندا هئا، اهي جيڪي هن سان شامل راءِ نہ هوندا هئا، اڪثر وروڌ ڪندا رهندا هئا. ساڳئي وقت هن جا هزارن جي تعداد ۾ پوئلڳ هئا جيڪي هن کي بيحد پيار ڪندا هئا ۽ ڀڳوان جو درجو ڏيندا هئا.

هو بيحد ذهين ۽ اِنفرادي ويچارن وارو هو، اهڙا ويچار جيڪي اڪثر ماڻهن کي چوڪائي ڇڏيندا هئا. مان اهڙن ويچارن کي الڳ جڳهہ ڏيئي رهي آهيان. اهو ضروري ناهي تہ هرڪو انهن سان سهمت هجي، مگر انهن جو ڏيڻ ضروري آهي. رجنيش اوشو آهي ئي هڪ تضاد جو نالو. هو ڪيترن نامہ نهاد شخصيتن جو وروڌ ڪندو هو، ٽيڪاٽپڻي ڪندو هو. جن مان ڪي نالا مان هت ڏيئي رهي آهيان.

هن گوسوامي تلسيداس کي اصولڪو ڪوي نہ مڃيو. (هن جي ويچارن انوسار رامايڻ جو اصلوڪو رچيتا والميڪي هو) هن مدر ٽيريسا جي مخالفت ڪئي. ڪرشنا مورتي (فلاسافر) جو مخول اُڏايو. مُرارجي ديسائيءَ جي سڌانتن کي اصل بہ قبول نہ ڪيو. ساڌن سنتن کي نہ مڃڻ تہ ڇا هنن کي اِنسانيت جو ويري ڪري ليکيو. ايتري قدر جو هن مهاتما گانڌيءَ جي ڪن خيالات جي بہ مخالفت ڪئي.

جن کي هن پسند ڪيو سي هئا- شري ڪرشن، گوتم ٻڌ، ڪبير، ميرابائي، مهاوير، ڪرائيسٽ، چائينيز مِسٽڪ چونگ زو، گرو نانڪ، فريد،

جي چراغ جي کاٽيءَ جي جِنَ جيان هو اچانڪ پرگهٽ ٿي ويندو هو، سندس گهرجون پوريون ڪندو هو. ري گهرئي سندس ڪيسا پئسن سان پريندو هو. سندس پهچ اهڙين وڏين هستين تائين هئي جن جي ذريعي هو رجنيش لاءِ دُنيوي آرام آسائش جو سامان ميسر ڪندو هو. ڪڏهن ڪار، ڪڏهن بنگلو، ڪڏهن نوڪر چاڪر. ساڻس گڏ سفر ڪري سندس واقفيت وڏن ماڻهن سان ڪرائيندو هو. مستو ئي هن جي سڃاڻپ جواهرلعل نهرو ۽ اندرا گانڌيءَ سان ڪرائي. هنن سان ملاقات ڪرائي هن کي اُتي وٺي ويو. جواهرلعل نهرو، انهن ٿورن سياستدانن مان هڪ هو، جنهن کي رجنيش پسند ڪيو هو. رجنيش ۽ نهروءَ ۾ سٺي ٻوجهه ٻڌجي ويئي هئي.

مستو بابا سٺو سنگيتڪار هو. گيت ڳائيندو هو ۽ ستار پڻ وڄائيندو هو. مگر صرف چند ماڻهن جي اڳيان ۽ ڪڏهن ڪڏهن. هڪڙو ڀيرو هن رجنيش جي نانيءَ اڳيان سِتار وڄائي ڪيس عرش جو سئر ڪرايو هو.

۳۰ جنوري ۱۹۴۸ ۾ جڏهن مهاتما گانڌيءَ جو گوليءَ سبب ديهانت ٿيو هو، رجنيش مستو بابا سان گڏ سفر ڪري دهليءَ پهتو هو، خاص مهاتما گانڌيءَ کي انتم شرڌانجلي ڏيڻ واسطي. حالانڪ سندس مهاتما سان ڪيترين ڳالهين ۾ اختلاف هو مگر سائِي وقت هو هن جي گڻن جو قدردان هو. ان وقت هو سترهين ورهين جو هو.

رجنيش ۽ مستو بابا، ڏينهن ۽ راتين جا ڪيترا ڪلاڪ هڪ ٻئي سان گهاريا. خوب ڳالهيون ڪيون ۽ هڪ ٻئي جو سنگ ماڻيو. ڪڏهن ڪڏهن مستو بابا هن کي اسٽيشن تي اُماڻڻ ويندو هو، ڪا ٽرين پڪڙڻ لاءِ هو جاڻي واڻي گاڏين کي مِس ڪندا هئا، جيئن هو هڪ ٻئي سان وڌيڪ وقت گذاري سگهن. ٽرينون اينديون هيون ۽ هلي ونديون هيون، مگر رجنيش چڙهندو ئي ڪونه هو. هو هڪ پليٽفارم ڪان ٻئي پليٽفارم تائين پنڌ ڪندا رهندا هئا. اهڙيون هيون سندن شرارتي حرڪتون ۽ غير معمولي ڳالهيون. هڪ ڏينهن مستو بابا کي به هن کي ڇڏي وڃڻو پيو. ان وقت رجنيش جي عمر ۲۲ ورهيه هئي.

وارو اڪثر واحد رجنيش پاڻ هوندو هو. هو اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ ان چرچ ۾ هڪ پراڻو پٿر ڪوڙيل پٿر آهي جنهن تي لکيل تحرير ۾ اهو ڄاڻايل آهي تہ ٻہ هزار سال اڳ ايشو يعنيٰ ايسا مسيح پاڻ اُتي پڌاريو هو ۽ هن ان ڳوٺ جي ڳلين ۾ پنڌ ڪيو هو. ان اسٽيٽمينٽ دوارن هن پنهنجو لاڳاپو جيزز ڪرائيسٽ سان ڏيکارڻ جو سنڪيت ڪيو آهي. شايد هو ائين چوڻ چاهي ٿو تہ پاڻ ڪرائيسٽ جو اوتار هو. سندس هڪ ڪتاب جو نالو پڻ Jesus crucified once again آهي، (جيزز کي هڪواز وري صليب تي چاڙهيو ويو.) جنهن ۾ هن آمريڪا ۾ مليل پنهنجي ياتنائن جو ورنن ڪيو آهي.

٢- هن گوسوامي تلسيداس کي ڪڏهن بہ اصلوڪو ڪوي نہ مڃيو آهي. رامائڻ جو اصلوڪو رچيتا رشي والميڪي آهي. تلسيداس تہ ساڳي ڪٿا کي ڦيري گهيڙي بيو روپ ڏنو آهي ۽ رام کي اوتار بڻايو آهي. هو اسان کي وري وري تلسيداس جي جوانيءَ جي اها ڪٿا ٻڌائي ٿو جڏهن هن نئين شادي ڪئي هئي. سندس پتني پيڪي گهر ٽڪڻ ويئي هئي. کيس سندس پتنيءَ جي جُدائيءَ کيس ايترو تہ بيقرار ڪيو هو جو هو رات جي انڌيري ۾ ندي تري پار ڪري، پنهنجي ساهري گهر پهتو هو. اُتي ساهري گهر جي پهرين منزل تي جتي هن جي زال سمهي پيئي هئي، هڪ نانگ کي نوڙي سمجهي ان جي سهاري چڙهي، زال وٽ پهتو هو. تڏهن سندس پتنيءَ کيس ٽوڪيندي چيو هو، ’جيترو پيار توکي مون سان آهي جيڪڏهن ان جو ٿورو حصو بہ تون رام سان پيار ڪرين تہ سنسار مان جيڪر تري پار پوين.‘

زال جي اها ڳالهہ هن جي من ۾ کپي ويئي ۽ هن کي ويراڳ ويڙهي ويو. هو گهر ڇڏي هليو ويو ۽ پرم رام ڀڳت بڻجي پيو. اهڙي طرح رام - چرت - مانس وجود ۾ آيو. رجنيش جو اهو بہ چوڻ آهي تہ پنهنجي پتنيءَ جي ٺُڪرائڻ ڪارڻ هن جي من ۾ زالن لاءِ اهڙي تہ نفرت پيدا ٿي جو هن پنهنجي رامائڻ ۾ هينين چوپائي لکي آهي-

واجد، دادو ديال، زين ماسٽرس، صوفي سنت وغيره. ڀڳتي ڏارا سان واسطو رکندڙ سنتن تي سندس ڪتاب آهن. هن اُپنشدن تي لکيو آهي. شري ڪرشن ۽ گيتا تي ايترو ڳالهايو آهي جو هرهڪ اڌياءَ تي ٿلها گرنٿ تيار ٿيل ملن ٿا جيڪي صرف هندي ۽ انگريزيءَ ۾ ئي نه آهن پر دنيا جي انيڪ ٻين ٻولين ۾ به ترجمو ٿيل آهن.

ڪرائيسٽ جو قصو- بقول هن جي يسوح مسيح کي سندس هڪ وفادار شخص صليب تان لاٿو هو. اها هڪ سازش جا سندس هڪ امير يهودي شش رچي هئي. اهو جمع جو ڏينهن هو. سڀ ڄاڻن ٿا ته يهودين کي ڇنڇر ڏينهن موڪل هوندي آهي. ان ڏينهن هو ڪوبه ڪم ڪونه ڪندا آهن. جيزز کي جڏهن صليب تان لاٿو ويو تڏهن سندس زخمن مان رتُ وهي رهيو هو، مگر هو زنده هو. هن کي هڪ غار ۾ رکيو ويو. پوءِ هو ازرائيل ڏانهن روانا ٿيا، مگر هو پهتا وڃي ڪشمير. سندس هڪ شش ٿامس ساڻس گڏ هو. هنن کي ڪشمير وڻي ويئي ۽ هو اتي ئي رهڻ لڳا. رجنيش جي چوڻ موجب جيزز جي مرتيو ١١٢ ورهين جي عمر ۾ ٿي هئي ۽ کيس پهلگام ۾ مازز (Moses) جي قبر جي پرسان دفنايو ويو. اهي ٻئي قبرون اڄ به پهلگام ۾ موجود آهن، جن کي هو ڏسي آيو آهي. مگا بابا جي قبر به هنن جي پر ۾ آهي. خبر ناهي ڪيترا ان ڳالهه سان شامل راءِ ٿيندا؟

سندس چوڻ موجب پهلگام جو مطلب آهي ريڍارن جو ڳوٺ ۽ يسوح مسيح پاڻ هڪ ريڍار هو. ساڳئي نموني رجنيش جي ماتا پتا جي ڳوٺ جو نالو گدڙواڙا هو، جنهن جي به ساڳي معنيٰ آهي. رجنيش پنهنجي ناني جي گذرڻ بعد پنهنجو ٻالڪپڻ ۽ جواني ان ڳوٺ ۾ ئي گذاري هئي. هن انهن ٻنهي ڳوٺن ۾ سنبنڌ ڏيکاريو آهي. اهو به چيو آهي ته ان ڳوٺ ۾ هڪ جهونو کنڊهر سمان گرجا گهر هو، جتي هڪ پادري هر آرتوار تي سرمن ڏيڻ ويندو هو. اتي ٻيو ڪوبه ڪرستان ڪونه رهندو هو سو اهو پادري ان ٻنهه خالي چرچ ۾ پنهنجو سرمن ڏيندو هو، جنهن کي ٻڌڻ

چوڻ موجب پنج هزار سال اڳ لکيل ان گرنٿ، هندو سماج کي نيچ ۽ اوچ جاتين ۾ ورهايو آهي ۽ جاتي پرٿا (Caste System) کي اوُج تي رسايو آهي. هن عورت کي مرد کان گهٽ درجو ڏنو آهي. اهو ئي گرنٿ آهي جنهن کي هٽلر پسند ڪيو، جرمنيءَ جي نازيءَ جو اهو دل گهريو پستڪ هو ڇاڪاڻ تہ هنن سنسار کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ تي چاهيو. هنن ٻنهي گيتا کي بہ پسند ڪيو هو. اهي ٻئي گرنٿ هنن جي ڊيسڪ کي سينگاريندا هئا. ٻنهي يُڌ جي پريمين کي تلوار جي تکي ڌار سان عشق هو. جنگ جي ميدان ۾ ملٽري پريڊ ڪندڙ بوٽن ۽ گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ سان پيار هو. اسان جي انهن قديم ڪتابن، يُڌ جي فائدي ۾ ڳالهايو، کترين جو اهو ڌرم ٻڌايو تہ هو وڙهن ۽ بانڪا يوڌا بڻجن. حالانڪ اهو بہ سچ آهي تہ رجنيش جا پاڻ ڪُرُکيتر ۾ ڪرشڻ ۽ ارجن جي سنواد تي هزارين صفحا لکيل آهن. گيتا جي هرهڪ اڌياءَ تي هن جا ٿلها موٽا گرنٿ پرڪاشت آهن، جيڪي هن جي تقريرن جي آڌار تي آهن. پوءِ بہ هو گيتا کي هڪ ٻئي نظريي سان ڏسي سگهي ٿو ۽ نڪتچيني ڪري سگهي ٿو.

هو پاڻ ڪرشڻ جو چاهڪ آهي. هن جي گڻن جو وستار سان ورنن ڪري ٿو. هو پنهنجي ڪتابن ۾ چوي ٿو تہ ڪرشڻ چنچل، نٽ کٽ، رانديون ڪندڙ، مکڻ چور، بنسري وڄائڻ وارو، سنگيت پريمي، گوپين سان راس ليلا ڪرڻ وارو، راڌا سان پريم ڪرڻ وارو، جيون سان ٺمٺار تہ آهي پر پاپين جو سنگهار پڻ ڪري ٿو. پوُتنا کي، ڪنس کي ماري ٿو. ڪلندي ڪلندي رانديون ڪندي، بنسري وڄائيندي. ڪُرُکيتر ۾ يڌ ڪرڻ وارو بانڪو يوڌو آهي. ارجن کي گيتا جو گيان ڏيندڙ گياني آهي. هو اهنسا ۾ وشواس رکڻ وارو هوندي بہ ارجن کي يُڌ لاءِ اُڪسائي ٿو ۽ پنهنجو فرض ياد ڏيارائي ٿو. هو ڇا ڇا ناهي؟ پوءِ بہ هڪ ٻئي نظريي سان، ٽوٽڪلتي ۾ ان جاتي پرڏان پرورتيءَ جنهن ۾ برهمڻ، کتري، وئش ۽ شوُدر کي الڳ الڳ خانن ۾ ورهايو وڃي ٿو، جو وروڌ بہ ڪري ٿو.

بعضي وقت هن بيحد وچتر نقطا پڻ ڇيا آهن جيڪي سيني کي حيرت ۾ وجهن ٿا.

ڍول شودر پشوُ اور ناري
سڀ هي تارن ڪي اڌڪاري.

(ڍول جو چمڙو، گهٽ ذات وارو شودر، جانور ۽ عورت سيني کي تاڻ گهرجي، اهو سندن حق آهي.) هن عورت جي پيٽ چمڙي، شودر ۽ جانور سان ڪئي آهي ۽ ڇئني کي هڪ ئي قطار ۾ بيهاريو آهي.

برابر رام -چرت- مانس ۾ اهي سٽون اچن ٿيون، پر اهي ڪهڙي حوالي ۾ چيون ويون آهن ۽ ڪنهن جي مُکان چوايون ويون آهن اهي غوَر ڪرڻ لائق ڳالهيون آهن. رام -چرت- مانس، ڀارت ۾ بيحد لوڪپريہ ۽ پوتر گرنٿ ڪري مڃيو ويندو آهي. خاص ڪري اُتر ڀارت ۾ جتي هزارين ڪروڙين ماڻهن کي ڪنٺسٿ (بر زبان ياد) آهي. تلسيداس نہ رڳو سچو رام ڀڳت هو پر اوچ ڪوٽيءَ جو ڪوي پڻ هو. اُتر پرديش ۾ تہ هن کي جنسي پوڄيو ويندو آهي.

اهڙيءَ طرح هن جي. ڪرشنامورتي (فلاسافر) مدر ٿيريسا، مُرارجي ڊيسائيءَ جو مخوَل اُڏايو آهي. ايتري قدر جو هن مهاتما گانڌيءَ کي بہ ڪونہ ڇڏيو. هڪ ڀيرو تہ هن مهاتما گانڌيءَ کي لکي موڪليو هو تہ ’توهين رام ۽ ڪرشڻ جو جاپ ڇڏي ڪو ٻيو پختو ڪم ڪريو.‘ جنهن تي مهاتما گانڌيءَ جواب ڏنو هوس ’تون پنهنجو ڪم ڪندو اچ، مان پنهنجو ڪم ڪندس.‘

هن پنهنجي آتم ڪٿا جي پستڪ ۾ ان ڳالھ جو بہ ذڪر ڪيو آهي تہ جڳ پرسڌ کاجوراهو غارن ۾، جن ۾ پراچين ڀارت جي سنگتراش جا ٺاهيل بيشمار مجسما، ڀارت ورش جي اتهاس ۽ گوُرو جي کاٽي ٻڌائين ٿا، مهاتما گانڌيءَ، مُرارجي ڊيسائيءَ جي صلاح سان انهن تي پبلڪ جي پردرشن لاءِ پابندي لڳائڻ لاءِ تيار ٿيو هو ڇاڪاڻ تہ هنن جي خيالن مطابق اهي فاحش ۽ جنسي پرورتين کي جاڳائڻ وارا آهن. مگر جواهرلعل نهرو ۽ ربيندرنات ٽئگور جي وچ ۾ پوڻ سان، انهن غارن کي بچايو ويو. هو ٻئي ڪلاڪار هئا ۽ هنن کي اُنهن ڪلاڪرتين جو قدر هو.

منوءَ جي لکيل گرنٿ ’منو اسمرتيءَ‘ کي هو نندي ٿو. هن جي

آهن ۽ گياني ٻڄن کي پنيان ڇڏي ويندا آهن. ڪو مورک ٻچ ٻوڙندو گرپ ۾ جهٽ پرويش ڪري ويندو آهي ۽ دروازو بند ٿي ويندو آهي، گياني ويچارو پنيان رهجي ويندو آهي.

اهو ئي ڪارڻ آهي جو اڄ جي زماني ۾ مورکن جي اڪثريت آهي ۽ اهي اوچا پد والاري ويهندا آهن.

ميران ٻائيءَ وري ان سچ کي هيئن ڳايو آهي:-

مورک ڪو تم راڄ ديئت هو،
پنڊت ڦِري بکاري،
سنتو ڪرمن کي گتي نياري.

مگر مان ان حقيقتن لاءِ 'ڪرمن جي گتيءَ' کي الزام نہ ڏينديس. اوشو جي ان تشريح ۾ ڪيتريون سائنس تي ٻڌل ڳالهيون آهن ۽ ڪيتريون ڪالپنڪ، ان جو اندازو ڪير بہ لڳائي سگهي ٿو. سائنس تي ٻڌل، مذاقي انداز ۾ ٻڌايل، وچتر ڳالهيون، ٻڌندڙن کي خوب کلائينديون آهن ۽ هال خوشمزاجي پريل ٺهڪن سان گونجڻ لڳندو آهي.

!ها وارتا مون خود 'ٻڌا هال' جي اندر، زمين تي ويٺل، اوشو کي وڏي شاهي اسڪرين تي ڏيکاريل مورويءَ مان سندس مُکان ٻڌي هئي ۽ ٻين سيني سان گڏ ان جو لطف ورتو هو.

عام طرح رجنيش پنهنجي چتر زباني ۽ اصولڪن ۽ انوکن ويچارن ڪارڻ جڳ مشهور هو. ڪن ٿورن کي ڄاڻ آهي تہ هو هڪ سٺو چترڪار ۽ ڪلاڪار پڻ هو. هڪ انگريز سنياسڻ، جنهن کي هن 'ما شونيہ' Ma Shuniya نالو ڏنو. پنهنجي ڪتاب ڊائمنڊ ڊيز وٿ اوشو Diamond days with Osho ۾ لکي ٿي-

'هو هفتي ۾ ۱۰۰ کن ڪتاب الڳ الڳ وشين تي پڙهندو هو. هفتي جي پڇاڙيءَ ۾ انهن ڪتابن مان جيڪي هن کي خاص پسند پوندا هئا، پيهر گهرائيندو هو ۽ هرهڪ ڪتاب جي فلاسافي يا وشيہ کي، ڪتاب جي پهرئين يا آخري خالي صفحي تي چتر جي روپ ۾ پينٽ

'هو چوي ٿو تہ موڪن جي هن سنسار ۾ اهڙو وقت ايندو جڏهن هرهڪ شخص بيحد ڪُٽي، باوِقار، غير رواجي ذهني، ڪنهن نہ ڪنهن ڪيتر ۾ ڪماليت رکڻ وارو هوندو. توهان کي پنڌ ڪنديَ رستي جي هر موڙ تي ائسنتائين (Einstien) ٽئگور ۽ شيڪسپيئر ملندا. ائين ڪيئن ٿيندو؟

اڄڪلهہ هلي مصنوعي سيمينيشن (Artificial Semenation) يا ڪلوننگ جو يگ اچڻو آهي، جڏهن پُرش جي ويريہ جي بوُندن مان انساني ٻج ڪڍي لئبارٽريز جي ٽيوبس ۾ رکيا ويندا. هن جو چوڻ آهي اُنهن ڦُڙن تي جنهن ۾ انسان جي خلقڻ جا ٻج هوندا آهن، ان ياوي شخص جي جنم-ڪُنڊلي لکيل هوندي آهي. هن جي مائٽن جي پوري ڄاڻ ڏنل هوندي آهي. هن جا گڻ، اوگڻ، هن جو سڀاءُ، خاصيتون، جيون جو ورنن هوندو آهي. جوڙا انهن لئبارٽريز ۾ وڃي پنهنجا ٻار چونڊيندا. ظاهر آهي هرڪو مائٽ چاهيندو آهي تہ سندس ٻار غير رواجي هوشيار هجي. ڪو چاهيندو تہ هو عالم هجي، ڪو چاهيندو تہ ڪوي هجي، ڪلاڪار هجي، سنگيتڪار هجي. اهڙي طرح مائٽ پنهنجي پسنديءَ جو ويريہ چونڊيندا. ڊاڪٽر دواران ماءُ جي گرڀ ۾ ان کي انجيڪٽ ڪيو ويندو ۽ هوءَ لاثاني، غير رواجي ٻار کي جنم ڏيندي. اهڙي طرح شهر جي گ هٽين ۾ اوهان کي مهان هستيون گهمنديون نظر اينديون. هرهڪ هستي ٻي هستيءَ کان بالاتر!'

۽ هن وقت ڇا ٿي رهيو آهي؟

'اسان سڀ قدرت تي ڇڏي ڏنو آهي. هن وقت جڏهن پرش جو ويريہ، جنهن ۾ انسان جا هزارن جي تعداد ۾ ٻج هوندا آهن، عورت جي گرڀ تائين پهچڻ جو سفر هڪ نليءَ ۾ ڪندو آهي، تڏهن سڀئي ٻج ڊوڙندا آهن. اها هڪ طرح جي ريس هوندي آهي. گرڀ جو دروازو صرف ڪن سيڪنڊن لاءِ کلندو آهي ۽ پوءِ بند ٿي ويندو آهي. جيڪي گنيير، ذهني آساڌارڻ ٻج هوندا آهن انهن جي رفتار سُست هوندي آهي، اهي سوچي هلندا آهن. جيڪي مورک ٻج هوندا آهن اهي تيز ڊوڙندا

اصولڪا ويچار

رجنيش جي پروچنن ۾ جيڪي پستڪن جي روپ ۾ اسان جي سامهون آيا آهن، ميان نَصرالدين جو ڪردار ور ور ايندو رهندو آهي. جيڪو جيتوڻيڪ هڪ مسخري جيان وهنوار ڪندو آهي، ڳالهيون ڪندو آهي، مگر انهن ڳالهين ۾ هوندو آهي ڳجهو گيان.

اهڙي طرح جيئن سنڌي حلقن ۾ وتايو فقير جو ڪردار آهي جيڪو پڻ حرڪتون ڏاهڙيءَ جهڙيون ڪندو آهي، مگر اهي هونديون آهن سياٽپ پريون. هو ننڍا وڏا لطيفا ميان نصرالدين جي ڪردار دواران اسان کي ٻڌائيندو رهندو آهي، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن خشڪ ماحول ۾ جان ڦوڪيندا آهن ۽ دلچسپ بڻائيندا آهن.

رجنيش جا ويچار نوان، اصولڪا، ڳوڙها، سهٽي انداز ۾ اظهاريل هوندا آهن. هن جا ڪي ڪتاب اهڙا هوندا آهن جو ڪنهن به صفعي کولڻ سان ئي اسان کي سهٽي، نئين ۽ املهه چيز هٿ اچي ويندي آهي. جيئن ڪنهن پوتر گرنٿ کي کولي وچن ورتو ويندو آهي. سندس ڪتاب جي ڪنهن به پني، ڪنهن به پئراگراف پڙهڻ سان اسان کي ڪجهه نئون سوچڻ لاءِ ملندو آهي. جنهن به ڪنڊ ڪان چڪبو اسان کي سوادي ۽ لذيذ ملندو. انهن چوٽين کي چونڊي چونڊي مان چند مثال هن پستڪ ۾ پاٺڪن جي اڳيان رکان ٿي:-

”مان نه پوڪي هليس، ڏسٽو آهي ته ٻج، ٻج نه رهجي وڃي.“

ڪندو هو. هن اهي اسڪيچزSketches ١٩٧٠-١٩٨٠ جي وچ واري ڏهاڪي ۾ چٽيا هئا. انهن کي مختلف رنگن ۾ رڱڻ سان انهن کي جيئرو جاڳندو بڻائي ڇڏيندو هو. هن کي اهو ڪم ڪرڻ ۾ اڌ ڪلاڪ کان وڌيڪ ڪونه لڳندو هو. اسين لنچ کان پوءِ هڪ ٽراليءَ ۾ ڪيس سندس هفتي ۾ پڙهيل ڪتاب ڏياري موڪليندا هئاسين.'

هن جي ديهه تياڳڻ کان پوءِ، سندس لائبريري جي تاڪن جي سامهون انهن مان ڪجهه چٽرن جي پردرشني رکي ويئي هئي. ان لائبريريءَ ۾ ٨٠٠٠٠ اسي هزار کان وڌيڪ ڪتاب آهن. اوشو جي چوڻ مطابق انهن شيلوز کي سڌين لائينن جي بدران لهرن جي روپ ۾ سجايو ويو آهي.

سوامي چئتنيه ڪيرتيءَ ٻڌايو آهي، 'اهي ٨٠٠ چٽر لنڊن جي انٽرنئشنل اوشو سينٽر ۾ صحيح تاپمان هيٺ محفوظ رکيا ويا آهن، جيئن وقت انهن کي ڇيهو نه رسائي سگهي.'

اوشو جي سگنيچرSignature(سهي) به پاڻ ۾ هڪ آرٽ- پيس آهي.

مرتيو - شخصيت ۽ سروپ جو ڀيد

ماڻهو ڪيترو به چوي ته هو موُت کان نٿو ڊڄي، پر حقيقت اها آهي ته هن جي اندر مرتيوءَ جو ڊپ هردم رهندو آهي. ڊپ موُت جو ناهي، ڊپ آهي اڻڄاڻائيءَ جو. مرتيو کان پوءِ ڇا ٿيندو؟ هو ڪيڏانهن ويندو؟ 'اڳيات' پڻ پئدا ڪندو آهي. مرتيوءَ کي سڃاڻڻ ضروري آهي، اهو ڄاڻڻ ته جيڪي ڪجهه آهي ان جو موت ٿيندو ئي ڪونه آهي.

اها شخصيت جنهن کي اسين 'مان' جو نالو ڏيون ٿا، جڏهن اها ٽٽي ٿي ته ان جو ئي موت ٿئي ٿو. پنهنجي شخصيت ۽ پنهنجي سروپ کي جيستائين هڪ سمجهون ٿا، ان وقت تائين مرتيو آهي.

سماڌيءَ ذريعي پنهنجي شخصيت جي اندر گهڙي، سروپ تائين پهچڻ سان امرت ملي ٿو يعني موت جو ڊپ متجي وڃي ٿو.

مرتيو نه دشمن آهي نه دوست. اها آهي ئي ڪانه. نه ان کان ڊڄڻو آهي نه ان کان بيدپو ٿيڻو آهي. صرف ان کي ڄاڻڻو آهي. ان کي 'نه ڄاڻڻ' پڻ آهي ۽ ان کي ڄاڻڻ نرڀؤ (ڊپ جو لهڻ) آهي.

تياڳ

موهہ اگيان آهي. موهہ جي تياڳ ۾ ئي گيان سمايل آهي، تياڳ ڪيو ڪونہ ويندو آهي، موهہ جي عدم مؤجودگيءَ ۾ اهو ٿي ويندو آهي. موهہ جي خالي جڳھہ کي هو پريندو آهي. تياڳڻ ڪنن يا ڪنور ٿي ڪونہ سگهندو آهي ڇاڪاڻ تہ اهو ازخود ٿي ويندو آهي.

جڏهن ماڻهو محسوس ڪري ٿو تہ جيڪو ڪجھہ هو ڇڏي رهيو آهي، ان جو ملهہ ڪجھہ نہ آهي، جيڪو هو پائي رهيو آهي اهو انمول آهي تہ هن کان تياڳ پاڻهي ٿي ويندو آهي.

ڪجھہ نہ ڇڏڻ سان گهڻو ڪجھہ حاصل ڪرڻ تياڳ آهي.

بندن کي ڇڏي مڪتي حاصل ڪرڻ تياڳ آهي.

ڪوڏين جي بدران هيرا پائڻ تياڳ آهي.

مرتيو کي ڇڏي امرت پائڻ تياڳ آهي.

انڌيري کي ڇڏي پرڪاش پراپت ڪرڻ تياڳ آهي.

ناسونت کي ڇڏي شاسوت (امرتا) پراپت ڪرڻ تياڳ آهي.

جنم ۽ موت

ڌرم کي وجود ۾ آڻڻ ۾ انسان جي مرتيوءَ جي ڀؤ. جيڪڏهن مرتيوءَ جو خوف نه هجي ها ته انسان ڀڳوان کي ياد به نه ڪري ها. هو پنهنجي موج مستيءَ ۾ بنا خوف جي ڪوبه گناهه ڪري ها. جيڪڏهن موت هن کي ماري نٿو سگهي، جيڪڏهن هو اڄر ۽ امر آهي، جيڪڏهن هن لاءِ ڪوبه سرڳ ۽ نرڳ انتظار ڪونه ڪري ته ڇونه هو مزي ۾ جيئي. پنڊت، سنت ۽ ساڌو هن کي نرڳ جي عذابن کان ڊيڄاري سنئين رستي تي هلائين ٿا ۽ ڌرم جي لغام کان ڪم وٺن ٿا.

سيڪو ڄاڻي ٿو ته جنم جو سنبند ڪام واسنا سان آهي. جيڪڏهن ماءُ ۽ پيءُ جو ملن نه ٿئي ها ته هو پاڻ وجود ۾ ڪيئن اچي ها؟ ڪام واسنا ئي انسان جي وجود جو ڪارڻ آهي. اهو سڀ ڄاڻندي به هرڪو ان ڳالهه کي من جي اندرين تهن ۾ لڪائي ٿو.

سنسار ٻن سنسڪرتين ۾ ورهايل آهي. پڇم جي سنسڪرتي ۽ پورب جي سنسڪرتي. ٻنهي جا نظريا هڪ ٻئي جي اُبتڙ آهن. پڇمي ديش جنم کي يعني ڪام واسنا کي اهميت ڏين ٿا ۽ پورب جي وديشن موت کي يعني ڌرم کي. يورپ، آمريڪا ۽ ٻين ديشن ۾ جنم کي ياد ڪري، موت کي وساري سٺو جيون گذارڻ جو رستو ڳولهيو آهي.دنيوي عيش آرام، سٺي رهڻي ڪرڻي، عمدا کاڌا پيتا، سٺن رستن ۽ گهرن ڏانهن ڌيان ڏنو آهي ۽ پيار، سيڪس کي پردي پٺيان لڪائي رات جي انڌيري ۾ بيڊروم تائين محدود رکيو آهي ۽ ڌرم جو سهارو ورتو آهي.

قدرت جو اهو اڻوٽ قانون آهي ته جنهن ڳالهه کي لڪائبو آهي اها ڳالهه ئي اُبتڙ تي گهڻي طاقت سان اُڀري روپ ۾ اسان جي سامهون ايندي آهي. پڇم موت کي منهن ڏيڻ جو ساهس ڪري نه سگهيو ۽

هڪ ساڌوءَ جو شش مري ويو. هو هن جي گهر ويو. هن جي لاش جي چوڌاري مت مائٽ روئي رهيا هئا. ساڌوءَ زور سان سوال پڇيو 'هي ماڻهو مري ويو آهي يا جيئرو آهي؟'

ان سوال سيني کي چونڪائي ڇڏيو، 'هيءُ ڪهڙو سوال آهي؟'

ٿوري دير جي سناٽي بعد ڪنهن سوال پڇيو 'اوهين ئي ٻڌايو.'

ساڌوءَ جواب ڏنو، 'جو مئل هئو سو مئل آهي، جو جيئرو هو سو اڃ بہ جيئرو آهي. صرف ٻنهي ۾ سنبنڌ ٽٽي پيو آهي.'

'جيون جو ڪو موٽ ڪونہ ٿيندو آهي ۽ نہ ئي موٽ جو ڪو جيون.'

'جيڪي جيون کي نٽا سمجهن سي مرتيوءَ کي جيون جو انت سمجهن ٿا. جنم جيون جي شروعات ناهي ۽ مرتيو جيون جو انت ناهي. جيون مرتيو جي اندر بہ آهي تہ ٻاهر بہ. اهو جيون ڪان پهرين بہ هو ۽ پوءِ بہ آهي. ان ۾ ئي جنم آهي ۽ ان ۾ ئي مرتيو آهي. پر ان جو نہ جنم آهي نہ مرتيو آهي.'

رجنيش آشرم جي اسٿاپنا

آچاريہ رجنيش نوين سالي جي عمر کان وٺي اسڪول وڃڻ شروع ڪيو هو. هن کي فلاسافيءَ ۾ ماسترس جي ڊگري حاصل ڪرڻ ۾ ١٦ سال لڳا هوندا. ان کان پوءِ هن ڪجهہ عرصو جبلپور ڪاليج ۾ پروفيسري پڻ ڪئي هئي. ان حساب سان هو ٢٧ ورهين جو هو جڏهن هو انهن ڳالهين مان فارغ ٿيو هوندو. حالانڪ انهن ارڙهن سالن ۾ بہ، تعليم حاصل ڪندي هو بين ڪيترين ڳالهين ۾ مصروف رهيو هو. هن پاڳل بابا ۽ مستو بابا سان ڪيترين مسافرين ڪيون ۽ اهم شخصيتن سان مليو هو. ڪاليج ۾ تقرير ۽ چٽاڀيٽين ۾ حصو ورتو هو ۽ اڪيچار انعام کٽيا هئا. هن کي بهترين تقرير نواز جا خطاب بہ مليا هئا. پنهنجي ذهني سجاڳيءَ انوکي ويچارڌارا سان هن ڪيترن جو ڌيان ڇڪايو هو. واقعي هن جي ڳالهائڻ جي تاثير، اکرن جي جوڙجڪ، خيالات جي نواڻ، خود کي اظهارڻ جو انداز ۽ سوچ جي گهرائيءَ هرهڪ ٻڌندڙ کي موهت ڪري ڇڏيو هو ۽ ڪيترا هن جا مشتاق بڻجي پيا هئا.

دراصل ٢٨ ورهين جي عمر کان هن يارت ۾ رٽن ڪرڻ شروع ڪيو ۽ روحاني رهبر جو پاتر نياڻ لڳو. ڪيس روحاني رهبر (فقير) مگا بابا، پاڳل بابا ۽ مستو بابا سندس آتمڪ پاترتا کي مڃي چڪا هئا. ڪيس اها بہ ڄاڻ هئي تہ سندس زندگيءَ جو مقصد ڇا هو؟ اهو هو، عام ماڻهن کي جيڪي انڌ وشواسن، مذهبي فرقن جي پيدياوَن، دقنيانوسي خيالات ۾ مبتلا هئا، انهن کي انهن يرمن ۽ سنسن مان ٻاهر ڪيڻ.

سنہ ١٩٧٠ع جي شروعات ۾ هن بمبئي شهر جي پيڊر روڊ تي وڊ لئنڊ Woodland اپارٽمينٽ ۾ پنهنجي اِداري رجنيش آشرم جي بنياد وڌي. ٿوري ئي عرصي ۾ سنياسين جي سنکيا ۾ ايڏو تہ اضافو آيو جڻ تہ

جيون کي گهٽي ۾ گهڻو ماڻهو لاءِ وگيان جو سهارو ورتو ۽ هن جي هٿ ۾ آيا بم گولا، ائٽم بم، نيوڪليئر هٿيار، انسان جي وناش جو سامان. هنن جيترو موت کان ڪنارو ڪيو اوترو موت هنن جي منيءَ ۾ آيو. پوربي ديشن جنم يعني سيڪس يعني ڪام واسنا کان ظاهري طرح سان منهن موڙيو ۽ اها هنن جي رڳ رڳ، روم روم ۾ سمائجي ويئي. هرهنڌ هنن کي سيڪس ۽ سيڪس نظر اچڻ لڳو. هو سيڪس جي مرض ۾ مبتلا ٿي ويا. هو روڳي بڻجي پيا. هر روز اخبارون ريپ جي خبرن سان پريل آهن. اٺن ورهين جي ڇوڪريءَ سان بلاتڪار، چوڏهن ورهين جي ڇوڪريءَ سان بلاتڪار، پنجويهن ورهين جي عورت جو زناءُ، هڪ عورت جو ستن ڄڻن گئنگ ريپ ڪيو، قتلام وانگيان بلاتڪار عام.

جنهن جذبي کي جنهن شبد کي نيساريو ويو، وات سان چوڻ منع آهي، پبلڪ مظاهرو ڪرڻ منع آهي، اهو هن جي نس نس ۾ سمائجي ويو ۽ هو بڻجي پيو آهي سيڪس مئنيئڪSax Maniac

انهن ٻن اِنتهاين Extremes سنسار کي ڇا ڏنو؟ هڪ پاسي خونخوار، خوفناڪ نيوڪليئر هٿيار ۽ ائٽم بم ۽ ٻئي پاسي سيڪس جا روڳي سيڪس جنوني!

جيون ۽ موت کي کلي نظر سان ڏسڻ ۽ قبول ڪرڻ ۾ ئي انسان ذات جو ڀلو آهي. نه انهن کي لڪائڻو آهي، نه انهن کان ڊڄڻو آهي. انهن ٻنهي ڳالهين کي اکين ۾ اکيون وجهي ڏسڻو آهي. پر ڇا اهو ڪرڻ آسان آهي؟

وديش ۾ ڦهلاءُ

(آمريڪا جي رسرچ اسڪالر پيئري ايوالڊ(Pierre Evald) جي رپورٽ تي آڌارت)

رجنيش ١٩٨١ع ۾ پنهنجي دائري کي وسيع ڪرڻ ۽ مغربي ۽ مشرقي روحانيت ۾ ميل ميلاپ رکڻ جي ارادي سان آمريڪا جي پهاڙي علائقي اوريگانو ۾ پنهنجو آشرم رجنيش پورم برپا ڪيو.

ان وقت آمريڪا جي راڄنيتڪ واڳ ڏور (Ronald Reagan) رونالڊ ريگن جي هٿن ۾ هئي، جنهن جو پريوارڪ پس منظر رومن ڪئٿلڪ چرچ سان وابسته هو. رجنيش جي باري ۾ اُتي افواهون ڦهلايون ويون هيون ته 'هو هڪ بيحد ذهين انسان، ماڻهن کي پنهنجي واڪپه ڪشلتا (چتر زباني) سان گمراهه ڪرڻ وارو، ماڻهن ۾ بدانتظامي ڦهلائڻ وارو، جيزز ڪرائيسٽ جي خلاف تحرڪ ڪرڻ وارو هڪ خطرناڪ شخص آهي.' ريگن انهن افواهن تي اعتبار ڪيو ۽ هن منصوبو سٽي روم جي پوپ پال - ٢ سان گڏجاڻيون رکيون. هنن سياسي ۽ ڌرمي مُشترڪا ڪوشش سان رجنيش ۽ سندس شيواڌارين کي آمريڪا مان ٻاهر ڪڍڻ جو فيصلو ڪري ورتو. اعليٰ ترين سياسي ۽ مذهبي ادارن، اوشو جي ادارن کي فوجداري (Criminal)جو رنگ ڏيئي، هن تي ننڍا ننڍا شخصي الزام لڳايا ۽ ڪيس قيد ڪيو ويو.

٢٧ آڪٽوبر ١٩٨٥ع ۾ رجنيش کي چارلوٽ Charlatte هوائي اڏي تي بنا وارنٽ جي گرفتار ڪيو ويو. چند راتيون چارليٽ ۾ رهڻ بعد کيس اوڪلهوما ڪائونٽيOkalhama County جيل ۾ رهايو ويو.

پيئري ايولڊ پنهنجي رپورٽ ۾ ظاهر ڪري ٿو-

۴ نومبر ١٩٨٥ع تي رجنيش کي زهر ڏنو ويو هو. هن جي سمهڻ

بوڏ اچي ويئي. بمبئي جي جڳھہ نندي ھئڻ سبب پوني ۾ پراپرٽي خريد ڪرڻ جون تياريون ٿيڻ لڳيون. گھڻئي رسوخ وارن شخصيتن جي مدد سان توڙي سنڌس ئي اداري جي قابل، قڙت ۽ چست سنياسين جي ڪوشش سان ھو پوني جي ڪوريگانؤ پارڪ ايراضيءَ جي زمين خريد ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا.

ڪوريگانؤ پارڪ جي ايريا اھڙي آھي جتي راجائن مھاراجائن ۽ اميرزادن جون رھائش گاھون آھن، جتي سرڪاري قانون مطابق ھرھڪ بنگلي جو گھٽ ۾ گھٽ ھڪ ايڪڙ ھئڻ لازمي آھي، جنھن ۾ وڌ ۾ وڌ ھڪ منزلا عمارت جڙجي سگھي ٿي. ان جو مقصد آھي ان ايراضيءَ ۾ سھڻو، ڪليل ۽ اڻڳتيل ماحول قايم رکڻ. اھڙن سخت قائدن ھوندي اوشو فائونڊيشن وارا ۴۰ ايڪڙن واري زمين حاصل ڪري سگھيا. اڄ اوشو ڪميون جو ھيڊڪواٽر اتي اسٿاپت آھي.

رجنيش جا اوچي سرڪاري ادارن ۾ ڪيترا شائق ۽ متر ھئا تہ ڪي اھڙا بہ ھئا جيڪي ھن جي خلاف ھئا. اندرا گانڌي ھن جي ويچارن ۽ ڪتابن جي مشتاق ھئي تہ مُرارجي ڊيسائي ھن جي برخلاف ھو، چاڪاڻ تہ ھن مھاتما گانڌيءَ جي سڌانتن خلاف ڪي گفتا چيا ھئا. مُرارجي ڊيسائيءَ جي مختصر وقت ۾ جيڪڏھن ھن جي رٿن ۽ پراجيڪٽس ڪي ڇيھو رسيو، تہ اندرا گانڌيءَ جي پرڌان منتريءَ جي دوران ھن ڪي سھوليتون ميسر ٿيون ۽ سندس ڪاريہ راس ٿيا.

ڪان ملاقاتون ورتيون ويون هيون. مگر جن سازشن ۾ رومن ڪئٿلڪ چرچ جون صادق ۽ شديد ڪوششون شامل هيون، انهن حقيقتن تان پردو ڪجهي نہ سگهيو.

رجنيش پنهنجي واپسيءَ ڪان پوءِ ١٩٨٧ع ۾ پنهنجا تجربا ٻڌائيندو رهيو ۽ اهو بہ سندس جسم ۾ ٿئليم وڌو ويو هو. پڇاڙيءَ جا ٢ سال هن جي صحت بگڙجندي ويئي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٽي دفعا هو مرڻ ڪنديءَ تائين پهچي بہ ويو هو. سنہ ١٩٨٨ع ۾ ڪيس پنهنجا سپ ڏند ڪڍائڻا پيا هئا ۽ ٢ سال هو پاٽيانو ڪاڏو ڪائيندو رهيو. آخري ڏينهن بہ آخري بار هن اوڪلهاما ۾ زهر ڏيڻ واري ڳالهہ ڏهرائي هئي.

١٩ جنوري ١٩٩٠ع صبوح ساڻ هو سيني کي هدايتون ڏيئي رهيو هو. هن جون کهڙيون شيون ڪنهن کي ڏيڻيون هيون، سپ ترتيبوار ٻڌائي رهيو هو. شام جو هو سنان ڪرڻ ويو. شاور ڪيائين ۽ پنهنجو چولو پاڻ پاتائين. هن چيو- 'هاڻي رڳو هڪ ڳالهہ ڪرڻي آهي، منهنجا جوراب پايو، مون کي ٽوپي پايو، ڏهہ منٽ 'ٻڌا هال' ۾ وٺي هلو ۽ پوءِ برننگ گهاٽ تي.'

سندس ڊاڪٽر امرتوAmrito نبض ڏٺي جيڪا ڌيمي ٿيندي پئي ويئي. هن چيو تہ 'اوشو هاڻي مان سمجهان ٿو تہ بس.' اوشو ڪنڌ ڌوڻيو ۽ اکيون پوري ڇڏيون. آخري لمحي تائين هو هوش ۾ هو ۽ سڄاڳ هو. هن جي مرضيءَ موجب اٺين بجي هن کي 'ٻڌا هال' ۾ ڪٽي ويا جتي سيني ششن هن کي شرڌا پريا پرڻام ڪيا!

جي ڳاڌيلي ۾ ريڊيو ائڪٽو ريز Radio active rays ڇڏيون ويون هيون. جيئن سندس دماغي قوتون ۽ ڳالهائڻ جون شڪتيون ڍليون پئجي وڃن. ٻئي ڏينهن صبوح جو ڊبلروٽيءَ جي ٽڪرن ۾ ڪوئن مارڻ جو زهر ٿيليم (Thalium) وجهي ڪيس کارايو ويو هو، جنهن کي کائڻ کان پوءِ هو بيهوش ٿي ويو هو.

٨ نومبر تي رجنيش کي ضمانت تي جيل مان رها ڪيو ويو. ان کان پوءِ هو چند مهينا ڀارت جي ڪُلوُ منالي ۾ اچي رهيو ۽ پوءِ وري ورلڊ ٽوئر تي نڪتو. جنهن جنهن ملڪ ۾ هو ويو، هن جي پٺيان آمريڪي جاسوس ۽ سرڪاري آفيسر بندوقن ۽ روالور سان پيڇو ڪري رهيا هئا. جرمني، اِٽلي، هالنڊ، سئزرلئنڊ، گريس، انگلئنڊ، جنهن جنهن ديش ۾ هن جو وڃان لٿو جاسوس ۽ پوليس آفيسر مؤجود هئا. سيني ملڪن کي آگاهہ ڪيو ويو تہ 'هن شخص ۾ ماڻهن جي دلين کي ڦيرڻ جي توڙي ڀاڻ ڏانهن ڇڪڻ جي مقناطيسي طاقت آهي، هن مان خطرو آهي.' سندس رٿائن تي پاڻي ڦيريو ويو ۽ اهڙيون حالتون پئدا ڪيون ويون جيئن وديش ۾ ڪيس پنهنجي پيرن کوڙڻ جي جڳهہ نہ ملي.

نيٺ جنوري ١٩٨٧ع ۾ هن کي واپس انڊيا موٽي اچڻو پيو. هن پنهنجي ڊاڪٽرن کي پنهنجا تجربا ٻڌايا. انگلئنڊ ۽ جپان جي ميڊيڪل ماهرن ان ڳالھہ جي تصديق ڪئي تہ 'ها، اوشو کي Thalium ڏنو ويو هو ۽ هن جي جسم ۾ ريڊيو ائڪٽو جون ذارئون ڇڏيون ويون هيون.'

ائين ڪونهي تہ ٻاهرين ماڻهن ۽ ادارن دواران تفشيشون ڪانہ ڪيون ويون، اهي بہ ٿيون مگر اوچن ادارن انهن نتيجن کي دٻائي ڇڏيو.

مئڪس بريشر (Max Brecher) پنهنجي پستڪ A passage to America ۾ لکي ٿو-

In 1989 primery research was procured by interveiwing sixty informants but that did not impede the unveiling of high level consipiracy orchestrated in tuned harmony with the most sincere interest of Roman catholic Church.

١٩٨٧ع ۾ رسرچ مواد ڪٺو ڪيو ويو هو، جنهن ۾ چشمديد گواهن

چون ٿا تہ هڪ ڀيري گوتم ٻڌ، هڪ تازي سهڻي گل کي هٿ ۾ جهلي، ان ڏانهن نهاريندي نهاريندي خاموش پروچن ڏنو. ان مؤن سَرمَن پوري ٿيڻ بعد، سندس شش مهاڪشيپ مُشڪڻ شروع ڪيو. اتي موجود ماڻهن مان صرف اهو اڪيلو شخص هو، جنهن ان خاموش پروچن کي ٻڌو ۽ سمجهو هو. اها 'سچ' جي پڇاڻ گوتم ٻڌ کان پوءِ ٢٨ پيڙهين بعد، ٻوڌي ڀڪشن تائين پهتي هئي ۽ اتان جپان، لنڪا ۽ چين ۾ ويئي. جتان زين مذهبي فرقي جو آرنڀ ٿيو هو.

هندو مندرن ۾ گهنڊ رکڻ جي پرٿا ٿيندي آهي. تبيت، برما ۽ چين ۾ بہ گهنڊ هوندا آهن. تبيت جو هڪڙو گهنڊ تمام سهڻو ۽ ڪلاتمڪ آهي. اهو هڪ ڪوپ جي آڪار ۾ هوندو آهي، وچ ۾ ڪاٺ جو هئنڊل. ان هئنڊل کي پڪڙي جيڪڏهن پندرهن دفعا گول ڦيرائبو ۽ هڪ ڏيڪاريل هنڌ تي لڳائبو تہ گهنڊ مان تبيت جي ٻوڌي منترن جو اُچارڻ ٿيڻ لڳندو. سنگيتميہ، مڌر آواز منتر جا شبد اُچاريندو-

اوم مُني پدم هم

ائين ٻاسندو جڻ تہ ڪو ڀوت يا ڪو فرشتو گهنڊ جي اندر اهو چئي رهيو آهي. هئنڊل وري ڦيرائبو ۽ ڏيکاريل جڳہ تي لڳائبو تہ وري اها ڌُن دهرائي ويندي-

اوم مُني پدم هم.

من آهي هڪ ڪنول جي گل مثل. ڪنول جو گل آهي پوترتا ۽ وئراڳ جو پرتيڪ. چِڪڙ (گپ) ۾ ڪڙندو آهي ۽ پاڻيءَ ۾ رهي بہ پاڻيءَ کي پاڻ کي ڇُهڻ نہ ڏيندو آهي.

۽ پوءِ شانتي نِشَبد شانتي.

هڪ ٻوڌي منتر اُچارڻ جو تجربو مونکي نجي طور آهي ۽ ان جي تاثير کان مان واقف آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ارٿ سمجهڻ کان سواءِ بہ اکر جي رِدَم ۽ موسيقي روح کي شانتي بخشيندي آهي. جيئن 'اوم' جي معنيٰ سمجهڻ کان سواءِ من اِستر ٿئي ٿو. الف (ا)، واو (و) ۽ ميم (م) ۾ سنگيت آهي. مون ماڻهن جي سموري گروپ کي زور سان ٻوڌي منترن

اونڪار - اجاپ جاپ

’سچ چا آهي؟

گرو نانڪ چيو آهي - ايڪو اونڪار ست نام.

جنهن جو جاپ ڪرڻو آهي، اُهو نرنڪار هڪ آهي ۽ اهو ئي سچ آهي. اونڪار يعني اوم جو اُچارڻ. هن جا گڻ اڪيچار آهن، هو ڪرتا (ڪرڻ وارو) آهي، نربئہ (بنا ڊپ وارو) آهي، نِروئر (بنا وير وارو) آهي، اڪال (بنا موت وارو) آهي، هو جوٽين ڪان آجو آهي يعني جمڻ ۽ مرڻ جي چڪر ڪان چٽل آهي. اهو اڳ بہ هو، اڄ بہ آهي ۽ سدائين رهندو ۽ اهوئي سچ آهي.

گرو نانڪ جي جپ صاحب جي پهرين پؤڙيءَ جو ارٿ اهو آهي ۽ ان ۾ ’سچ‘ جي سمجهاڻي آهي.

اهو جاپ اوهين چاهي ڏاڍيان ڪريو يا دل ئي دل ۾ اندر اجاپ ڪريو ٻالهہ ساڳي آهي.

اوشو رجنيش جپاني ڪوي باشو جي هائيڪو يعني ترائيل جو انگريزي ترجمو ٻڌائي ٿو -

The Ancient pond
The frog jumps in
The soundless sound
'Plop'

پراڻو تلاءُ

ڏيڏر ٽپو ڏئي ٿو

’چپڪ‘ جو پرلاءُ.

سانتيڪو واتاورڻ، ’چپڪ‘ جي آواز جو پڙاڏو ۽ پراڏي جي پرلاءَ ڪان پوءِ، سانت جو وڌيڪ گِهرو ٿي وڃڻ. جنهن اهو محسوس ڪيو تہ ڄڻ ’سچ‘ کي محسوس ڪيو.

وقت گھوشڻا ڪئي هئي تہ هيءُ ڇوڪرو اڳتي هلي ’ٻڌتوَ‘ کي پراپت ڪندو ۽ ان خوشيءَ ۾ سندس ناني ڳوٺ ۾ سيٺي کي دعوت ڏيئي جشن ملهايو هو. رجنيش جنهن جي عمر ان وقت ست سال هئي ناني کان سوال پڇيو هو - ’نانا ٻڌتوَ جو مطلب ڇا آهي؟ تہ کيس جواب مليو هو ’ٻڌيءَ وارو‘ اصل ۾ ٻڌتوَ جو مطلب آهي موڪش، نرواڻ، جنم مرڻ جي چڪر کان ڇوٽڪارو. ان ڳالهہ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هن کي ٻڌ ڀڳوان لاءِ ڪيتري شرڌا ۽ ڀڳتي هئي.

هن جو اوشو ڪميون اسٿاپن ڪرڻ جو مقصد ئي هو هزارن جي تعداد ۾ ’ٻڌا‘ پئدا ڪرڻ. رواجي ماڻهن کي ٻُڌا ھُدِ تائين پهچائڻ.

سندس ئي لفظن ۾ ’مون پنهنجي ڪميون ۾ هڪ ٻُڌ دائري جي تخليق ڪئي آهي، جتي گوتم ٻڌ انرجي جو وهڪرو آهي، جتي ٻُڌجيوَ جي ذهني ۽ روحاني دروازن کلڻ جا امڪان آهن.‘

هن بہ موڪش حاصل ڪرڻ لاءِ ڌيان جو رستو اپنايو جيڪو پڻ گوتم ٻڌ جو رستو هو. مگر گوتم ٻڌ جي ڌيان ۾ مؤن رهڻو پوندو هو. هو ڏينهن جا ڏينهن، هفتن جا هفتا خاموش رهندو هو. سماڌيءَ ۾ رهندو هو. جڏهين ڪ رجنيش ميوزڪ ۽ ڊانس (نرتيہ) جا طريقا اپنايا آهن. ٻين کي ۽ خود کي بيخوديءَ جي عالم ۾ ڇڏي ڏيڻ لاءِ ڇيو ۽ ساڌارڻ انسان لاءِ موڪش جا دروازا کولڻ ۾ هن مدد ڪئي.

گوتم ٻڌ راجڪمار هو. سڌارٿ جنهنجو نالو هو. هو ڪپل وستو جي راجا شڌوڌن جو سڪيلڌو پٽ هو. هو شادي شدهہ هو . سندس پتنيءَ جو نالو يشوڌرا هو. کيس هڪ پٽ هو جنهنجو نالو راهل هو. اوچتو هن جي دل جي جذبات کي دنيوي درد لوڏيو هو. هو مانو جاتيءَ جي ٻڍاپي، بيماري، مؤت ۽ پيڙا کي ڏسي وياڪل ٿي اُٿيو، کيس لڳو تہ کيس بہ انهن ئي ڳالهين مان لنگهڻو پوندو. هن کي وئراڳ ويڙهي ويو. پنهنجا محلات ماڙيون، مائٽ، پتني، پٽ تياڳي جوڳي ويس ۾ گهوڙي تي چڙهي جهنگل طرف نڪري ويو ’سچ‘ جي کوج ۾. هن ڇهہ سال گهور تپسيا ڪئي ۽ شرير کي ڪشٽ ڏنا.

کي گروپ چانٽنگ ڪندي ٻڌو آهي ۽ سڪون حاصل ڪندي ڏٺو آهي. نہ رڳو ڇوڙ وارن کي پر ٻڌڻ وارن کي شانتيءَ جو انيڀ ٿيندو آهي.

ٻڌ ڌرم ۾ ڪنول جي گل کي گهڻي ۾ گهڻي اهميت ڏني ويندي آهي. پتنجلي (٢١٥ قبل مسيح) جي يوگ شاستر جي سُشمنا (پنيءَ جي ڪنڊي جي وچ واري ڏارا) جي شڪتيءَ کي تبيت ۾ مڃيو وڃي ٿو مگر ٿوري علحدگيءَ سان ان جو نالو ڪورلو سسٽم (Khorlo System) آهي. اها پارت جي تَنتوَ گيان جي آڌار تي ٻڌل آهي يا هنن پنهنجي ليکي اها ايجاد ڪئي آهي، يقين سان چئي نٿو سگهجي.

يوگي پتنجلي جي سڌانت انوسار جسم ۾ ست چڪر آهن. هر هڪ چڪر جي شڪتيءَ جي پرک ڪنول جي گل جي پنکڙين جي تعداد سان ڪئي ويندي آهي. جيڪا هن ريت آهي-

	جڳهہ	چڪر جو نالو		ڪنول گل جون پنکڙيون
١-	پنيءَ جي ڪنڊي جي هيٺين ڇيڙي وٽ	موُلڌارا	(Muldhara)	۴
٢-	ڌُن جي هيٺان	سواڌِستا	(Swadhistha)	٦
٣-	ڌُن جي مٿان	مَنِپرا	(Manpura)	١٠
۴-	دل وٽ	انحد	(Anhad)	١٢
۵-	گلي ۾	وِشُدا	(Visudha)	١٦
٦-	ڀِرُن جي وچ ۾	اَجنا	(Ajna)	٧٦
٧-	مستڪ جي چوٽيءَ تي	سهسرار	(Sahasrar)	٩٧٢

ڪورلو سسٽم ۾ پنج چڪر آهن- ڌُن جي هيٺان ۽ مٿي وارن ٻن چڪرن جي بدران رڳو هڪ چڪر آهي ۽ ڀِرُنِ جي وچ وارو چڪر عدم موُجود آهي. سو ڪل ملائي پنج چڪر ٿين ٿا.

گوتم ٻڌ ۽ اوشو

اوشو پاڻ ٻڌ ڀڳوان کي اعليٰ درجو ڏئي ٿو. هن جو نرواڻ جو ٻيو لفظ آهي ٻُڌتوَ يعني موکش. مان ان واقعي جو ورنن ڪري چڪي آهيان (پيج ١٢) ۾ جڏهن بنارس جي هڪ جوتشيءَ اوشو جي جنم پتري ناهڻ

گوتم ٻڌ

هر روز جيان صبوح جو مان پنڌ تي نڪتي هئس. پونا ڪلب جي جاگنگ ٽرئڪ تي پنهنجي ڏُن ۾ پنڌ ڪري رهي هئس تہ اوچتو هوا جي جهونڪي سان هڪ سائو وڏو پنُ منهنجي وارن کي ڇُهي منهنجي ڏُپٽي ۾ اٽڪي پيو. مون پنهنجي رفتار گهٽائي ۽ ان پن کي هٿ ۾ جهلي ڏسڻ لڳيس. ها، اهو برگد (بڙ) جي وڻ جو وڏو پتو هو. مان ٿورو پاسيرو ٿي بيهي رهيس ۽ ان وڻ ڏانهن نهارڻ لڳيس. هي اُهو ئي ورات وڻ هو جنهن جو ٻيو نالو بوڌ-ورڪش آهي. بوڌ-ورڪش جي ڇايا ۾ ئي راجڪمار سڌارٿ ٻُڌتوَ کي پراپت ٿيو هو. اهو پوتر شاهي وڻ اڄ بہ پنهنجون ورات شاخون ڦهلائي بوڌگيا ۾ پنهنجي مظبوط پاڙن تي بيٺو آهي، جنهن کي دنيا جي اهم تيرٿ استان جو درجو مليل آهي. اهو پنُ مون پنهنجي هٿن ۾ سوگهو جهليو ۽ پنهنجي پنڌ جي ڪوٽاQuota پوري ڪري موٽر ۾ وينيس ۽ پنهنجي گهر پهتيس.

ها، ڪلڪتي شهر جي ٻاهران ڪجهہ دوريءَ تي اهڙو ئي هڪ وڻ آهي جيڪو ميلن جي ايراضيءَ ۾ ڦهليل آهي. ان وڻ جي اها خصوصيت آهي تہ هن جي شاخن مان نيون جڙون ڦٽنديون آهن جيڪي وري هيٺ جهڪي زمين ۾ جڙ پڪڙينديون آهن، جتان نوان ٻڙَ جا ٻوٽا نڪرندا آهن ۽ پوءِ وڻ بڻبا آهن. اهڙي نموني وڻ وڌندو ويندو آهي ۽ گهٽي ۾ گهٽي زمين تي پاڙون کوڙيندو ويندو آهي. هڪ وڻ مان ڪيترا وڻ پيدا ٿيندا آهن، جيڪي هن اصلي وڻ جيچوگرد ڦهليل هوندا آهن. اها وڻ جي جنس مظبوط ۽ پائيدار آهي جنهن جي عمر ڪيترين صديون تي

رجنيش، مڌيہ پرديش جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ مڌيہ ورگ (وچئين طبقي) واري پريوار ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ ڳوٺ ۾ ڪپڙي جو واپاري هو. رجنيش ننڍي هوندي کان ئي بغاوتي ويچار رکندو هو. هن کي بہ ذات پات جو ڀيدڀاو، ڌارمڪ انڌ وشواس واريون پرمپرائون ۽ ميتائون سخت ناپسند هيون ۽ وقت بہ وقت انهن جو وروڌ ڪندو هو. هو ضدي هو، بيباڪ هو، غير معمولي ذهين هو. هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهندي پنهنجي گِهري اڀياس سان پنهنجي واڪيہ ڪُشلتا ۽ ٽن روحاني فقيرن جي رهبريءَ هيٺ لنبا فاصلا طئہ ڪيا ۽ هڪ درجو حاصل ڪيو. ڀارت ۽ وديش جا رٿن ڪيا، هڪ اهڙي سنستا جي استاپنا ڪئي جا وديشين کي بہ راس آئي. هو آميريڪا ويو، پنهنجي دائري کي وسيع ڪيو. وديشي سرڪار جي سهڪار نہ ملڻ سبب هو واپس موٽي پوني ۾ آيو ۽ ٻيهر اوشو انٽرنئشنل ڪميون کي برپا ڪيو. ٻنهي جا رستا ساڳيا آهن، منزل بہ ساڳي آهي، مگر اپروچ الڳ آهي. ان لاءِ ڪال ڀيد (وقت جو تفاوت) ساڍين ايڪويهين صدين جو جوابدار ٿي سگهي ٿو.

اوشو ٻڌتوَ جي ڌارا کي، هڪ نئين نموني سان، نئين سر اڳيان وڌايو آهي. هو اڳئين ڌرم جي ڪڙي ناهي، پر هن جي ويچارن ۽ سڌانتن سان هڪ نئين يگ جي شروعات ٿي آهي.

گوتم ٻڌ گنڀير هو، دک درسي هو، سندس درشٽي صرف دنيا جي دکن طرف هئي. هن چيو هو- 'سروَم دکم دکم.' رجنيش دک درسي ڪونہ هو، هو ٻاڻ کي پيڙا پهچائڻ جي فائدي ۾ ڪونہ هو، مگر هو ب گنڀير هو، سنجيدہ هو. ٻاهران هو مذاق ڪري سگهندو هو، ٻين تي ٽنوليون ڪرڻ بہ ڄاڻندو هو، مگر اندران هو بيحد گنڀير هو. هن ٻهو آيامي جيون جي رهسين کي اونهائيءَ سان جاچيو، ٻهوُآيامي نقطن سان پرکيو ۽ سلجهائڻ ۾ ماڻهن جي مدد ڪئي. اهو سڀ هن هڪ نئي مشاهدي هڪ نئين نظر سان ڪيو.

تَتَست (سنئين ڪنڊي)، سماڌيءَ جي اوسٿا ۾. هن جي مک تي اڪنڊ الؤڪڪ شانتيءَ سڪون چانيل آهي. اهڙو سڪون، چهري تي ورلي ملندو آهي. سندس پريوءَ کي ڪو روپ ڪونه هو، هو نراڪار هو. ٻُڌ ڪلاڪن جا ڪلاڪ، ڏينهن جا ڏينهن هفتن جا هفتا الائي ڪهڙي ڌيان ۾ لين هوندو هو. هن جي ذهن ۾ ڇا هوندو هو، هو ڇا سوچيندو هو، هن جي من ۾ ڇا هلي رهيو هو، ان جي باري ۾ هيل تائين ڪوبہ اپياسي، ڪوبہ کوجنيڪ، ڪوبہ ودوان ڄاڻي نہ سگهيو آهي.

گوتم ٻُڌ رتن ڪنڊي پنهنجي يڪشن کي جيڪي پروچن ڏنا سي سپ مؤڪ (زباني) هئا جيئن اڪثر ٿيندو آهي. هن جي پرنرواڻ بعد سندس ششن انهن کي قلمبند ڪري سمپادن ڪيو. اهي پالي زبان ۾ ترِپٽڪ جي روپ ۾ مؤجود آهن. هن جي پالي تِرِپٽڪ ۾ سندس ئي انيِون جي آڌار تي، سندس آتم ڪٿا جو زباني ورنن ڪيل آهي. ان مان ڪي حصا مان هتي ڏيئي رهي آهيان-

”هتي مان ڪا ٻُڌل يا چيل ڳالهہ ڪونہ ڪري رهيو آهيان، بلڪ جيڪي ڪجهہ مون خود ڄاتو، محسوس ڪيو يا انيؤ ڪيو آهي اها ڳالهہ چئي رهيو آهيان.“

اها خود ڪلامي آهي جيڪا گوتم ٻُڌ جي اندروني ڀاونائن جي ترجمانيءَ نجي جيون جي عڪاسي ڪري ٿي.

”هماليہ (هيمونت) جي تلهٽيءَ ۾ هڪ جَنپَد آهي جتي ڪوشل ديش واسي رڄ سپاءَ وارو راجا آهي. هو ڌنوانءَ پراڪرمي آهي. هو شاڪيہ ڄاتيءَ جو آهي، مان اُن ئي ڪُل جو آهيان. مون کي سنساري پدارٿن جي ڪامنا ناهي. دنيا جي دوُشت زهريلي نتيجن کي ڏسي مونَ کي وئراڳ ويڙهي ويو آهي. مان مڪتيءَ جي ڳولها ۾ وڃي رهيو آهيان. منهنجو من اُن ۾ رڱيل آهي. منهنجي شهر جو نالو ڪپل وستوُ آهي.

سگھندي آهي. جيئن بوڌ-گيا واري ورکش جي آهي. اڄ بہ اهو اڍائي هزار سالن کان وڌيڪ عمر جو، جيوت ۽ سلامت آهي.

ان جي ئي وڻ جي هڪڙي شاخ کي سمراٽ اشوڪ جي راڄ جي دؤر ۾ شري لنڪا (سيلان) ۾ باعزت موڪليو ويو هو جتي سِنگھل جي انراڌپور ۾ لڳايو ويو هو ۽ اڄ بہ اُتي هڪ وشال ورکش جي روپ ۾ براجمان آهي.

اسان جي پوني شهر ۾ اهي برگد جا وڻ عام جام نظر ايندا آهن. جيڪي ور ور مون کي گوتم ٻڌ جي ياد ڏياريندا آهن.

گھر پهچي گھر جو ڪجھ ڪم ڪار لاهي مان پنهنجي ڪرسيءَ تي وينيس ۽ پنو ميز تي رکي سوچڻ لڳيس. اسان جي انيڪ مکيہ روحاني رهبرن ۾ ڪيتريون علحدگيون آهن. هرهڪ پنهنجي يُگ ۽ سياءَ جي مطابق الڳ رستا اپنايا. ڪنهن ڌيان مارگ اپنايو، ڪنهن پريم ۽ ڀڳتي مارگ، ڪنهن گيان مارگ کي اپنايو، ڪن نراڪار پرڀوءَ کي مڃيو تہ ڪن ساڪار ايشور کي. ڀارت ۾ ڀڳتي ڌارا جي شروعات اٽڪل اٺين صديءَ ۾ ٿي جنهن جا باني اڳتي هلي گھڻو ڪري سنت ڪوي بڻيا، جن سناتني برهمڻن جي ريتين رواجن ۽ پرمپرائن جو کنڊن ڪيو ۽ ڀڳتي رس کي اپنايو. مگر هڪ جهونو جوڳي جيڪو اڄ کان اڍائي سؤ سال اڳ هن پرٿويءَ تي پڌاريو، اهو هو گوتم ٻڌ. هن پنهنجي نئين ڌرم سان روحاني کيتر ۾ انقلاب آندو. گوتم ٻڌ هڪ ڌُرو تاري مثل هو جنهن سنسار کي هڪ نئين راهہ ڏيکاري. هن ماڻهن جي چيتنا جي اتهاس ۾ هڪ نئين باب جي شروعات ڪئي. ٻُڌ سان ڪجھ نئين جو جنم ٿيو. ٻُڌ سان مانوَ چيتنا ۾ هڪ ڪرانتي آئي. گوتم ٻُڌ جي واڻي 'ڌمپد' ۾ سندس پروچن ڏنل آهن. انهن وچنن کي سمجھڻ ضروري آهي جن ۾ شانتي، آنند، اوُرجا (شڪتي) ۽ شوُنيہ جون ڳالهيون آهن.

گوتم ٻُڌ جي آکرتي منهنجي اکين آڏو اچي ويئي. اکيون بند،

اُتان نڪري آيو.

هن نيون نيون ترڪيبون آزمايون. ڪجهہ وقت ڪپڙن کان سواءِ ننگو رهيو. ڪجهہ وقت لاءِ ڪتان بہ بکيا قبول نہ ڪري ٻُڪيو رهيو. ڪجهہ وقت هن ڪنهن جي بہ نينڊ قبول نہ ڪئي.

هو پنهنجي شش ساريپُٽر کي سنبوڌن ڪري چوي ٿو- ’ڪڏهن مان هڪ ئي گهر مان ٻکيا گهرندو هوس ۽ منهنجو کاڌو هو صرف ٻہ ڳتيون. ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو کاڌو کائيندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن ٻہ ٻہ، ست ست يا ايتري قدر جو پندرهن پندرهن ڏينهن کاڌو نہ کائيندو هوس. ڪڏهن هڪ سبزي کائيندو هوس تہ ڪڏهن ڪڪ پڻ کائيندو هوس تہ ڪڏهن گوبر. ڪڏهن قاتل ميرا ڪپڙا پائيندو هوس، ڪڏهن مُردن جا ڪپڙا پائيندو هوس. ڪڏهن ڪنڊن تي سمهندو هوس. طرح طرح جا ڪشٽ شرير کي ڏيندو هوس. ساريپٽر، ان حد تائين منهنجي تپسيا هئي.

’ساريپٽر، منهنجي سرير تي مٽيءَ جون پپڙيون ڄمي ويون هيون، سالن جي مٽي ڄميل هئي، ان مٽيءَ کي پاڻ ڌوئي ڪڍڻ يا ٻين کان ڌوئارڻ جي اِڇا بہ ڪانہ ٿيندي هئي. سياري جي راتين ۾ کليل مئدانن ۾ سمهندو هوس. ڪڏهن انساني کوپڙين کي وهاڻو بڻائي سمهندو هوس. وانهڙو منهنجي مٿان ٿُڪون ڦٽيون ڪندا هئا يا پيا ڪم بہ ڪري ويندا هئا. منهنجي من ۾ ڪو ٻُرو ڀاو پئدا ڪونہ ٿيندو هو.‘

’پوءِ مون پنهنجي نڪ ۽ وات مان ساهہ کڻڻ ۽ ڇڏڻ بند ڪري ڇڏيو. مٿي ۾ شديد سور ٿيڻ لڳو. بنا ساهہ کڻڻ جي ڌيان ڪرڻ شروع ڪيم. پيٽ ۾ وائيءَ (وايوُ) جو اثر ٿيڻ لڳو، پيٽ ۾ ڇڙيون ڇُپڻ لڳيون. شرير تپڻ لڳو، بخار ٿيڻ لڳو. پوءِ من ۾ خيال آيو ’ڇونہ کاڌو کائڻ صفا ڇڏي ڏيان؟‘ مان ائين ڪرڻ وارو ئي هوس تہ ديوتائن اچي مون کي

منهنجو پتا شدوڌن آهي، منهنجي ماتا جو نالو مايا ديوي آهي. مان ٢٩ سال گهر ۾ رهيس. مون کي ٽي اُتم محل آهن، جن جا نالا آهن- رام، ورام ۽ سُڀوت. منهنجي پتنيءَ جو نالو يوڪڇا (پورڪرتيا) ۽ پٽ جو نالو راهل آهي. (سنسڪرت ساهتيہ ۾ سندس پتنيءَ جو نالو يشوڌرا يا يشووَتي ڪري ميو وڃي ٿو.)

هو پنهنجن ششن کي سَنبوڌن (مخاطب) ڪري چوي ٿو- ”پوءِ ڀڪشوُ، ان وقت جڏهن مان سندر ڀڳڙو جوان هوس، منهنجا وار ڪارا هئا، مان پنهنجي ماتا پتا کي ڇڏي سندن مرضيءَ خلاف پنهنجي ڏاڙهي ۽ وار ڪوڙائي ڀوڳي ويس ڌارڻ ڪري، گهر ڇڏي بيگهر حالت ۾ گهوڙي تي چڙهي ڪپل وستوُمان ٻاهر نڪتس. ساندهہ ڇهہ سال مون ستيہ پراپتيءَ لاءِ ڪڙي پتسيا ڪئي.

’جنهن وقت مان گيان حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس، مون پاڻ محسوس ڪيو تہ مان جمڻ، ٻڍاپي، روڳ، مرتيو ۽ دک جو شڪار هوس ۽ پوءِ بہ انهن جي پنيان پئي پيس اِهي پدارٿون جيڪي مون کي ان پاسي وٺي وڃي رهيون هيون- پُٽ، پتني، داس، داسيون، سون ۽ چاندي، انهن جو سياءُ ئي انهن سان اهي جمڻ، ٻڍاپي، روڳ، مرتيو ۽ دک سان لاڳاپيل آهي. اهي ئي شيون وري انهن ئي ڳالهين کي پئدا ڪنديون. چونہ مان اهڙي جڳهہ جي کوج ڪريان جتي نہ جنم هجي، نہ ٻڍاپو، نہ روڳ ۽ نہ مرتيو هجي ۽ نہ پيڙا جي ڪا جاءِ هجي. جتي صرف سندر - يوگ - سروپ - آنند هجي.‘

اهو سوچي هو الڳ الڳ جڳهين تي ويو. اهڙين جڳهين تي ويو جيڪي ڌارمڪ متن سان جڙيل هيون، هڪ طرح جا مَٺ هئا، اُتي نواس ڪيائين. جيتوڻيڪ اُتي جي هلائيندڙن هن جو آدر ستڪار ڪيو، پاڻ جهڙو درجو بہ ڏنو، سکيائون بہ ڏنيون، مگر کيس سنتوش نہ مليو ۽ هو

جنم سماپت ٿيو. برهمچريہ واس پورو ٿيو. جيڪو ڪرڻو هو سو ڪري ورتم، هاڻي ڪرڻ لاءِ ڪجھ باقي ناهي.‘

’مان لڳاتار انيڪ جنمن مان گذريو آهيان. گرهہ ڪارڪ (گھر ٺاهڻ واري) يعني سنسار رچڻ واري (هو ان کي ايشور جو نالو بہ نٿو ڏئي) کي ڳولهيندي ڳولهيندي مان دکي جيون ۾ وري وري جنم وٺي رهيو آهيان. هاڻي هو گھر ٺاهي نہ سگھندو (يعني جنم مرڻ کان مڪت ٿي ويو آهيان). سڀ ڪڙيون ٽٽي پيون آهن، هاڻي چِت جي سڀ ترشنا مٽجي ويئي آهي.‘

گوتم ٻڌ نرواڻ کي پراپت ڪيو. هو رتن لاءِ نڪتو ۽ الڳ الڳ جڳھين تي ويو. جيڪي ڀڪشوُ هن کي ڇڏي ويا هئا سي هڪ هڪ ڪري هن وٽ واپس آيا، ڪنهن آسڻ وڇايو، ڪنهن پير ڌوتا. هن جو نالو ’ٻڌ‘ رکيو ويو ۽ هن کي آيوشمان جي بدران پورن تٿاگت (ڀڳوان) جو درجو ڏنو ويو. هن چيو ’مون امرت کي پاتو آهي. مان توهان کي اُپديش ڪندس. توهين اُپديش انوسار وهنوار ڪريو تہ توهين بہ سچ جي ساڪياتڪار ٿيندا.‘

هن جي ششن مان، آنند، هن جو شيوڪ شش هو. هو سدائين هن سان گڏ رهندو هو. هو آنند سان گڏ ياترائون ڪرڻ لڳو ۽ ڀن ڀن جڳھين تي پروچن ڏيندو رهيو. انت ۾ هن چيو - ’اچ آنند، اُتي هلون جتي ڪُسينارا آهي.

’آنند منهنجي لاءِ نندي چارپائي (کٽ) وڇاءِ. مان ٿڪجي پيو آهيان، مان ويهندس.‘

’آنند، منهنجي لاءِ پاڻي کڻي اچ، اُڃ لڳي اٿم. آنند، مان پاڻي پيئندس.‘

’آنند، اڄ رات جي پهرئين پهر ۾ ڪُئيسنارا جي ’اُپوَرتن‘ نالي شال وڻن جي جهنگل ۾ ٻن جاڙن وڏن وڻن جي هيٺان، تٿاگت جو آخري

چيو- ’متر، جيڪڏهن تون ڪاڏو بلڪل سويڪار نہ ڪندين تہ اسين تنهنجي
چمڙيءَ جي ٽُنگن مان دويہ آهار (روحاني خوراڪ) پهچائينداسين ۽ تون
زندهہ رهي سگهندين.‘ مان سوچڻ لڳس ائين تہ منهنجي تپسيا ڀنگ
ٿي ويندي. مون ديوتائن کي روڪيو، ’نہ ائين نہ ڪريو.‘ ۽ ان کان پوءِ
مان ٿورو کائڻ لڳس.‘

’پهرين صرف مُٺ ڀر مُنگن يا اڙهر جي دال جي رس پيئڻ لڳس.
ان وقت تائين منهنجو شرير ڪمزوريءَ جي چرم سيما تائين پهچي
چڪو هو. پيٽ جي چمڙيءَ کي هٿ لڳائڻ سان پٺيءَ جي هڏي تائين
آڱر پهچي ويندي هئي. پٺيءَ کي هٿ لڳائڻ سان هٿ پيٽ جي چمڙيءَ
تائين پهچي ويندو هو. شرير کي هٿ سان مهٽيندو هوس تہ شرير جا
رويان (وار) پاڙن سوڌا ٻاهر نڪري ايندا هئا.‘ سندس گورو رنگ ڪارو
ٿي ويو.

هو سوچڻ لڳو ’هيل تائين جن براهمڻن يا ڀين تپسيا ڪئي هوندي
ان کان وڌيڪ گهور درد ۽ تکي ويدنا نہ سٺي هوندي. پر ان کان پوءِ بہ مان
’پرم تتوَ‘ کي پائي نہ سگهيو آهيان. مون کي ٻيو رستو آزمائڻو پوندو.‘

هاڻي هو اسٿول آهار (دال چانور) کائڻ لڳو. هن وٽ جيڪي پنج
ڀڪشو هن مان گهڻيون اُميدون رکي آيا هئا، سوچڻ لڳا تہ گوتم تہ تپسيا
کان وِمُک ٿي ويو. نراس ٿي هن کي ڇڏي هليا ويا.

’طاقت اچڻ کان پوءِ مان وري ڌيان ۾ لڳي ويس ۽ پهرئين گيان جو
سک ماڻيم. تنهن بعد ٻئين، ٽئين ۽ چوٿين اوستا جو بہ سک ماڻيم. مون
پنهنجي اڳئين جنم کي ياد ڪيو. مان ڏسي سگهيس- هي دک آهي،
هي دک جو احساس آهي، هيءُ دک مٽائڻ جو رستو آهي. مون انيا
ڪيو- منهنجي اوديا (اڄاڻائي) هلي ويئي، مون ودیا پراپت ڪئي
اوندهہ گم ٿي ويئي، پرڪاش پئدا ٿيو. منهنجو چت مکت ٿي ويو

تمام ويجهو آهي.

٣. جڳ هڪ سپنو آهي. من، انسان ۽ ايشور جي وچ ۾ رُڪاوٽ آهي. سچ ڪان دور ڪرڻ وارو ٻيو ڪو ڪونهي، اسان جو من آهي. من سپنا ڏسي ٿو هو پاڻ هڪ سپنو آهي. ماضيءَ جو سپنو، مستقبل جو سپنو، آشائون اڀلاکائون، آڪانڪشائون، سپنا ۽ خواهشون. من انهن سان ڀريل آهي.

٤. من هڪ رُڪاوٽ آهي. انڪري اتيشا نو مائينو (من جو نه هجڻ) جو رستو ٻڌائي ٿو. ان ڪي اتيشا 'ٻوڌي چت' سڏي ٿو يعنيٰ ته ٻڌ ڪي چت ۾ سمائڻ. ان جو ٻيو نالو ٻوڌي چيتنا آهي. اها ڪرشڻ چيتنا، ڪرائيسٽ چيتنا، محمد چيتنا ڪنهن سان به لاڳو ٿي سگهي ٿي. مطلب آهي پنهنجي آراڌيه ڪي پنهنجي شعور، پنهنجي چت ۾ سمائي ڇڏڻ. پنهنجي من ڪي 'نه من' جي حالت ۾ رکي شونيه يعنيٰ صفر بڻائي ڇڏڻ. من ڪي 'نه من' جي حالت ۾ ڇوڻ عجيب لڳي ٿو مگر اهڙو خالي من، ڌيان سان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

ڌيان ۾ رهي اتيشا ان ڪي 'مار' ڪي قبضو ڪرڻ يا مارڻ جي ڳالهه نٿو ڪري هن جيڪو لفظ ڪم آندو آهي اهو آهي من ڪي train ڪرڻ يعنيٰ من ڪي سکيا ڏيڻ، تربعيت ڏيڻ يا دشا ڏيکارڻ. جيئن اسين ڪنهن ٻوٽي جي ول ڪي ٽرين ڪندا آهيون ته هوءَ ڪهڙي پاسي وڃي، اهڙي ٽريننگ جيئن من خاموش رهي سگهي، اجايو سجايو سوچي ڌيان ۾ وگهن نه وجهي، نه خود ڪي ڀٽڪائي نه اسان ڪي ڀٽڪائي ۽ اها آهي mind traning.

٥. جنم ۽ مرتيو آهي ئي ڪونه. جڏهن ماڻهو 'ٻوڌي چت' جي حالت ۾ هوندو، ڌيان ۾ هوندو، بلڪل سجاڳ ۽ جاڳرت هوندو تڏهن هن ڪي اها ڳالهه سمجهه ۾ ايندي ته جنم ۽ مرڻ ٿيندو ئي ڪونهي. آتما نه جمندي آهي نه مرندي آهي. هن جي اندر بنا مرتيو ۽ بنا جنم جي سجاڳي پئدا ٿيندي. هو هلڪو محسوس ڪرڻ لڳندو، کلڻ لڳندو ۽ کيس اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويندي ته هو بنا ڪارڻ موت ڪان ڊنل هو، بنا ڪارڻ هو لالچ ۾ ڦاٿل هو، بنا ڪارڻ دک ۽ پيڙا ڀوڳي رهيو هو. اها

پرنرواڻ ٿيندو. هل آنند، جتي ڪُتا ندي پيئي وهي، اُتي هلون.‘

’ڪٽ وڃاءِ، مان ليٽندس!‘

’اچ آنند، جتي هرڻيوَتي نديءَ جو ٻيو ڪنارو آهي، اُتي ڪُسينارا ۾ آهي.‘

’اُتي جتي شال وڻ آهي، اُتي هلون. آنند، ٻن وڻن جي وچ ۾ اُتر طرف سيرانديءَ ڪري چارپائي وڇائي ڇڏ. مان ٿڪو آهيان، آنند ليٽندس.‘

’آنند، توکي ائين ڀاسي رهيو آهي نه ته اسانجو مارگ درشڪ تٿاگت ويندو هلي. اسان کي ڪير رستو ڏيکاريندو؟ ائين نه سمجهه. مون جيڪي ڪجهه توهان کي ڌرم جي باري ۾ اُپديش ڏنا آهن، اُهي ئي منهنجي وڃڻ کان پوءِ توهان کي رستو ڏيکاريندا.‘

’’ڀڪشوئو! مان هاڻي به توهان کي چوان ٿو، سنسار ناسونت آهي، بنا ڪنهن شنڪا جي پنهنجي لڪش (مقصد) طرف وڌو!‘‘

۽ اهي تٿاگت جا انتم وچن هئا.

ٻڌايو تہ ’ڏيان وقت ان ڳالھہ کي مرڪز بڻائڻو آهي تہ جيون هڪ سپنو آهي، دنيا جي هر شيءِ، هر ڳالھہ سپني جيان آهي.‘

ڏما ڪيرتيءَ وري هن کي ڏما رڪشا وٽ موڪليو جنهن ڪيس لڳ لاڳاپن کان آجو رهڻ جي هدايت ڏني ۽ ڪيس جيون مرتيو جي عدم موجودگي جو احساس ڏيارايو.’ نہ جيون آهي نہ مرتيو.‘ ان بعد ڏما ڪيرتيءَ هن کي يوڳن مئتريءَ وٽ وڃڻ لاءِ چيو. هن ڪيس ڪروڻا، همدردي ۽ پيار جو سبق سيکاريو ۽ ڪيس ٻڌايو تہ ڪيئن پنهنجي ساهہ کڻڻ ۽ ڇڏڻ جي ڪريا سان پنهنجي چوڌر خوشي ۽ سڌياوناڻن جون لهرون موڪلي سگهجن ٿيون. جيتوڻيڪ ٽيئي روحاني فقير ودوان هئا، آتمڪ گيان جا ماهر هئا، پوءِ بہ ڀرئين بهتر سمجهيو تہ وڌيڪ سمجهاڻيءَ لاءِ ٻئي وٽ وڃي ۽ ٻئي جي سمجهہ مطابق هن جو ٽئين وٽ وڃڻ ضروري هو. ٽيئي هڪڙي ئي جڳهہ، هڪ ئي پاڙي ۾ رهندا هئا ۽ ٽيئي پنهنجي پنهنجي وشيہ ۾ ماهر هئا. هنن اتيشا جو سموري ٻوڌي گيان سان پريچيہ ڪرايو.

ڇا ڌرم وگيان جي هڪ شاخ آهي؟

ڇا اهو اهڙي طرح آهي جهڙي طرح علم ڪيميا *Chemistry* يا علم طبيعات *Physics* آهي؟ نہ اهو ڪونهي. مگر وگيان جو مطلب ئي آهي گيان حاصل ڪرڻ. جيڪڏهن ڌرم وگيان نٿو ٿي سگهي تہ ڇاتو ٿي سگهي؟ ها، ٿياسافي *Theosophy* ڌرم سان سنبنڌ رکڻو وارو وشيہ آهي مگر ان جو ابياسي ڇا موڪش پائڻ جي قابليت رکي ٿو؟ ڪتابي ابياس سان ڌرم کي نہ ڪو ڄاڻي سگهيو آهي ۽ نہ ڄاڻي سگهندو؟ سائنس جو ڪو مقصد ٿيندو آهي، ڪجهہ ثابت ڪرڻو هوندو آهي. انهن ثابتين جي آڌار تي نوان انويشڻ يا ايجادون ٿينديون آهن. مگر ڌرم کي ڪو مقصد ناهي هوندو. ڌرم جي ’نہ ڄاڻڻ‘ جي باوجود ڄاڻ ٿي سگهندي. ڄاڻ خود پاڻ کي ڄاڻندي آهي. جڻ ڪا آرسي پنهنجي ئي عڪس کي ڏسي رهي هوندي آهي.

ساڌارڻ سائنس تي مٽيءَ جو تهہ چڙهيل هوندو آهي، ڌرم آهي اُن جي خوشبو. وقت پوڻ سان مٽي گم ٿي وڃي ٿي ۽ ڪنول جو گل ظاهر

ٿئي ٿو. انت ۾ ڪنول جو گل بہ اکين کان اوجهل ٿي وڃي ٿو ۽ صرف سڳنڌ باقي رهجي وڃي ٿي.

ڌرم کي سمجهائڻ ناممڪن آهي. ان کي صرف محسوس ڪري سگهبو آهي. ان کي پڪڙي بہ ڪونہ سگهبو- صرف پنهنجي آڱرين سان ان طرف اشارو ڪري سگهبو. اهڙي طرح ئي تبت جي روحاني فقير اتيشا پنهنجي آڱرين سان چند ڏانهن اشارو ڪيو آهي. پنهنجي سڌانت Seven points of mind training دئاران مَن کي ڪيئن تربيعت ڏيئي سگهبي آهي، ان جا ست رستا ٻڌايا آهن، جيڪي گوتم ٻڌ جي سڌانت تي ٻڌل آهن. مگر هن جي چوڻ مطابق من کي ’ مارٽو‘ ناهي ان کي دشا ڏيکارڻي آهي. جڏهن تہ گوتم ٻڌ هن کي ’مار‘ جو نالو ڏنو هو.

ست طريقا :-

١. سچ هتي آهي. سچ جي تخليق ڪانہ ڪري سگهبي آهي. ان کي ناهي نئو سگهجي نہ تہ اهو سچ، سچ نہ رهندو. اهو اڳي بہ هو، اڄ بہ آهي ۽ سياڻي بہ ساڳيو رهندو. ان ڳالهہ کي قبول ڪرڻو پوندو.

٢. سچ پري ناهي. اسان جي چوڌر آهي. اهڙي طرح جيئن مڇي سمنڊ ۾ رهي ٿي، چئني طرف پاڻي ئي پاڻي.

مڇيءَ کي سمنڊ جي ڄاڻ ناهي، ڇاڪاڻ تہ اهو هن جي بلڪل قريب آهي. قريب ڇا، اهو تہ هن ۾ ئي آهي، هن جي روم روم ۾ آهي. جيڪڏهن هوءَ سمنڊ کي ڄاڻي سگهي ها، سمجهي سگهي ها تہ هوءَ موکش پائي سگهي ها.

مگر هوءَ ڪڏهن سمجهي نہ سگهندي ڇاڪاڻ تہ هن جو جنم سمنڊ ۾ ٿيو آهي. اُتي ئي سدائين رهي ٿي هوءَ سمنڊ جو حصو آهي. هڪ لهر وانگر جيڪا مٿي اُڀري ٿي ۽ اُتي ئي گم ٿي وڃي ٿي.

ڪنهن کي سمجهڻ لاءِ فاصلي جي ضرورت ٿيندي آهي.

اها ئي ڳالهہ سچ سان بہ لاڳو آهي. اها ئي ڳالهہ لاڳو آهي ڀڳوان سان، خدا سان، محمد سان، يسوع مسيح سان. اسين هن کي نٿا سمجهون نہ، ان ڪري جو هو اسان کان پري آهي، پر ان ڪري جو هو اسان جي

استتي هن پاڻ ئي پئدا ڪئي هئي.

٦. اپاءُ جي موهه کي به ڇڏڻو آهي. ها، هن کي سڀ سمجهه ۾ اچي ويو تڏهن ته دنيا جي هرهڪ شيءِ ۽ هر ڳالهه هڪ سپنو آهي. جيون مرتيو جو وجود ناهي، من رُڪاوٽ آهي هو آنند ۾ اچي ويندو، خوشيءَ ۾ ڦوليو نه سمائيندو. پر من وري هڪ ٻي چالاڪي ڪندو ۽ هن کي گُمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. 'مان ڪامياب ٿي ويو آهيان، مون کي سڀ سمجهه ۾ اچي ويو آهي' هو وري من جي ڦنديءَ ۾ ڦاسجندو. من جي ته اِڇا ئي آهي ته اسين سندس غلام ٿي رهون.

گوتم ٻڌ هڪ ڪهاڻي ٻڌائي آهي-

پنج مورک هڪ ڳوٺ مان لنگهي رهيا هئا. هنن جي مٿن مٿان هڪ ٻيڙي هئي جيڪا ڪافي وڏي هئي. هو پنجئي ان جي بار هيٺان دٻجي رهيا هئا. پوءِ به ان ٻيڙيءَ کي ڪُلهي وجهي رهيا هئا.

ماڻهن هنن کان سوال پڇيو-'هي توهين ڇا ڪري رهيا آهيو؟ ٻيڙي ڇو ڪُلهي وجهي رهيا آهيو؟'

هنن جواب ڏنو- 'اسين هن ٻيڙيءَ کي هيٺ ڇڏي نٿا سگهون. جنهن وقت اسان کي ان جي ضرورت هئي هوءَ اسان جي ڪتب آئي. اسان کي هن پار ڪناري تي پهچايو. ڪيڏي انڌيري رات هئي ۽ ڪيڏا جهنگلي جانور هُن پار هئا! اسان کي کائي وڃن ها. هن ٻيڙيءَ رستي اسين پار پهچي سگهيا آهيون. اسين هن ٻيڙيءَ جا قرضدار آهيون. اسين هن کي ڪيئن ڇڏي سگهنداسين؟'

اسان جي من جو به اهڙو حال آهي. اسين به اٽڪي ٿا پئون. جنهن اسان جو علاج ڪيو، جنهن اسان جون مشڪلاتون حل ڪيون ان کي چنبڙي ٿا پئون. ننڍين ننڍين ڳالهين کي دل سان جوڙي ٿا رکون. ترڪيبن تي عمل ڪرڻو آهي ۽ ڪم ٿيڻ کان پوءِ سڀ وسارڻو آهي. ڳالهين کي وٺي نه ويهڻو آهي، چنبڙي نه پوڻو آهي. من جو ڪم آهي چنبرڻ، هن جو ڪم آهي ڦاسائڻ.

تِبت جو زين روحاني مسٽڪ (فقير)

اتيشا

تبت هڪ اهڙو ملڪ آهي جتي سڀ کان اول، انسان جي اندروني دنيا ڏانهن ڌيان ويو هو ۽ ان کي سمپورڻ شڪتي ۽ گنڀيرتا سان سمجھڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي. ڪنهن زماني ۾ اُتي سَوَن جي تعداد ۾ مَٺ هئا جتي ماڻهن کي پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ۽ پنهنجي چيتنا کي جاڳائڻ جي سکيا ڏني ويندي هئي. ڪو وقت هو جڏهن هر ڪٽنب جو وڏو پٽ اُتي موڪليو ويندو هو سکيا وٺڻ خاطر. ھُن کي اُتي ڌيان يعني ميڊيٽيشن ڪرڻ ۽ پنهنجي اندروني دنيا طرف جاڳرت رهڻ جا طريقا پڙهايا ويندا هئا. گهر جي ٻين ڀاتين کي زندگيءَ جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ خوب محنت ڪرڻي پوندي هئي ڇاڪاڻ تہ اُتي جي آب هوا ۽ ٻيون حالتون موافق ڪانہ آهن. پوءِ بہ پاڻ ۾ پيهڻ جي ڪوشش اُتي ئي ڪئي ويئي هئي ۽ اُتان ئي شروع ٿي هئي.

اڄڪلهہ اُتي هلي حالتن ڪجهہ اهڙو ڦيرو کاڌو جو چين، جيڪو ماديت نقطہ نظر کان وڌيڪ طاقتور آهي، تبيت تي حاوي پئجي ويو. ڪميونزم جي آمد سان تبت چين جو هڪ پاڇو ماتر ئي رهجي ويو. اهو اتهاس جو هڪ اهڙو دردناڪ حادثو آهي جو تبت، جنهن انساني اندرئين سنسار جي خزانن کي ڳولهڻ ۾ مدد ڪئي هئي، ماديپرستن جي هٿن ۾ اچي ويو ۽ پنهنجي هستي کوهي وينو. اتيشا يارهين صدي عيسوي جو ٻوڌي مسٽڪ هو.

هن ٽن ٻوڌي گُرن کان شڪشا ورتي هئي. ٽيئي مهان يوگي هئا. هنن جا نالا هئا- ڌماڪيرتي، ڌمارڪشا ۽ يوگِن مئتري.

پهرين هو ڌماڪيرتيءَ وٽ ويو جنهن هن کي شونيہ جي سکيا ڏني. من کي بلڪل خالي رکڻ يعني No Mind رکڻ لاءِ چيو. 'هن ڪيس اهو بہ

ڪمپئيشن (Compassion) جو. سموري پيڙا پي وڃڻي آهي ۽ سڪميہ آشيرواد
ڪي سنسار ۾ ڦهلائڻو آهي.

اوهان کي تعجب ٿيندو تہ جنهن لمحي اوهين دنياير جي پيڙائن کي ۽ يوڳنا کي پنهنجي اندر سمائيندا، اها پيڙا، پيڙا نہ رهندي. اها ان کي شفي شڪتيءَ ۾ متجي ويندي ۽ اوهين آنند ۾ پرجي ويندا، جڻ تہ اوهان جي اندر رساين وديا alchemy برجمان هئي، جنهن رواجي ڌاتوءَ کي سون ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. يا ڪو پارس پٿر رکيو هو، جنهن پٿر کي ڇُهڻ سان ڪابہ شيءَ ڪنچن بڻجي ويندي آهي. ها، اندر زهر جي بدران امرت پرجي ويندو، نہ رڳو اندر پر سموري سنسار ۾.

۽ اندرين خوشي پائڻ لاءِ، جيڪا سمپورڻ آنند آهي، آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ، شعور کي جاڳائڻ لاءِ، من کي استر ڪرڻ يا من کي دِشا ڏيڻ لاءِ اتيشا اهي ست طريقا ٻڌايا آهن. اهي اسين عمل ۾ آڻي سگهون ٿا چاڪاڻ تہ انهن جو آڌار وگيان آهي. اهي وگيانڪ آهن. انهن کي اتيشا پاڻ تي ۽ ٻين تي بہ آزمايو آهي.

٧- ساهہ تي چڙھي ڪُرٽا ڦهلائڻ جو رستو-

جڏھن اسان خود کي شونيہ بڻايو، سچ کي سمجھيو، دنيا کي سپنو سمجھيو، من کي صحيح دشا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، جنم مرڻ جي نہ هئڻ جي ڳالهہ سمجھي، ننڍين ڳالهين ۽ ترڪيبن کي ڇڏي ڏيڻ جو راز سمجھيو ان وقت اسين اڪنڊ آنند جو انڀوَ ڪرڻ لڳنداسين، پر ٿورن لمحن لاءِ ڏيان جي دوران، اهڙيون گهڙيون ايندڙيون جڏھن اسين پاڻ کي هلڪو هلڪو محسوس ڪنداسين پر چند گهڙيون صرف چند گهڙيون. اسين وري پنھنجي جاءِ تي موٽي اينداسين. اسان کي ائين ڪندو رهڻ گهرجي ۽ اهي چند گهڙيون وڌنديون وينديون. تناءُ گم ٿي ويندو. ان اسٿتيءَ کي پتنجليءَ 'سماڌي' سڏيو آهي، گوتم ٻڌ 'سمبوڌي' ۽ اتيشا 'ٻوڌي چت' جو نالو ڏنو آهي.

اتيشا کي پنھنجي ششن جي مشڪلاتن جي ڄاڻ هئي. هن کي خبر هئي تہ اندر وڃڻ جون گهڙيون ڪٽڪ ٿينديون- ٿوري دير لاءِ اسين آنند ماڻينداسين، پر ڪِڻ ۾ اها گهڙي گم ٿي ويندي. ٿوريءَ دير لاءِ ان رهسيہ مئي گهڙيءَ جو سيلاب ايندو ٻي گهڙيءَ هليو ويندو. شروع ۾ صرف جهلڪون نظر ايندڙيون ڪجهہ سوچڻو ناهي نہ ڪجهہ ڪرڻو آهي سڀ پاڻھي ٿيندو رهندو.

انهن گهڙين جي درميان ڪڏھن آسمان ۾ ڪڪر ڇانيل هوندا ۽ تہ ڪڏھن اوچتو ڪڪرن مان سج نڪري نروار ٿيندو ۽ وري اوچتو سج ڪڪرن سان ڍڪجي ويندو. اِنهن گهڙين ۾ ڪرُٽا کي جاڳائڻو آهي. اهو ڪيئن؟

اسان کي شروع کان ائين سيکاريو ويو آهي تہ ساهہ کڻڻ مهل شفي ڳالهين کي- خوشي ۽ خوشمزاجيءَ کي اندر کڻڻو آهي ۽ ساهہ ڇڏڻ مهل نفي ويچار، وڪار ۽ پيڙا کي ساهہ سان گڏ ٻاهر ڪڍڻو آهي.

مگر اتيشا جو تريقو بلڪل اُبتڙ آهي. هو چوي ٿو تہ جڏھن ساهہ کڻو تہ دنيا جي پيڙا ۽ تڪليفن کي اندر کڻو ۽ ساهہ ڇڏڻ مهل سموري خوشي ٻاهر وشوَ ۾ ڦهلايو. اهو طريقو آهي ڪُرٽا جو، همدرديءَ جو،

گوتم ٻڌ ان سڌانت جي وپريت ڳالھ ڪئي. ھن ڪنھن بہ ديوتا کي قبول نہ ڪيو. ھن جو ڌرم ھو ڌيان، گيان، مانوتا، ڪروڻا، اھنسا، شرڌا ۽ اِندرين تي وجيہ پائڻ. ھن منش کي اُتم منش بڻجڻ جي پريرڻا ڏني. ھن پنھنجي ششن کي پنھنجي شرير کي ماڻ ڏيڻ يا پوڄڻ جي بہ منع ڪئي. کين اھا بہ ھدايت ڪئي تہ اڳتي ھلي کيس ڀڳوان جو درجو نہ ڏنو وڃي ۽ نہ ئي پوڄيو وڃي.

ھن اھو بہ پربوڌ ڏنو تہ جيون ۾ گھڻو وِلاس ۽ عيش عشرت ڪرڻي ناھي ۽ نہ ئي خود کي پيڙا يا ڪشٽ پھچائڻو آھي. وچون رستو ئي اُتم رستو آھي ۽ ان کي اپنائڻو آھي. ھو سنتُلن جي فائدي ۾ ھو. جيون ۾ ميزان رکڻ تمام ضروري آھي. ھن پاڻ وِلاس وارو جيون ھڪ راجڪمار جي حيثيتُ ۾ گھاريو ھو. ھن بک، اُڃ ۽ تڪليفن واري ڪٺن چانيل رستي تي پنھنجي مرضيءَ سان پنڌ ڪيو ھو. ھن ٻئي اسٿتيون آزمايون ھيون، کيس پاڻ تجربو ھو، ان ڪري ھن پنھنجي ششن کي وچون رستو اپنائڻ لاءِ چيو.

اڳتي ھلي ڀارت ۾ اٺين صدي عيسوي بعد جيڪا ڀڳتي ڌارا جي لھر آئي، ان ۾ عمومن روحاني ڪوي پئدا ٿيا. مھاراشٽر جو سنت گيانيشور تڪارام، اُتر پرديش جو ڪبير، سورداس، رحيم خانخانہ، راجسٿان جي ميرا ٻائي، پنجاب ۾ گرو نانڪ ۽ ٻيا گرو، سنڌ ۾ صوفي شاعر شاھ عبداللطيف، سچل ۽ ساميءَ جنم ورتو، جن دين ۽ ڌرم جي رکوالن پنڊتن ۽ مولوين جي ويچارن کي قبول نہ ڪيو. ذات پات جي ڀيد ڀاو کي نہ مڃيو، نہ ئي پارمپرڪ پوڄا، يگيہ يا ھوَن کي سويڪار ڪيو. عام ماڻھن انھن ويچارن ۽ سڌانتن جو سواگت ڪيو ۽ ھنن لوڪپريتا حاصل ڪئي. انھن مان گھڻو ڪري ڪوي ئي ھئا جن پنھنجي ڀاشائن ۾ شاعري ڪري جنتا جي ويچارن ۾ ڪرانتي آندي. انھن مان ڪن ايشور جي نراڪار روپ کي مڃيو تہ ڪن وري ساڪار روپ سان پيار ڪيو. ميرا ٻائي ۽ سورداس ڪرشڻ جا پوڄاري ھئا، ھنن پريم ۽ ڀڳتيءَ جون ڪويتائون لکيون ۽ ڳايون. ڪبير، گرو نانڪ، شاھ عبداللطيف، گوتم ٻڌ وانگر ايشور

گوتم ٻڌ ۽ ٻيا سنت ڪوي

گوتم ٻڌ مانوتا (انسانيت) کي گهڻي ۾ گهڻي اهميت ڏني هئي. هن منش (انسانن) کي ديوتائن کان وڌيڪ درجو ڏنو هو. عام طرح سان ائين مڃيو ويندو آهي تہ ماڻهو اُنتي ڪري ديوتا بڻبو آهي، مگر ٻڌ ان ڳالهہ کي سويڪار نٿو ڪري، هو تہ ان جي بلڪل اُبتڙ ڳالهہ ٿو چوي. هن جو چوڻ آهي تہ ديوتائن جي جڏهن سُگتي ٿيندي آهي يعنيٖ جڏهن هو (اُنتي) ڪندا آهن، هو مانوتا پراپت ڪندا آهن.

मनुस्सतं खो भिक्खवे देवानं सुगति गमनसंखात

MANUSTTAN KHO BHIKHAVE DEVANI SUGATI GAMMANSANKHAT

هن جو چوڻ آهي، ’ديوتا ولاس ۾ رهن ٿا، عيش عشرت ۾ مگهو آهن، وير، حسد، موهہ جو شڪار آهن، جتي اهڙيون ڳالهيون آهن اُتي نرواڻ جي ساڌنا ٿي ڪانہ سگهندي. ان ڪري ديوتائن کي منش بڻجڻو پوندو.‘

اسين جيڪڏهن ڌرم جي اتهاس ڏانهن نظر ڊوڙائينداسين تہ ڏسنداسين تہ سرشٽيءَ ۽ سنسڪرتيءَ کي شروعات کان وٺي، هر ديش ۾ پوءِ اهو چاهي يونان هجي، ڀارت ورش هجي يا آفريڪا، اول پرڪرتيءَ جي پوڄا ٿيندي هئي. سج کي، چنڊ کي، وايو ۽ اگنيءَ کي پوڄيو ويندو هو. ڇاڪاڻ تہ زندهہ رهڻ لاءِ انسان کي يا پشو پکيءَ کي، پرڪرتيءَ جي ڪرپا تي ڀاڙڻو پوندو هو ۽ ان ڪري ان کي پوڄيو ويندو هو. اهڙيءَ طرح سوريہ ديوتا، چندرما ديوتا، وايو ديوتا ۽ اگني ديوتا خلقيا ويا ۽ اهي انسانن ئي خلقيا. ان بعد ان سان لاڳاپيل ڪهاڻيون جوڙيون ويون، مهاڪاويہ رچيا ويا. رامائڻ ۽ مهاڀارت جو نرماڻ ٿيو، انهن جا آدرش ڪردار پوڄجڻ لڳا، اهي ديوتا بڻجي ويا ۽ اڄ بہ پوڄيا وڃن ٿا.

صرف جيوَ - تتوَ کي پاڻ وٽ رکيو.

چئني اوستائن مان گذري پاڻ کي واپس چيتنا ۾ آڻي، اُبتي ڪرم سان چئني سماڌين ۾ بيھر پرويش ڪيائين. ائين وري وري ڪرڻ سان هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ويو ۽ سمبوڌيءَ کي پراپت ٿيو.

ڌيان دوران گوتم جي ذهن ۾ ڇا هلي رهيو هو، هو ڇا سوچي رهيو هو، اهو هيل تائين ڪوبہ ايپاسي، عالم يا ڪوجنيڪ ڄاڻي نہ سگهيو آهي.

٢٤ سالن جي عمر تائين هو پنهنجي محلات ۾ رهيو. ڇھہ سال نرواڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هو هِتِ هُتِ ڀٽڪيو هو. پالي پرمپرا موجب ٤٥ سال، سنسڪرت ٻوڌي گرنٿ موجب ٤٩ سال هو مختلف جڳهين جو رٽن ڪندو رهيو ۽ اُپديش ڏيندو رهيو. اهڙي طرح ٨٠ يا ٨٤ سالن جي ڄمار ۾ هو پرينرواڻ کي پراپت ٿيو.

جڏهن هن سمبوڌي حاصل ڪئي تہ ڪيترا هفتا هو بنا ڪجھہ کائڻ پيئڻ جي، بنا ڇُرڻ پُرڻ جي، ڌيان جي آنند ۾ وينو رهيو. هن جي من ۾ آيو تہ درلڀ ٻوڌيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ مون ايترا يتن ڪيا آهن، ڇونہ مان ان جي سک کي ماڻيان؟ پوءِ ڪيس خيال آيو تہ اها تہ آڪانڪشا آهي ۽ مون کي ان کان پرهيز ڪرڻي آهي. هن ’من‘ کي ’ مار‘ جو نالو ڏنو هو. من کي مارڻ ئي هن جو اُديش هو، مقصد هو. هن مار کي بہ هار ڏني، من جي اِڇائن تي فتح حاصل ڪئي. آتم مکتيءَ مان بہ ڪيس سنتوش نہ مليو. ڌيان سک هن کي ٻڌي نہ سگهيو. لوڪ ڪلياڻ واسطي ڌيان سک کي ڇڏي هو پنهنجن ياترائن تي نڪتو.

مگر ياترائون ڪندي، هلندي چلندي هو ڌيان ۾ هليو ويندو هو. چيو ويندو آهي تہ تٿاگت ڌيان کان خالي ڪڏهن نہ رهيو. ان جي گواهي تِرپٽڪ جي هرهڪ صفحہ مان اسان کي ملي ٿي. هن جو هڪ هڪ اکر هرهڪ سٽ سندس ڌيان اوستا طرف اِشارو ڪن ٿا. ٻڌ جون پٿر جون مورتون جيڪي اسان کي ملن ٿيون اهي بہ ان ڳالھہ جون سوُچڪ آهن، جيڪي سندس مک تي شانتيءَ جي شڪتيءَ کي اظهارڻ ۾ بيمثال آهن. مشهور فلاسافر ڪائونٽ ڪئسرلنگ چيو آهي - ’ٻڌ مورتيءَ کان وڌيڪ

کي کو روپ نہ ڏنو ۽ ڌارمڪ پيد ڀاوَ جو وروڌ ڪيو. اهو بہ سچ آهي تہ ڪبير ۽ گرو نانڪ جي ڪويتائن ۾ رام جو نالو ور ور اچي ٿو.

انهن سڀني ڪرانتيڪاري روحاني رهبرن مان صرف گوتم ٻڌ ۽ ميران ٻائي هئا جن جو سنبنڌ راج گهراڻن سان هو. هو ٻئي پڙهيل ڳڙهيل هئا جن کي سکيا حاصل ڪرڻ جا وجهہ مليا هئا. پنهنجي اندرين آنڌ مانڌ مٽائڻ لاءِ هنن پنهنجو گهرٻار ۽ سڀ ڪجهہ تياڳيو هو، در در ڀٽڪيا هئا ۽ ڪشٽ ڪُشالا سنا هئا.

گوتم ٻڌ هڪ مهان يوگي هو ان ۾ بہ مت ٿي نٿا سگهن. هن کي اڪثر ڌيان جي اوسٿا ۾ ڏٺو ويندو هو. ڪڏهن ڪنهن پهاڙ تي رات جي انڌيري ۾، ڪڏهن ڪنهن ڪُٽيا ۾ تہ ڪڏهن ڪنهن غار ۾ ڌيان ۾ لين ويٺو هوندو هو. هو ويني ويني سماڌيءَ ۾ هليو ويندو هو. ڪڏهن هلندي چلندي بہ هو ڌيان ۾ هوندو هو. هن جي چئني پاسي ڇا ٿي رهيو آهي، ان ڳالهہ کان بہ هو بيخبر رهندو هو.

هو سماڌي حاصل ڪرڻ وقت کهڙن ڌيان جي اوسٿائن مان گذريو هو، اهو ٻڌائڻ مان ضروري سمجهان ٿي-

هن چئن قسمن جي ڌيانن ۾ پرويش ڪيو هو.

سڀني ڌيانن ۾ ٻڌ ڌرم جو سڌانت 'پرتيتا سمپدا'¹ لاڳو آهي. جنهن جو مطلب آهي 'پرڪرتي، انسان ۽ پشو پکي هڪ ٻئي سان لاڳاپيل آهن ۽ هڪ ٻئي تي دارومدار رکن ٿا.'¹

(١) پهرين ڌيان ۾ هن آڪاش جو سئر ڪيو ۽ ان سان سنبنڌ جوڙيو. ان جو نالو آهي **آڪاشاننتيايتن**. Akasha-na-nityayatan.

(٢) ان کانپوءِ وگيان تي ڌيان ڏيندي **وگياناننتيايتن**

Vigyana-na-nityayatatan جو ڌيان ڪيو.

(٣) ان بعد **نئوَ سنگيا نَنتيايتن**Naiva-sangya-na-sangyayatanجنهن ۾ هن سنگيا (رچيتا) جو لاڳاپو انترڪش Orbit سان محسوس ڪيو.

(٤) آخري سماڌيءَ جو نالو **سنگيا ويديتا نِروڌ** .Sangya-vedyata-nirodh جنهن ۾ سنگيا (چيتنا) ۽ وِدوَتا (عليمت) کي پاڻ کان الڳ ڪري،

ڳڏجاڻي

شانت ماحول، هڪ بيحد سهڻو باغ ! اهو باغ هو يا ڪو جهنگل؟ باغ کان وڌيڪ جهنگل جهڙو ماحول هو. لنبا لنبا وڻ، چوڏاري ساوڪ ئي ساوڪ، وڻ ايڏا گهاٽا ۽ لنبا جو نيلي آڪاش جا صرف ننڍڙا ننڍڙا بيترتيب ٽڪڙا نظر اچي رهيا هئا. زمين ڪڏن ڪُوڀن واري هئي، مگر وچ ۾ ٿلهي ريت-وچايل پيچڙا جُڙيل هئا، جن تي ننڍڙا ننڍڙا پٿر پيل هئا، جنهن ڪري هلڻ ۾ سهوليت ٿي رهي هئي. اهي زِگ زئگ ڏنگا ڀاڏا هئا ۽ هتي ههتي بامبوءَ جون پليون نهيل هيون. انهن جي هيٺان نهر جو پاڻي وهي رهيو هو.

ڪيڏو نه ڪلاتمڪ ماحول هو! پکين جي منڙي چهه چهه ڪنن تي پئجي رهي هئي. پر هيءَ ڪهڙي جڳهه آهي؟ ۽ ڏسڻ واري ڪير آهي؟ ڇا مان آهيان يا ڪا بي؟ منهنجو شرير ته ڪانه آهي پر مان ڏسي سگهان ٿي، ٻڌي سگهان ٿي ۽ محسوس ڪري سگهان ٿي.

مان هيڏانهن هوڏانهن نهاريان ٿي. هي ڇا؟ هتي ته ننڍڙا وڏا پٿر جا بُتَ نهيل آهن. ڪهڙا نه سُهڻا بُتَ آهن. ڪنهنجا بُتَ آهن يائي؟ هڪ بُتَ جي اڳيان وڃي بيٺيس، واهه هيءُ ته گوتم ٻڌ جو اسٽئچوُ آهي! مکڙي تي ڪيڏي نه شانتيءَ جا ڀاوَ اٿس! سُڪون ئي سُڪون!

اوچتو بُتَ جي چهري ۾ چُر پُر ٿيڻ لڳي، ڏيري ڏيري اکيون کلڻ لڳيون. مان عجب ۾ پئجي ويس ۽ ڏسڻ لڳيس. اڌ کليل اکيون جن ۾ خمار هو. ٿورا چپ چُريا ۽ بُتَ ۾ لرزش پئدا ٿي. آهستي آهستي هو اُٿڻ لڳو. اڙي پٿر جو بُتُ جيئرو جاڳندو ٻڌ ڀڳوان بڻجي پيو! بلڪل سچو پچو آدم قد انساني آڪار آهستي آهستي پنهنجي جڳهه ڇڏڻ لڳو.

هو ڳيڙو رتا ڪپڙا پهريل هو، يوگيءَ جا وستر، جسم جي مٿئين

پريل ۽ تُز مورتي سنسار ۾ مون کي نظر نہ آئي آهي.'

هڪ حقيقي وارتا جو هتي ورنن ڪرڻ واجب ٿيندو-

هڪڙي دفعي گوتم بڌ ڀڳوت جي ڪنهن پانشالا ۾ رهيل هو. ڏينهن جو وقت هو، آڪاش ۾ بادل ڇانيل هئا ۽ زوردار برسات پوڻ لڳي. بادل گرجڻ لڳا. نزديڪ ئي اُتي بجلي ڪري، ڪافي نقصان ٿيو. ماڻهو ڪنا ٿي ويا، گوڙ شور مچڻ لڳو. ان وقت بڌ وراندي ۾ اچ وڃ ڪري رهيو هو، چهلقدمي ڪري رهيو هو. ماڻهن اچي گوتم بڌ کي ڀڳوت جي بُري حالت جي خبر ڏني. پوءِ هنن ۾ جيڪو وارتالاپ ٿيو، سو هن طرح سان هو-

”تٿاگت! اوهين ان وقت ڪٿي هئا؟“

”متر، مان هتي هوس.“

”تہ ڇا اوهان بادلن جو گرجڻ ۽ بجليءَ جو چلڪڻ نہ ڏٺو؟“

”نہ متر، نہ ڏٺم.“

”ڇا بجليءَ جي ڪڙڪڻ جو آواز ڪونہ ٻڌو؟“

”نہ متر، آواز ڪونہ ٻڌم.“

”ڇا تٿاگت، توهين سمهي پيا هئا؟“

”نہ متر، سمهي ڪونہ پيو هوس.“

”تہ ڇا تٿاگت، اوهين هوش ۾ هئا؟“

”ها متر، هوش ۾ هوس.“

”تہ ڇا تٿاگت، جاڳندي، پنهنجي هوش ۾ اوهان گرجندڙ بادلن کي ڪونہ ڏٺو؟ بجليءَ جي ڪڙڪڻ کي ڪونہ ٻڌو؟ ان جي ڪِرڻ کي نہ ڏٺو؟“

”ها، آيوشمان!“

ايڏي گهري ۽ مهان ايڪاگرتا گوتم بڌ جي هئي. سنسار جي ڪابہ پيشڻ گهٽنا سندس مانسڪ شانتيءَ کي ڀنگ ڪانہ ڪري سگهندي هئي اهڙي شانت ماحول ۾ هو گهمندو رهندو هو.

۾ تانپورو، پيرن ۾ گهنگهرو، ڇن ڇڻ ڪندي پنڌ ڪري رهي هئي، جڻ تہ ڪا مورٽي هلي رهي هئي. هن جي چپن تي مُرڪ هئي ۽ مڌر گيت گونجي رهيو هو-

مئن تو سانوري ڪي رنگ راچي.

ساج سينگار باند پگ گهنگهرو لوڪ لاج تج ناچي.

هن اول پنهنجا گوڏا ڌرتيءَ ۾ کوڙيا، گوتم ٻڌ ڏانهن مُهڙ ڪري متو ٽيڪو. گوتم ٻڌ بہ هلڪڙي مُشڪ سان ڪيس ڪيڪاريو. پوءِ ميران ڪبير طرف منهن ڪري ٻئي هٿ جوڙي نمسڪار ڪيو. ڪبير بہ هٿ جوڙي نمسڪار جو جواب ڏنو.

اوچتو وايو منڊل گونجڻ لڳو جڻ تہ ڪيترا ماڻهو گڏ چئي رهيا هئا

جو ٻولي سو نهال، ست سري اڪال.

۽ گرو نانڪ جي بُتَ مان گرو نانڪ هيٺ لهڻ لڳو.

آڪاشوا ٽيءَ سندس آجيان ڪندي آسڻ گرهڻ ڪرڻ جي وينتي ڪئي. اجا گرو نانڪ آسڻ تي وينو مس تہ ٻئي نموني جي موسيقي وڄڻ لڳي سازن سميت، هيءُ تہ سنڌي ڪلام آهي!

اکر پڙهہ الف جو، ٻيا سڀ ورق وسار!

اندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا؟

هيءُ سڀ ڇا ٿي رهيو آهي؟ سنت، ڪوين ۽ صوفي شاعرن جو درشن ٿي رهيو آهي منهنجو؟ پر مان ڪٿي آهيان؟ ۽ هيءُ مان آهيان بہ يا نہ؟ يا هيءُ ڪو ٻيو جنم آهي؟

شاهہ لطيف ڪي ڪاري ڪفني پيل هئي، ڪاري ننڍڙي ڏاڙهي، گورو رنگ، سنهڙو چرهرو بدن، دل لڀائيندڙ انداز. هو بہ بُتَ مان هيٺ لهڻ لڳو.

هن جو ڏوهيئڙي جو آواز گونجڻ لڳو-

ڪنور پاڙون پاتال ۾، ڀنور پري آڪاس

تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبَتي ميڙيا.

ها بيشڪ هتي محبتي مِڙيا آهن.

حصي ۾ اُتريہ (ڪُرتو) اهڙي نموني پيل هو جو هڪ ڪُلهو ڍڪيل هو ۽ هڪ ڪُلهو ڪُليلُ، مٿي مٿان وار چوٽيءَ ۾ ٻڌل، پيرن ۾ چاکڙيون. مون پنيان نهاريو، اُتي هڪ گول پڪي جڳهہ هئي جتي پنج صندليون وڇايل هيون. ماحول ۾ هڪ آواز گونجڻ لڳو جڻ تہ ڪا آڪاشواڻي هئي.

”پرم پوجنيہ تٿاگت گوتم ٻڌ مهراج! ڪرپا ڪري پنهنجو آسڻ گرهڻ ڪريو.“

گوتم ٻڌ پنهنجي آسڻ تي ويهي رهيو.

هڪ ڪلام جو پرلاءُ ڪنن تي پيو-

اول الله نوُر اُپايا قدرت ڪي سڀ بندي،

ايڪ نوُر سي سب جڳ اُپجيا، ڪؤن ڀلي ڪؤن مندي.

اڙي هي ڇا؟ هيءَ ڪير پيو اچي؟

هڪ ڳوناٺو انسان، سوڪيم شرير، پوري پني قد وارو، ڌوتي ڪرتو پهريل، مٿي تي ٽوپي هٿ ۾ ڪنجري وڄائيندو، گولي طرف وڌي رهيو هو. هيءُ تہ سنت ڪبير آهي!

سچ پچ جذبات وچان منهنجون اکيون پرجي آيون. هي مان ڇا ڏسي رهي آهيان، سنت ڪبير انساني روپ ۾؟

مٿي نظر ڪيم آڪاش ۾ ڪي اکر اُڪريل هئا،

ڪلاسڪ روحاني رهبرن جي گڏجاڻي

وشيہ - ڌيان ۽ شرڌا.

اڙي واهہ، هتي تہ گڏجاڻيءَ جو آيوجن آهي.

پايل جو آواز - ڇن ڇن، ڇن ڇن.

هاڻي هڪ اسٽيڇو مان هڪ عورت اُتري رهي هئي.

واهہ هيءَ تہ ميران ٻائي آهي! منهنجي جسم جا وار اُڀا ٿي ويا، اکين مان جل جي ڌارا وهڻ لڳي، گلو ڀرجي آيو. ڇا چوان؟ ڇا ڪريان؟

اڳڻ ٻهاريان، واٽون نهاريان يا نيڻ وڇايان؟

ڇا ڪريان؟

اُبتي پلوَ واري بادامي رنگ جي ساڙهي اوڙهيل، مٿو ڍڪيل، هٿن

(الف) روح رهاڻ - گوتم ٻڌ

آواز آيو 'اول پوڄنيہ تٿاگت گوتم ٻڌ شرڌا ۽ گيان جي باري ۾ چند لفظ چوندا.' گوتم ٻڌ خاموش ويٺو رهيو. ائين ڀاسجڻ لڳو تہ هو پنهنجو منهن کوليندو ئي ڪونہ. سڀ انتظار ڪري رهيا هئا.

پوءِ اوچتو هن جا ڏيما ٻول ڪنن تي پوڻ لڳا.

'مون کي ڳالهائڻ جو شونق ناهي ۽ نہ ئي مان ڪو پرٻوڌ ڏيندو آهيان.'

تڏهن گرو نانڪ فرمايو - ''اها اوهان جي نماڻائي آهي. اسين سڀ ڄاڻون ٿا تہ اوهان پنهنجي جيون ڪال ۾ انيڪ پروچن ڏنا آهن، پالي ترپٽڪ گرنٿ ۽ سنسڪرت جو ڌمپد ان ڳالهہ جي گواهي ڏين ٿا. هڪ پيرو اڳ بہ اوهان اهڙا نماڻائيءَ ڀريا وچن ٻوليا هئا. اهائي اوهان جي نمرتا اسان کي موهي ٿي. ڪرپا ڪري پنهنجي امولڪ وچنن سان سڀني جو مارگ درشن ڪريو.''

تٿاگت ڏيري ڏيري شانت لهجي ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو-

''هتي سڀ مهاگياني وراجت آهن، بيحد پرتيڀاشالي. انهن جي اڳيان مان ڪهڙا ٻول ٻوليان؟ مگر جڏهن سڀني جي مرضي آهي تہ مان ڪجهہ چوان تہ ٿي سگهي ٿو تہ مان جيڪي چئي رهيو آهيان اهو ساڌارڻ ماڻهوءَ جي هِتَ ۾ هجي.''

'ڪجهہ پائڻ لاءِ پاڻ کي شونيہ بڻائڻو پوندو آهي. ڪجهہ پائڻ لاءِ اِڇا کي وَرجت (ڇڏڻو) ڪرڻو پوندو آهي. آڪانڪشا رهت، ڏيان ڌرڻو آهي، پنهنجي من کي مارڻو آهي، 'مار' کي مارڻو آهي. موڪش جي آڪانڪشا بہ نہ. توهين چوندا ائين ڪيئن ٿي سگهندو؟'

''مان چوندس تہ مون سان بہ ائيں ٿيو. ٻڌتو پراپت ڪرڻ بعد

هن ويندل سيني وِيوُتين کي ادب سان سلام ڪيو ۽ پوءِ پنجين ۽ آخري صندليءَ تي ويهي رهيو.

ان وقت ڳڳن مان گُلن جي ورکا ٿيڻ لڳي ۽ توتارا وڄڻ لڳا. آڪاس مان آواز آيو هڪ سوال جي روپ ۾-

’هڪبئي سان سڃاڻپ ڪرائڻ جي ضرورت آهي ڇا؟‘

سيئي کلڻ لڳا. ڪبير فرمايو-

’اسين سڀ هڪ ٻئي کي چڱيءَ طرح سڃاڻون. پريچيہ جي ڪا ضرورت ناهي.‘

’جيئن توهان جي آڳيا. هيءَ روحاني گڏجاڻي غير رواجي آهي. ڪوبہ وچ ۾ ڳالهائي سگهي ٿو، پنهنجا رايا ڏيئي سگهي ٿو، سوال پڇي سگهي ٿو. اوهان مهان هستين تي ڪابہ روڪ ٽوڪ ناهي. اوهين دل کولي اسان جو مارگ درشن ڪندا. حالانڪ هتي ڪوبہ درشڪ مؤجود ناهي، اڄ جي جديد دور ۾ اهڙيون سهوليتون ميسر آهن جو دنيا جا ماڻهو هن گڏجاڻيءَ کي ٽي. وي. ۽ انٽرنيٽ تي ڏسي سگهن ٿا، اهي ڏسي رهيا آهن. اهي درشڪ چاهين تہ پنهنجا سوال موڪلي سگهن ٿا، جيڪي اسان وٽ پهچي ويندا ۽ اسان جا گرو ۽ رهبر درشڪن کي هتي جو هتي جواب ڏيندا.

مان سوچڻ لڳس، ’پر هتي تہ ڪو مائيڪ بہ ڪونهي، نہ ٽي ٽي. وي. آهي، نہ ڪئميرائون، نہ ڪمپيوٽر، نہ ٽيليفون پوءِ سنديشا ڪيئن ايندا؟‘

’پائي، هيءَ تہ ڪا روحاني، ڪرامتي گڏجاڻي آهي، هتي تہ ڪجھ بہ ٿيڻ ممڪن آهي.‘ مون پاڻ ئي پاڻ کي جواب ڏنو.

ڳهرجي، ارجن ڪجهه نہ آهي، ڪرشڻ سڀ ڪجهه آهي. ڪرشڻ مالڪ جي حيثيت ۾ تهڻ ڳهرجي رٿ ۾ براجمان. مگر ڳيتا غلط ناهي، اسين غلط آهيون.'

'مطلب اهو تہ لغام ان جي هٿ ۾ هئڻ ڳهرجي جنهن جي چيتنا جاڳرت آهي، سڄاڳ آهي. ارجن تہ مُنجهيل آهي، هو من جو پرتيڪ آهي، هو تہ رٿ کي ٻٽڪائي ڇڏيندو. ڪرشڻ ڏيان جو پرتيڪ آهي، هو رٿ کي صحيح ڏِشا ۾ وٺي ويندو ۽ ارجن کي منزل تي پهچائيندو.'

''وياس جي ڳيتا صحيح آهي، اسان جي سمجهہ غلط.

'من غلام آهي، ڏيان مالڪ. من کي ڏيان ۾ تبديل ڪرڻو آهي.'

جيون جيئڻ جا ٻہ رستا آهن، يا مالڪ بڻجي جيئڻو آهي يا غلام بڻجي.

مار (من) کي مارڻ سان اسين مالڪ بڻجي سگهون ٿا.

ايس ڌممو سنتنو

اهو ئي ڌرم آهي.''

سيني تاڙيون وڄايون ۽ قدرشناسي ۾ ڪنڌ ڌوڻيا.

منهنجي من ۾ وڏيڪ ڏيان جو آنند وٺڻ جي چاهنا جاڳي، مگر مون ان آڪانڪشا جو دمن ڪيو (دٻايو) ۽ سنسار جي ڪلياڻ واسطي ياترائن لاءِ نڪري پيس ۽ ائين ’سنگهه‘ جي استاپنا ٿي.‘‘

’’اوهين چوندا ته ’ٻڌتو‘ حاصل ڪرڻ جي آڪانڪشا ته شروع ۾ ته هوندي، ته مان چوندس ها، ’ٻڌتو‘ جي آڪانڪشا موڪش ياترا جو پهريون قدم آهي ته آڪانڪشا جو تياڳ موڪش جو انتم قدم.

ايس ڏممو سنتنو

’’اهو ئي ڌرم جو صحيح مارگ آهي.

اهو به چوندس ته شرڌا ۽ ڪروڻا جو هئڻ ضروري آهي. شرڌا کان سواءِ ڌيان، ڌيان نه رهندو. شرڌا ڌيان جو مهتوپورڻ حصو آهي. پوري برهمانڊ لاءِ ڪروڻا ياو ڌرم جو اهم ڏاڪو آهي ۽ اُتان ئي اهنسا ورتي اُتپن ٿئي ٿي. سرشٽيءَ جون سڀئي شيون هڪٻئي سان وابسطه آهن ۽ اهو ئي اسانجو سڌانت آهي جنهن ڪي پرتيتيا سمپدا چوندا آهن.‘‘

تٿاگت ڪجهه لمحن لاءِ خاموش ٿي ويو.

وري آڪاشوائي ٿي-

’’تٿاگت، جنتا وٽان هڪ فرمائش آئي آهي.‘‘

’’ڪهڙي آهي اها فرمائش؟‘‘

’’اسان رواجي ماڻهن کي جيون جيئڻ جي صحيح راهه ٻڌايو.‘

’جيون جيئڻ جا به رستا آهن. هڪ غلاميءَ جي راهه ۽ ٻي مالڪپڻي جي راهه. اوهين داس رهڻ ٿا چاهيو يا مالڪ؟ جيڪو من جون ڳالهيون ٻڌي ٿو، عيش عشرت جي زندگي گهاري ٿو، پنهنجي اندرين جي واسنائن جي وس ۾ آهي، سو من جو نوڪر آهي ۽ جيڪو من جون واڳون پنهنجي هٿن ۾ رکي ٿو، من کي پنهنجي قابوءَ ۾ رکي ٿو سو مالڪ آهي.‘

’اسين مهاڀارت جي ڪُرڪيتر ۾ رٿ ۾ ڪرشڻ کي سارٿيءَ جي روپ ۾ رٿ هلائيندو ڏسون ٿا ۽ ارجن رٿ ۾ وينو آهي، ائين ڪيئن؟ اسين سمجهون ٿا ته ائين غلط آهي. رٿ کي ارجن کي ئي هلائڻ

اهو منهنجي سچي دل جو ٻاڏائڻ هو. هندن ۽ مسلمانن تي چوٽ ڪئي هئم، پنڊتن ۽ مُلائن تي وار ڪيا هئم، هنن جي ڪوڪلين رسمن تي ٺٺولي ڪئي هئم.'

دن ۾ روزا رکت هئه رات حلق دي گايه
يهه خون وهه بندگي ڪئسي خوش هويه خدايه.

صبوح جو هڪ پاسي اوهين ورت ٿا رکو روزا ٿا رکو ۽ رات جو ڳان ۽ ڪي ٿا ڪُهو. هڪ پاسي بندگي ٿا ڪريو ٻئي پاسي خون ٿا ڪريو، ڇا ائين ڪرڻ سان توهان جو خدا خوش ٿي ويندو؟

هندن کي چيم-

مُونڊ مُنڊائي هري ملي تو سڀ ڪويه لِئي منڊايه
بار بار ڪي مُونڊڪي ڀيڙ نه ٻئڪُنٺ جايه!

توهين وري وري مٿو ٿا ڪوڙايو ۽ سمجهو ٿا ته ائين ڪرڻ سان ڀڳوان توهان کي ملي ويندو. ائين هجي ها ته رِڍَ جنهن جا وار وري وري ڪوڙيا ويندا آهن، اُها ته جيڪر سرڳ ۾ پهچي وڃي!

وري ائين به چيم- 'پٿر پوڄڻ سان هري ملي ته مان ته جيڪر پهاڙ کي پوڄڻ شروع ڪريان. پٿر کان ته جنڊ کي اوچو درجو ٿو ڏيان، جنهن ۾ اَنُ پيسڻ سان ماڻهو اٽو کائي سگهي ٿو.'

هو هاٽي ٻائڻ ٿو لڳي-

پاهن پوجي سي هري ملي تو مئن پوجون پهاڙ،
تاڪو تو چاڪي يلي پيسي کائي سنسار.

''مان ڇا ڄاڻان پروچن ڪرڻ، ڀاشڻ ڪرڻ؟ مان ته صرف ٻائڻ ڄاڻان. مون اڳي به ٻايو هو، هاڻي به ٻائيندس.''

ٻائڻ ٿو لڳي-

ڪبيرا کڙا بازار ۾ ليئي لُڪاٺي هاٿ،
جو گهر باري آپنو چلي هماري ساٿ.

جنهن کي پنهنجو گهر ٻارڻو هجي، خود کي تڪليف ڏيڻي هجي، سو مون سان گڏ هلي.

(ب) روح رهاڻ -ڪبير

گگن مان آواز گونجيو- ’مهان ويوٽي سنت ڪبير، اسين توهان جا ٻول ٻڌڻ لاءِ آتا آهيون.‘

ڪبير چوڻ لڳو-

’منهنجا پيارا مترو، اسين هتي سڀ متر آهيون. اسان مان ڪير بہ ننڍو يا وڏو ناهي. اسان لاءِ وقت معني نٿو رکي. ها، جنهن وقت اسان سنسار ۾ جنم ورتو هو، جيتري قدر سماج جو سوال آهي، وقت جون الڳ الڳ تقاضائون هيون، پرمپرائون علحدا هيون. گوتم ٻڌ جو وقت ۽ اسين جيڪي ٻارهينءَ کان اڙرهين صديءَ ۾ سنسار ۾ آياسين وقت جدا هو، پوءِ بہ اسان جا خيالات ساڳيا هئا، سڏانت ساڳيا هئا، اڄ بہ آهن ۽ سدائين رهندا.‘

”سچ پائڻ جون سچايون ساڳيون رهنديون.

”مان هڪ اڻپڙهيل ڳوناٺو هوس، اڄ بہ آهيان. ڪنهن پاٺشالا ۾ ڪونہ ويو هوس ۽ نہ ئي گهر ۾ ڪنهن مون کي شڪشا ڏني هئي.

ڪاگد مسي ڇُهيو نہ هاٿ!

”جيڪو ڪجهہ مان سکيس دنيا جي تجربن مان سکيس. مون سماج ۾ ماڻهن جون عجيب ريتيون رسمون ڏٺيون. ڌارمڪ ٻيائي ۽ پيند ياو جو مان بري طرح سان شڪار ٿيو هوس. مون کي نہ هندن سويڪار ڪيو نہ مسلمانن. مون خود کي غير محفوظ سمجهو هو. جيتوڻيڪ اما ۽ ابا، جن مون کي گود ڪنيو هو، مون کي اپار پيار ڏنو.

”منهنجي دل کي سماج جي بُري وهنوار واري ورتاءَ ڏکويو هو. ودروهہ پئدا ٿيو هو ۽ مون بغاوت ڀريون ڪويتائون لکڻ شروع ڪيون هيون،

مان تہ گرھستِ ماڻھو آھيان، غريب جُلاھو آھيان. ڪم ڪري ڪمائڻ چاٽان ٿو. رڳو پنھنجي چادر کي صاف ۽ اُجرو رکيو اٿم.

داس ڪبير جتن سي اوڙھي
جيوُن ڪي تيوُن ڌر ديني چدرييا.''

تڏھن گوتم ٻڌ جي مک مان شبد نڪتا- ''اھو ئي مون چوڻ چاھيو ٿئي تہ جيڪو پاڻ کي داس سمجھي ٿو اھو سچ پچ مالڪ آھي، چاڪاڻ تہ ھن پنھنجي آپي کي مات ڪيو آھي. ڪبير پاڻ شونيہ بڻجي پيو آھي تڏھن تہ ھن سمبوڌي حاصل ڪئي. ڪبير جي اِھائي مھانتا آھي.'' ۽ گوتم ٻڌ پاڻ ڪبير جو دوھو چوڻ لڳو -

گگن گرجي برسي امي گھر گنڀير
چنھن دِس دَمڪت دامني ڀيجئہ داس ڪبير.

'داس ڪبير نہ، داس تہ مالڪ بڻجي ويو آھي.'

ڪبير ٻئي ھٿ جوڙي، سيس نوائي نمرتا سان وينو رھيو. تاڙيون وڄڻ لڳيون ۽ سڀ واھہ واھہ ڪرڻ لڳا.

(سڀ مُشڪل لڳن ٿا.)

’مون ماڻھن کي للڪاريو. پوءِ مان جيئن وڌو تيئن لڳس مون کي ساڌن سنتن جو سات مليو، مان هنن سان گڏ مسافريون ڪرڻ لڳس. الائي ڪھڙن فقيرن سان منھنجي ملاقات ٿي ۽ مون تي روحانيت چڙھڻ لڳي.‘

لعلي تيري لعل ڪي، جت ديکون اُت لعل
لعلي ديکن مئن چلي، مئن ڀي هو گئي لعل.

۽ مون تي ڌيان جو نشو، وئراڳ جو نشو بہ چڙھڻ لڳو.

گگن گُفا مين اُجر جھرءِ،
بن باجا جھنڪار اُٺئہ،
سمجھہ پڙءِ، جب ڌيان ڌرءِ.

”ڌيان پاڻ ڪرڻو آهي. اڪيلي اڪيلي، خود محسوس ڪرڻو آهي. ٻين جي ٻولن، تجربن ۽ شاسترن پڙھڻ سان اسان کي ڪجھہ بہ نہ ملڻو آهي.“

ڪوجي ڪوجي ترت مل جائي
پل ڀر ڪي تلاش ۾
مو ڪو ڪھان ڍونڍي ري بندي
مئن تو تيري پاس هون.

”منھنجا شبد سمجھڻ سرل آهن. مان تہ سڌو سادو ڳوٺاڻو ماڻھو آهيان.“

تڏھن ميران ٻائيءَ فرمايو-”اهائي تہ توهان جي مھانتا آهي، ڪبير جي. توهين اھڙيون ڳوڙهيون ڳالهيون چئي ٿا وڃو، بلڪل سَوَلن اکرن ۾. ان ڪري اوهين لوڪپريتا جي شڪر تي آهيو. عام ۽ خاص ماڻھن توهان جي شعرن کي هيئڙن سان هنڊايو آهي. توهان کي پوڄيو آهي.“

”نہ، نہ ميران ٻائي، مان ديوتا ٿيوتا ناهيان، نہ ئي ڪو سنت آهيان.

جاڪي سِر مور مڪٽ ميرو پتي سوءِ
ميري تو گرڌر گوپال دوسرو نہ ڪوءِ.
(ڳائي ٿي)

”هو ئي منهنجو سکا (متر) هو، جنهن سان مان رانديون ڪندي هئس، هولي کيڏيندي هئس. جيڪڏهن هو مون کان وچڙيل هوندو هو تہ چوندي هئس-
”ڪوڻ سنگ کيلون هولي؟
”هو منهنجو سوامي هو، مون سندس نوڪرياڻي بڻجڻ ٿي چاهيو.

موهي چاڪر راکو جي
سانوريا گرڌاري.
چاڪر رهسون باغ لگاسون
نِت اُٿ درشن پاسون.

”مان تہ مالهڻ بڻجڻ لاءِ بہ تيار هئس.“
تڏهن گرو نانڪ وچ ۾ فرمايو- ’سنتياڻي ميران بائي، اهو بہ هڪ طرح سان ڌيان ئي آهي. هڪ چِتو ڪرشڻ کي ياد ڪرڻ، سڄي جڳت جي ناتي کي وساري ڇڏڻ، خوشيءَ سان زهر کي پي وڃڻ، ڪنڊن جي سيڄا تي سمهڻ، نانگن کي گلي لڳائڻ، هڪ طرح جي تپسيا آهي. اوچ ڪوٽيءَ جو ڌيان آهي. شرڌا، پريم ۽ ڌيان جو سَمشرڻ.
’ميران بائي اوهين وڏا ڌِياني آهيو.‘
”مان اهو سڀ نٿي ڄاڻان، مان صرف ڪرشڻ کي پڇاڻان ٿي. جيڪي ڪجهہ مان ڪندي آهيان صرف هن لاءِ.
”هن جي آگيا جو پالن ڪندي آهيان.

جهان بِٺاوي تِہت هي بئٺون
جو دي سوئي کاسون
مئن تو گرڌر کي گهر جائون.
(ڳائي ٿي)

(ب) روح رهاڻ - ميران ٻائي

هاڻي ميران ٻائيءَ کي سڏ ٿيو.

ميران پنهنجي مُنيءَ ۾ جهليل ڪرشڻ جي مورتيءَ کي پنهنجي سامهون رکيو ۽ پوءِ سيني کي نمسڪار ڪيو.

''اوهين سڀ منهنجا گروجن، ڀڳوان تُليہ، شخصيتون آهيو. توهان ابياس ڪيو آهي، توهين گياني آهيو. توهان ڌيان ڪيو آهي، توهين ڌياني آهيو.مان ڪير؟ مان تہ صرف پريم ديواني آهيان. اوهين سڀ ڄاڻو ٿا تہ منهنجي ڌيان جو مرڪز منهنجو ڪرشڻ آهي، سدا کان رهيو آهي، سدائين رهندو. منهنجو پيارو ڪرشڻ مراري، من موهن، نند ڪشور، بس هو ئي هو آهي.''

اي ڙِي مئن تو پريم ديواني
ميرو درد نہ جاني ڪوءِ.
(ڳائي ٿي)

''مان ديواني آهيان، ديواني هئس، منهنجي درد کي ڪير سمجهي نہ سگهيو ان وقت. هن وقت مون کي ڪو درد ڪونهي. هن وقت ڪرشڻ منهنجو ئي آهي. پر مان اڄ بہ پاڳل آهيان، ديواني آهيان.

'اوهان سيني پريوءَ جي نراڪار روپ کي مڃيو. تٿاگت ٻُڌ، ڪبير جي، گرو نانڪ جن، شاهہ لطيف سائين توهين بہ نراڪاري آهيو. جڏهن مان هڪڙي آهيان، جنهن پنهنجي پريوءَ کي، پنهنجي پريتم ڪرشڻ جي آڪار سان پيار ڪيو. ڪرشڻ کان سواءِ منهنجو ڪجهہ بہ ناهي. هو منهنجو پتي، سکا، مالڪ آهي.''

(پ) روح رهاڻ - گرو نانڪ

’گرو نانڪ جن کي عرض آهي تہ پنهنجا ويچار پيش ڪن.‘ مٿان آواز آيو.

’ست سري اڪال‘ گرو نانڪ سيني کي ڪيڪاريندي چيو.

بين سيني موٽ ۾ ’ست سري اڪال‘ چيو.

منهنجو جيون ڪال (۱۵۳۹ - ۱۴۶۹ع) ڀارت جي اتهاس جو اهڙو دؤر هو جڏهن هندو ڌرم جي جاتي پرٿا، سندن ايڪتا کي ڇيهو رسائي رهي هئي، وديشي حملاور ان جو فائدو وٺي رهيا هئا. مغل گهراڻي جو پهريون بادشاهہ بابر ان وقت هندستان تي حملو ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيو هو ۽ پنهنجي سلطنت برپا ڪرڻ جا سپنا ڏسي رهيو هو. منهنجو جنم پنجاب پرڳڻي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ تِلونديءَ ۾ ٿيو هو.

ننڍي ڄمار کان مون کي ذات پات جو ڀيد ڀاءُ سخت رنج پهچائيندو هو. مان انسان کي انسانيت جي ناتي سڃاڻڻ جي فائدي ۾ هوس. مون انهن ساڳين سڌانتن کي اپنائڻ چاهيو جن کي مون کان اڳ گوتم بڌ، سنت ڪبير ۽ بين اپنايو هو. جڏهن مون جڻيو پائڻ کان انڪار ڪيو تہ ظاهر آهي منهنجو پتا مون سان ناراض ٿيو. جڏهن مون کي پاٺشالا موڪليو ويو تہ اُتي بہ دستوري سکيا وٺڻ بدران مان ڳوڙهيون ڪويتائون سليٽ تي لکڻ لڳندو هوس. مون سوچيو، ’ مان اهڙي سکيا حاصل ڪرڻ لاءِ تہ مڪتب ۾ ڪونہ ويو هوس؟‘ مون اُتي وڃڻ ڇڏي ڏنو.

”مان ويني ويني ڏيان ۾ هليو ويندو هوس. ۽ اهو منهنجي ماتا جي چنتا جو ڪارڻ بڻجي پيو. جيتري قدر دنيوي فرض نباهڻ جو سوال آهي مون پنهنجي پتا کي نراس ڪيو هو. هن جي چوڻ تي ڏنڌي تي وڃڻ شروع ڪيم مگر جيترو مان ڪمائيندو هوس، ان مان اناج وٺي غريبن ۾

”ائين ناهي تہ مان جڳت جي دک کان اڻ واقف هئس ۽ ماڻهن جي پيڙا کان بيپرواهہ-

پڳت ديک راضي يئي، جڳت ديک روئي.

”ماڻهوءَ کيِ موهہ مايا جي ڦندي ۾ ڦاٿل ڏسي مون کي بيحد دک ٿيندو هو، مگر جڏهن سنتن جو سات ملندو هوم تہ مان خوش ٿي ويندي هئس. مگر سچو سک تہ مون کي ڪرشڻ کي ياد ڪرڻ ۽ گيت ڳائڻ سان ملندو هو.

بالا مئن بئراگن هونگي.

جن ويسا ميرا صاحب ريجهئہ سوئي ويس ڈرونگي.

”مان اُهي ئي ويس وڳا پائيندس جن سان منهنجو ڪرشڻ خوش ٿيندو. هن کي ريجهائڻ لاءِ مان ڪجهہ بہ ڪنديس.

ڪهو تہ ڪُسمل ساڙي رنگا وان
ڪهو تو ڀُگوا ويس
ڪهو تو موتين مانگ سجاوان
ڪهو چِنڪاوا ڪيس
بالا مئن بئراگن هونگي.
(ڳائي ٿي)

تڏهن گرو نانڪ فرمايو-

”واهہ بئراگن مزو اچي ويو. ان کان وڌيڪ پيار شرڌا سمرپڻ ڇا ٿي سگهندو؟ اوهين تہ پريم ۽ سمرپڻ جي چرم سيما تائين پهتل آهيو.“

شرڌا ۽ شيوا سان نرنجن (بيداغ سوامي) کي پائي سگھبو.

مون سموري ڀارت جو رٿن ڪيو. اُتر کان ڏکڻ، پورب کان پڇم جون ياترائون تہ ڪيم پر لنڪا بہ ويس. جڏھن اولھہ ڀارت ۾ ڦھتس تہ ھڪ حج تي ويندڙ قافلي ۾ شامل ٿي ويس ۽ مڪي، مديني، بغداد ۽ پيشاور پھچي ويس. مون اھڙو لباس پاتو ھو جيڪو نہ ھندن جو ھو نہ مسلمانن جو. تنھن کان سواءِ مان فارسي بہ ڄاڻندو ھوس. ڪير سمجھي نہ سگھيو تہ مان غير مسلمان ھوس. منھنجو پريہ شش مردانو ھردم مون سان گڏ ھوندو ھو.

”مون مالڪ سان ملڻ جون پنج منزلون ٻڌايون آھن-

ڌرم کنڊ، گيان کنڊ، شرم (محنت) کنڊ، ڪرم کنڊ ۽ سچ کنڊ. ’سچ کنڊ‘ گيان تي پھچڻ جي آخري منزل آھي.

ڌرم کنڊ کا ايھو ڌرم
گيان کنڊ کا آکھہ ڪرم
گيان کنڊ ۾ گيان پرچنڊ
تٿي ناد نبوُد کوڏ انند
شرم کنڊ کي ٻاڻي روپ
ڪرم کنڊ کي ٻاڻي زور
سچ کنڊ وسي نرنڪار
ڪر ڪر ويکي نِدر نھال.

سچ کنڊ ۾ ئي نرنڪار وسي ٿو ۽ ھو ڪرپا درشٽي رکي ٿو.

” ’جپ صاحب‘ ۾ تتوَ گيان سمايل آھي. اھو مون جبل جي ھڪ چوٽيءَ تي نويڪلائيءَ ۾ رچيو ھو ۽ دل ۾ اُٿيل پنھنجن ئي سوالن جا جواب پاڻ ڏنا ھئا.

”پنھنجي ديھہ تياڳڻ کان اڳ مون پنھنجي پرم شش انگد کي پنھنجو جانشين بڻايو. ان بعد اٺن ٻين قابل پوئلڳن منھنجي ڪاريہ کي اڳتي وڌايو. اھي ھن ريت ھئا- گرو انگد ديو، گرو امرداس، گرو

ورهائي ڇڏيندو هوس.''

''مون کي رُڏل رکڻ جي خيال کان منهنجو پتا نوڪر- ٻالي سان گڏ مون کي چوپائو مال چارڻ لاءِ شهر کان ٻاهر موڪلڻ لڳو. جهنگل جي قدرتي نظارن، وڻن جي ساوڻ پنن، تازي خوشبودار هوا مون کي موهي ڇڏيو ۽ مون کي لڳو تہ هيءَ سرشٽي اسان لاءِ ئي آهي. اسين سڀ ٻالڪ آهيون ۽ پرڪرتي اسان جي سنڀال ڪري رهي آهي ۽ مان ڳائڻ لڳس-

ڀوَڻ گروُ پاڻي پتا ماتا ڌرت مهت
ڏِوَس رات دئہ دائي دايا، کيلي سگل جڳت.

(هوا اسان جي گرو آهي، پاڻي پتا آهي، ڌرتي ماتا آهي، ڏينهن رات اسان کي سنڀالين ٿا ۽ اهو کيل جاري آهي.)

''۽ رات جو مون کي ائين ڀاسندو هوجڻ تہ سڄو گگن منڊل پرميشور جي آرتيءَ جو ٿالهہ آهي. چنڊ تارا ديپڪ آهن ۽ هوا چنور (وڃڻو) جهلائي رهي آهي.

آرتي گگن ۾ ٿالهڙا، چنڊ ديپڪ بني
تاڙڪا منڊل جنڪ موتي
ڌوپ مل آنلو ڀوَن چنوڙو ڪري
سگل بِن رات ڦوُلنت جوتي.

''منهنجي بيچئني جيئن پوءِ تيئن وڌندي ويئي. مان مسافريون ڪرڻ لڳس. مون ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ ٻاهرين پوجا پاٺ ڪرڻ کان وڌيڪ ايشور سان جذباتي ناتو جوڙڻ ئي سچي عبادت آهي. مون هرهڪ ماڻهوءَ کي ساڳيو درجو ڏيڻ ٿئي چاهيو. جيئن تہ اهو رستو سولو هو ۽ ماڻهو ڪنا ٿيڻ لڳا ۽ منهنجون ڳالهيون ٻڌڻ لڳا. مون ڪين پريو ملڻ جو سولو رستو ٻڌايو.

ٿاپئا نہ جايہ ڪيتا نہ هوءِ .
آپي آپ نرنجن هوءِ.

زبردستي ڪنهن تي ٿاپڻ سان ڪجھ ڪونہ ملندو آهي، سچي

”اِهَتي هلي گرو تيغ بهادر نائين محلي جا سلوڪ رچيا، جيڪي وئراڳ رس ۾ ٻَڌل آهن. هن طرح :-

جئسي جل تي بُدبُدا، اُپجي بِنسي نيت
جڳ رچنا ائسي ڀئي، ڪهہ نانڪ سُن ميت.

جڳ رچنا سڀ جهوٺ هئہ، جان ليهہ ري ميت
ڪهہ نانڪ ٿِر نا رهي، جيوُن بالوُ ڪي ڀيت.

رام گيو راوڻ گيو، جا ڪو بهہ پريوار
ڪهہ نانڪ ٿِر ڪَڇُ نهين، سپني جيوُن سنسار.

چنتا تاڪي ڪيجئي، جو انهوني هوء
اِهہ مارگ سنسار ڪا، نانڪ ٿِر نهين ڪوء.

”آدي گرنٿ جا گهڻا پد ڀارتيہ شاستريہ سنگيت راڳ راڳڻين ڪي مدنظر رچيا ويا آهن. گرنٿ جا پويان صفحا راڳ راڳڻين جون کاڻيون آهن. منهنجو پرم شش ۽ ساٿي مردانو هڪ سنگيتڪار هو. هن ئي منهنجي ڪويتائن کي سنگيتميہ بڻايو هو.

”اهو سچ آهي تہ مون ماڻهن کي غير روايتي نموني سان جيون جيئڻ جو رستو ڏسيو هو مگر جيئن اڪثر ٿيندو آهي اِهَتي هلي ان روايتي مذهب جو روپ اختيار ڪيو. منهنجي هڪ ٻئي جانشين گرو گوبندسنگهہ، سِک پنٿ پرچلت ڪيو ۽ ان جا پنج قائدا جاري ڪيا. سکن لاءِ خاص پوشاڪ بہ تيار ڪرائي وئي، جن ۾ ڪيش، ڪنگهو، ڪرپاڻ، ڪڇو ۽ ڪڙو پاڻ وٽ رکڻ لازمي سمجهو ويو. هن کي جنگي فن ۾ ماهر بڻجڻ جي بہ هدايت ڪئي وئي. شايد ديش جون سماجي ۽ سياسي حالتون ان پريورتن لاءِ جوابدار هيون. مون تہ امن امان قائم ڪرڻ ۽

رامداس، گرو ارجن ديو، گرو هرگوبند، گرو هري راءِ، گرو هرڪشن، گرو تيغ بهادر ۽ گرو گوبندسنگهہ. هنن پاڻ بہ اُتم ڪويتائون رچيون. اِنَ کان علاوه گرو ارجن ديو 'آدي گرنٿ' کي ترتيب ڏني جنهن ۾ منهنجا، ٻين گرن توڙي ٻين سنتن- ڪبير، شيخ فريد، دادو ديال ۽ ٻين جا ڪلام پڻ آهن. گرو ارجن ديو سُکمنيءَ جا ٻول لکيا، جيڪي عوام ۾ بيحد پسند پيا.

'' 'سُکمني' ڏهن ڏهن ستن ۾ سمايل پدن ۾ ٻڌل آهي. اُنَ اهڙن پدن سان اشٽپديون جوڙيون ويون آهن. ڪل ملائي سکمني صاحب ۾ ۲۴ اشٽپديون آهن. هرهڪ اشٽپديءَ جو انت هڪ سلوڪ سان ٿئي ٿو.

اشٽپديءَ جو مثال -

سُمر سُمر سک پاوَءِ
ڪل ڪليش تن ماهہ مٽاوءِ
سمرءِ جاس بِسپر ايڪئہ
نام جپت اگنت انڪيءِ
بيد پراڻ سمرت سِڌ اکر
ڪيني رام نام اَڪ اکر
ڪنڪا اِڪ جس ئي جيءُ بجهاوءِ
تاڪي مهما گِني نہ آوءِ
ڪانڪي ايڪيءِ درس تهارو
نانڪ ان سنگ موهہ اڌارو
سُکمني سک امرت پرپ نام
ڀڳت جَنا ڪي من بسرام.

(پريوءَ جو سمرن ڪر تہ تنهنجون سڀ تڪليفون دور ٿي وينديون. مالڪ هڪڙو ئي آهي، پر نالا انيڪ آهن. ويد پراڻ سمريا وچن تا، انهن کي پڙهيو وچي ٿو مگر اتي بہ هڪ ئي اکر آهي جنهن جي مهما بڌائي نٿي سگهجي. جيڪو درشن ڪانکي آهي ان جو ضرور اُڌار ٿيندو. سکمني آهي امرت سمان جنهن سان هرهڪ کي آرام ملي ٿو.)

(پ) روح رهاڻ - شاهہ عبداللطيف

آڪاش مان شبد گونججڻ لڳا ''هاڻي اسين شاهہ عبداللطيف جن کي عرض ٿا ڪريون تہ تہ پنهنجن انمول وچنن سان اسان جي رهبري ڪن.

شاهہ - 'اول، هن ناچيز جا سڪ سندا سلام قبول فرمائيندا.'

هو سلام ڪري ٿو ۽ سڀ پنهنجي انداز سان هن کي جواب ڏين ٿا.

شاهہ - ''مون کي اوهان مهاڳيانين جي وچ ۾ ويهڻ جو موقعو مليو آهي، مان پاڻ کي وڏيائي ٿو سمجهان. در اصل اوهين سڀ سنت آهيو، مهان آهيو، مان تہ صرف هڪ رواجي شاعر آهيان. جنهن مجازي ۽ حقيقي عشق ڪيو ۽ بيقراريءَ ۽ اُڻ تڻ سبب روحاني رازن کي پروڙڻ جي ڪوشش ڪئي.''

آڪاشواڻي ٿئي ٿي - ''شاهہ صاحب پبلڪ مان هڪ ميسيج آيو آهي.

جي قبلا -

آواز - ''پبلڪ مان هڪ گهر آئي آهي، جنتا اوهان جي بيقراري، عاشقي ۽ شاعريءَ جي باري ۾ ڄاڻڻ لاءِ اُتسڪ آهي.''

شاهہ - ''اوهان جو حڪم سر چشم.''

''مان سترهين صديءَ جي وچ ڌاري (١٦٨٩ع) سنڌ پرديش جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڀئيپور ۾ پئدا ٿيو هوس. منهنجو پتا شاهہ حبيب هڪ نيڪ، خداپرست، ڏيالو زميندار هو، جنهن جي هرڪو عزت ڪندو هو. هن جي هٿن ۾ شفا هئي. هو غريب هارين کي پنهنجي حڪيمي دوائن سان نوبنو ڪندو هو. مان ماتا پتا جو سڪيلڌو پٽ هوس. ڪن مجبور حالتن سبب اسان کي ٿورن سالن ۔ پنهنجو اباڻو ڳوٺ ڇڏي هالا وڃي رهڻو پيو. ٻالڪپڻ کان وٺي مان پنهنجن ئي خيالن ۾ ڪوهيل رهندو

مذهبي ڀيد کي متائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، سِک پنٿ، ماڻهن کي ڪنهن ٻئي مهڙ وٺي وڃڻ لڳو.
گوتم بڌ ”گرو نانڪ جي توهان بيحد اُتم ۽ ملهائتو ڪم ڪيو آهي. عام ماڻهن کي آتمڪ منزل تائين پهچائڻ جو سَولو رستو ڏسيو هو. اهڙي وقت جڏهن هنن کي اهڙين ڳالهين جو گهرج هئي. توهان جي اُتراڌڪارين پنهنجن حالتن کي مدنظر رکي ڪجهه تبديليون آنديون هيون ۽ ائين اڪثر ٿيندو آهي. جنتا سچ چيو هو-

’نانڪ نام جهاز هئہ، جو چڙهئي سو اُترءِ پار.‘

”توهان جي ۽ ٻين گرن ۽ رهبرن جي واڻين وارو ’آدي گرنٿ‘ بيحد قيمتي تحفو آهي، جيڪو عوام کي راهه ٻڌائي ٿو، دلين کي شانتي ۽ سُڪوُن بخشي ٿو.
گرو نانڪ ”اها اوهان جي مهانتا آهي پڻ هرديہ جي وشالتا جو اوهين ائين سمجهو ٿا. مون اهڙو ڪجهه خاص ڪونہ ڪيو آهي.“
تٿاگت ”سچي سنت جي پهچان آهي، نمرتا ۽ اوهين ان جا جيئرا جاڳندا مثال آهيو ان ۾ ڪو شڪ ناهي. جنتا اوهان کي سمپورڻ ريت سان مڃيو آهي.“
سيئي تاڙيون وڄائڻ لڳا.

”ناچاڪ نياڻيءَ جي سندر چهري جي سونهن ڏسي، (جيڪا مون صرف چند لمحن لاءِ ڏٺي هئي) مان دنگ رهجي ويس ۽ مون کي عشق مجازيءَ جي ٻاڻ گهايل ڪري ڇڏيو. موت ۾ مرزا بيغ مون کي اپمانت ڪيو. ناڪام محبت منهنجي دل کي گهرو گهاءُ پهچايو. منهنجي من ۾ ويراڳ جو جذبو وڌيڪ اُجاگر ٿي ويو.

”منهنجي جوڳين سان پهرجهنگل ۾ ملاقات ٿي. هنن کان متاثر ٿي مان گهر ڇڏي هنن سان ياترا تي نڪري پيس. هنن مون کي هندو ڌرم جي دويت واد، ادويت واد، تصوف ۽ وحدت الوجود جي ڄاڻ ڏني. هنن مون کي ڪهڙين ڪهڙين اسراري هنڌن جو سئر ڪرايو!

جتي عرش نہ اُپ ڪو، زمين ناهي ذرو
نڪو چاڙهڻ چنڊ جو، نڪو سج سرو
اُتي آديسين جو لڳو دنگ درو
پري پيو پرو، نات ڏناٺون نانهہ ۾.

”جهنگل بن ۾ اهڙو ماحول پئدا ڪيائون جو مون مٿئين مشاهدي کي ماڻيو، جتي ڪجهہ بہ ڪونہ هوءِ ان ڪجهہ ’نہ‘ ۾ ئي يعني ’شونيہ‘ ۾ مون کي نات يعني خدا جو درشن ٿيو.

گرو نانڪ - واهہ واهہ، واهہ واهہ. خوب فرمايو اوهان.

مون هنن سان گڏ ياترائون ڪيون. مذهبي آستانن تي ويس ۽ مون تي عشق حقيقيءَ جو رنگ چڙهڻ لڳو. مان سُر رام ڪليءَ جا بيت جهونگاڙڻ لڳس.

جي پائنين جوڳي ٿيان، تہ سنگ سيئي توڙ
جي جايا نہ جاپندا، جيءُ تنهين سان جوڙ
تہ تون پهچندين توڙ، محبت جي ميدان ۾.

”مون درگاهن ۽ آستانن تي فقيرن کي ايڪتاري جي تان تي نچندو ڏٺو، ڳائيندي ڏٺو، پنهنجي پريتم کي پرچائيندو ڏٺو. مون کي هڪ ساٿي مليو جنهن جو نالو راول هو. مون مسافريون ڪيون. ڪڏهن پنڌ، ڪڏهن اُٺن تي، ڪڏهن ٻيڙين ۾، ڪڏهن وري قافلن سان شامل

هوس. سنسار جي ماندائڻ جون نندڙيون نندڙيون ڳالهيون مون کي حيرت ۾ وجهنديون هيون. مان پنهنجي ماتا پتا کان عجيب و غريب سوال پڇندو هوس. رات ڪيئن ٿي ٿئي، ڏينهن ڪيئن ٿو ٿئي؟ اوندهه، سوجهري جا کيل هي ڪير ڪري رهيا آهن؟ وڻن ۾ ساوا پن ڪيئن ٿا اُپجن؟ گگن ۾ رنگ ڪير ٿو ڀري؟ چنڊ تارن ۾ نور ڀرڻ وارو ڪير آهي؟ هيءُ ڪهڙيون ڳجهارتون هيون جن جا جواب مون کي ڪير به نٿو ڏيئي سگهي؟ مون کي دستوري اسڪول جي تعليم راس نه آئي. مون مڪتب ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو. مان جهنگل ڏانهن مُهڙ ڪري نڪري ويندو هوس ۽ ڏيان ۾ کوهجي ويندو هوس.

”هڪڙي ڏينهن منهنجي هڪڙي اهڙي فقير سان ملاقات ٿي جنهن کي گيڙو رتا ڪپڙا پيا هئا. هن جي هڪڙي هٿ ۾ ڪشڪول ۽ ٻئي هٿ ۾ لٺ هئي. سنهڙو سوڪڙو سوڪيم شرير وارو هو، مگر سندس اکين ۾ عجيب جوت ۽ مقناطيسي طاقت هئي، جيڪا مون کي ڇڪي رهي هئي. مان هڪ ٻُت بڻجي پيو هوس، منهنجي جسم جا وار اُڀا ٿي ويا. مان هن جي اکين ۾ نهاريندو رهيس. منهنجي پڇڻ کان سواءِ هو منهنجي دل مان اُٿيل سوالن جا جواب ڏيندو ويو. هن کي ڪنهن ٻڌايو؟

”سچ سيني گُهراين کان گُهرو آهي، وڏيڪ اونهو آهي. هڪ طاقت آهي جيڪا هن سرشٽيءَ کي هلائي رهي آهي. گگن کي سهٽو بڻائي رهي آهي. ڪڪرن مان مينهن وسائي رهي آهي. ڌرتيءَ مان اناج ۽ ميوا اُتپن ڪرائي رهي آهي. انسان کي خلقڻ واري انساني جيون جوچرخو هلائڻ واري، مُندن کي ڦيرائڻ واري اها شڪتي آهي.' مان هڪ چتو ٿي هن جون ڳالهيون ٻڌندو رهيس.

”مان سونهن جو پوڄاري هوس. هڪڙي ڏينهن منهنجي پتا مون کي مرزا مغل بيغ جي بيمار نياڻيءَ لاءِ مون کي دوائون پهچائڻ لاءِ موڪليو. مرزا مغل بيغ هوندي به منهنجي پيءُ جو مريد هو، هن جي بيحد عزت ڪندو هو، مگر اسان جي ذات الڳ هئي. هو مغل هو ۽ اسين سعيد.

مو کو کھان ڍونڍي ڙي بندي،
- مئن تو تيري پاس هون!
شاهہ :- ڪبير، خوب چيو آهي اوهان. واهہ واهہ.
مون وري وري ان ڳالهہ تي زور ڏنو آهي-
ڪستوري ڪنڊل ڦرء مرگ ڍونڍي بن مانهہ
ائسي گهٽ گهٽ ناٿ ڪو دنيا ديکهہ نانهہ.
تنهن تي گرو نانڪ چيو-
حڪمي اندر سڀ ڪوء
ٻاهر حڪم نہ ڪوء
نانڪ حڪمي جي ٻجهہء
هومئہ ڪهھئہ نہ ڪوء.
ميران ٻائي ڳائڻ لڳي-
گهونگهٽ کي پٽ کول ڙي
توهي پييا ملينگي.
گهٽ گهٽ ۾ توهي پييا بست هئہ
آسن سي مت ڊول.
توهي پييا ملينگي.
۽ گوتم ٻڌ جي مک مان شبد نڪتا-
ايس ڌممو سنتنو.
اهو ئي سناتن ڌرم آهي، جنهن انوسار چيتنا جاڳرت ٿئي ٿي ڌيان ۾ اسان کي سچ جي پرک ٿئي ٿي ۽ نرواڻ حاصل ڪري سگهجي ٿو.
ايس ڌممو سنتنو.
اوچتو آڪاش مان ڦولن جي ورکا ٿيڻ لڳي ۽ شنک وڄڻ لڳا ۽ منهنجي اکين سامهون اهو درشيہ گم ٿي ويو.

ٿي وياسين. مان لکت بندر، ڀڄ، دوارڪاپوري، جهوناڳڙهه، ڪنيات، جيسلمير ويس. اُتي جي لوڪ ڪهاڻين سان واقف ٿيس، انهن ڪهاڻين جي آڌار تي مون ڪاويه - ڪهاڻيون رچيون.

ٽن سالن جي مسافرين بعد مان گهر موٽي آيس. ڪجهه حالتون بدلجڻ ڪارڻ منهنجي مرزا مغل جي نياڻي حميده، جيڪا منهنجي محبوبا هئي، سان شادي طئه ٿي، مگر ٿوري ئي عرصي ۾ هوءَ ويم ۾ ٻار سوڌي پرلوڪ پڌاري ويئي ۽ مون کي جدائيءَ جو درد ڏيئي ويئي.

لوڪ ڪهاڻين تي ٻڌل منهنجي ڪاويه ڪهاڻين جون ست سورميون آهن. مومل، سسئي، سورٺ، سهڻي، مارئي، نوُرِي، ليلا. ظاهري طرح ته هو دنيوي ناريون هيون، مگر اُهي بيچين آتمائن جو پرتيڪ هيون. هو ورهه جا ڏک ڏاکڙا سهن ٿيون ۽ انت ۾ پنهنجي پريتم معنيٰ پرماتما سان وچي ٿيون ملن ۽ سمجهڻ لڳن ٿيون.

جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

سسئي پنهنجي پريتم لاءِ جبل جهنگل جهاڳي ٿي ۽ آخر ۾ پروڙي ٿي.

پنهون ٿيس مان پاڻ
سسئيءَ تان سوُر هئا.

”هوءَ ان حقيقت کي سمجهي وٺي ٿي ته ’جيستائين مون پنهنجي پنهونءَ کي پاڻ کان الڳ سمجهو ته مان دکي هئس، مون کي سوُر هئا، ليڪن جڏهن مون کي پروڙ پيئي ته پنهون ۽ مان هڪ آهيون، پنهون منهنجي اندر ۾ وراجمان آهي ته منهنجا سڀ سوُر لهي ويا.“

سيئي تاڙيون وڄائين ٿا.

”ان سچ کي توهان سيني پروڙيو آهي ته مالڪ ٻاهر ناهي، اسان جي اندر ئي آهي. اوهان سيني پنهنجي واڻين ۾ اهو اظهاريو آهي، اسين اجايو پيا هِتي هُتي ڀٽڪون ۽ ڀُولهيون.“

ڪبير چيو -

”ها، ها پُڇ پلي. مان تہ سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ هردم تيار هوندو آهيان.“

”سيني روحاني رهبرن اسان کي پيار جو سنديش ڏنو آهي. پيار جو وروڌ ڪنهن بہ ڪونہ ڪيو آهي. شاهہ عبداللطيف پاڻ ٻڌايو اسان کي تہ هن عشق مجازي ۽ حقيقي ٻيئي ڪيا هئا. سنت ڪبير بہ شادي شدهہ هو هن کي ٻہ ٻار بہ هئا، ڪمال ۽ ڪملي. گرو نانڪ بہ شادي ڪئي هئي ۽ ڪيس پٽ هو. گوتم ٻڌ شروع ۾ ئي گرهستَ هو، هن جي پٽ جو نالو راهُل هو. ميران تہ سراپا پريم هئي، هوءَ پريم ديواني هئي. سيني پيار ڪيو هو ڪنهن بہ پيار کان انڪار ڪونہ ڪيو. مگر اوهان جي پيار جي پريڀاشا کي وٺي ڪيڏي ڪانٽرووَرسي مَتي آهي جو اوهين تضادي شخصيت ’جا مالڪ ٻڻجي پيا آهيو. ائين چو؟“

”تون صحيح چئي رهي آهين. مان هڪ ڪانٽرورشل فگر ٻڻجي پيو آهيان. ائين ٿيڻو ئي هو.“

”چو ٿيڻو هو؟“

”چاڪاڻ تہ ٻين سيني جنهن پيار جو ورڻن ڪيو آهي سو مذر، مُبهم، اسراري ۽ آتمڪ پيار آهي. اهو حقيقي تہ آهي مگر مان ان کي اڌورو ٿو سمجهان. مان پيار کي ٽوٽئلٽي ۾ مُڪملتا سان ڏسڻ ٿو چاهيان. مان پيار جو چڱيءَ طرح سان ڇيد ڪريان ٿو، ان کي سيني ڪُنڊن کان جاچيان ٿو، پرکيان ٿو. اهو ٻهوآيامي آهي. مان اندرڌنش جي ستن رنگن کي ڏسان ٿو، صرف هڪڙي رنگ کي نٿو ڏسان. هنن جون نظرون صرف روحاني رنگ ۾ کُتل آهن. روحاني آهي- نيلو آهي، بس. نہ، ان کي ٻيا بہ رنگ آهن.

”ٻيا سڀ جسم جي پيار کي هيٺ سمجهن ٿا. جيڪا شيءَ ڌرتيءَ سان جڙيل آهي، ان کي گهٽ نظرن سان ڏسن ٿا. مان پيار کي هڪ ڏاڪڻ مثل ڄاڻيان ٿو، اها ڏاڪڻ هيٺ ڌرتيءَ ۾ کوڙيل آهي، مٿيءَ ۾ کُتل آهي. ان جون جڙون اُتي آهن. سُشمنا جي جڙ آهي جسماني پيار ۽ ان جي چوٽي آهي سَهسرايہ- موکش جو دوار. جيستائين هينئين ڏاڪي

ساکياتکار

اوچتو اهو سمورو درشيہ منهنجي اکين مان اوجهل ٿي ويو. اتي ڪجهہ بہ نہ رهيو، صرف هڪ خوبصورت باغ هو. مان ڪجهہ وقت سانت ۾ ويهي رهيس ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳيس.

اڙي، هيءُ تہ اوشو گارڊن آهي. هتي ئي تہ مون روحاني رهبرن جي گڏجاڻيءَ جو مشاهدو ماڻيو هو. مگر هتي هينئر ڪجهہ بہ ڪونہ آهي، اهو گولو بہ ڪونہ آهي ۽ صندليون بہ ڪانہ آهن. مان اُتي پنڌ ڪرڻ لڳيس ۽ پوءِ هڪ اسٽئچو جي اڳيان بيهي رهيس. اهو اوشو رجنيش جو بُت هو. آدم قد، ويهڪ جي پوز ۾. ڄڻ تہ هو ڪنهن ڪرسيءَ تي ويٺو هو. مان پير ۾ پيل هڪ پٿر جي بئنچ تي ويهي رهيس ۽ اوشو جي بُت کي مخاطب ٿي چوڻ لڳيس:-

”اوهان جي گارڊن ۾ ايڏي مهتوپورڻ گڏجاڻي ٿي، توهين اُتي ڇونہ موجود هئا؟“

هن جي اکين ۾ شرارت مڙي آئي ۽ چهري تي مُرڪ. هن جا چپ چُرڻ لڳا. ”مان تہ هتان ويني ويني سڀ ڏسي رهيو هوس، ٻڌي رهيو هوس.“

’سچ؟‘ مون عجب وچان چيو.

”ها، مان موجود هوس.‘

’پوءِ توهان ڪجهہ ڪُڇيو ڇونہ؟‘

”منهنجي ڪجهہ ڪڇڻ جي ضرورت ئي ڪانہ هئي.“

ڪجهہ لمحن بعد:

”مان توهان کان هڪ سوال پڇڻ چاهيان ٿي.“

ٿا، نہ ئي هو مستقبل جي چنتا ڪن ٿا يا سوچين ٿا بلڪ هنن جو هر پل جيئڻ لائق آهي ۽ ان کي ماڻين ٿا.‘

”تو پاڻ ڏٺو ۽ مون کي پڪ آهي تہ تو محسوس ڪيو هوندو تہ انهن پنجن ئي روحاني رهبرن ساڳي ساڳي ڳالهہ ڏُهرائي آهي. هنن سيني نڌ وشواس تي بدل انساني عملن جو ڪندن ڪيو ۽ هردي جي سچي پاونا ۽ ايشور سان سڌي ناتي جو سمرٿن ڪيو. جيتوڻيڪ هنن جي سنسار ۾ مؤجودگي ۾ صدين جو انتر هو پوءِ بہ خيالن ۾ ڪيڏي نہ سمانتا آهي!

”اهائي ساڳي ڳالهہ مان بہ چئي رهيو آهيان. ساڌارڻ انسان پنهنجي پيل سنسڪارن توڙي پنهنجي سياءَ کان لاچار آهي. من جي مايا جي ڄار ۾ بدل هو اڃا تائين انهن جهونين پرمپرائن ۾ قاتل آهي.

”مون کي پنهنجي ڌيانن جي باري ۾ ٿوري ۾ ٻڌائيندا؟“ مون پڇيو.

’منهنجي ڪميوُن ۾ هينيان ڌيان ٿين ٿا-

”ڊائنامڪ(Dynamic) ميڊيٽيشن - سوريہ اُديہ کان اڳ وارو ڌيان وپاسنا“ (ساهہ کڻڻ ۽ ڇڏڻ تي ڏيڻ وارو ڌيان)

”صوفي درويش ڊانس ميڊيٽيشن - جنهن کي ٽورلنگ جو نالو ڏنو ويو آهي.“

”ڪُنڊلني ڌيان. ڪنڊلني ڌُن جي آس پاس ٿيندي آهي،جيڪا نانگڻ وانگر ويڙهيل هوندي آهي،ان ۾ ڌڏائي ڌڏائي متي چاڙهڻ جي ڪريا سمايل هوندي آهي.“

”نٽ راج ڌيان.“

”ديو واٽي ڌيان.“

”ناد برهم“ (گهندن وارو ڌيان)

”ڏينهن جو آخري ڌيان،سج لهڻ کان پوءِ سفيد چوغن واري ڳ ڏجاٽيءَ ۾ ٿيندو آهي، جيڪو سموري ڏينهن جو خاص ۽ اهم سيشن آهي.“

”منهنجي خيالن ۽ سڌانتن کي هرڪو سمجهڻ کان قاصر آهي.

تي پير نہ رکبو متي ڪيئن پهچي سگهبو؟ تون ئي ٻڌاءِ ڇا اهو ممڪن آهي؟''

مان خاموش رهيس.

''اها سوچڻ جي ڳالهہ آهي. مان ان ڪري بدنام آهيان. ڇاڪاڻ تہ مان پيار جي هر پهلوءَ کي مهتو ڏيان ٿو. ماڻهو سمجهن ٿا مان جڙوادي آهيان ماديت پسند آهيان، مگر مان جڙ ۽ روحانيت ٻنهي کي ٻہ ميان ٿو جيتري قدر پيار جو سوال آهي مون پاڳل بابا سان انجام ڪيو هو تہ مان سنگيت کي سماڌي حاصل ڪرڻ جو ساڌن ٺاهيندس. هن تہ چاهيو هو مان پاڻ هڪ سنگيتڪار ٺهجان، پر مون ائين نہ ڪيو. ها، مون سنگيت کي هڪ ڏاڪو ٺاهڻ چاهيو هو، سماڌيءَ تائين پهچڻ جو. اهوئي منهنجو ارادو هو. مون ميڊيٽيشن جا نوان نوان طريقا ايجاد ڪيا. اهڙا دلچسپ ۽ منورنجڪ جن تي عام ماڻهو عمل ڪري سگهي. مزو وٺندي وٺندي آنند جو انيڀ ڪندي ڪندي، جشن ملهائيندي، نچندي ٽپندي پنهنجي جسم جي ستن چڪرن کي کوليندو اچي، سُشمنا ۾ (پنيءَ جي ڪنڊي ۾ لڪل) اوُرجا شڪتيءَ کي ڊلو ڪندو، متي چاڙهيندو وڃي ۽ جڏهن اُها اوُرجا (شڪتي) مستڪ (سهسرار) ۾ پهچي ٿي تہ بيخوديءَ جي عالم ۾ سماڌيءَ جا دروازا کلي سگهن ٿا ۽ ماڻهو 'ٻڌ' ٺهجي سگهي ٿو.'

''مان سنسار ڀر جي اوچ ڪوٽيءَ جي سنگيتڪارن سان گڏيس. هنن جي سهايتا سان اهڙو سنگيت تيار ڪرايم، جنهن ۾ انسان جي وجود کي ڌوڏڻ جي طاقت هجي. پوءِ چاهي اهو مغربي هجي يا مشرقي يا انهن ٻنهي جو سنگم يا فيوسن(Fusion)مون طرح طرح جي ڌيان جي نمونن جو نرماڻ ڪيو. منهنجي ڌيان جي سيشنس تي دنيا جا مشهور سنگيتڪار اچن ٿا.

''مون کي پنهنجي ڌيان جي باري ۾ ٿوري ۾ ٻڌائيندا؟''

جن سيشنس تي منهنجا سنياسي نرتيہ ڪن ٿا، جشن ملهائين ٿا ۽ هرهڪ لمحي کي آنند سان جيئن ٿا. نہ هو ماضيءَ سان انڪيل رهن

Bibliogrphy

Glimpes days of golden childhood - Osho (English)

Kranti Beej - Osho (Hindi)

Path ke Pradeep - Osho (Hindi)

The Book of wisdom - The heart of Tibetan Budhisim Osho (English)

Allah to Zen - Ma Chintamani - (English)

A Passage to America - Max Brecher (English)

Hidden mysteries - Osho (English)

Diamond days with Osho - Ma Shuniya

Bodhi Vraksh Ki Chhaya Mein (Hindi) Bharat Singh Upadhyaya

Sami Siju Varai - Murad Ali Mirza (Sindhi)

Shah Jo Rasalo (Sindhi)

Jap Sahib - Hari Dilgir (Sindhi)

Sukhmani Sahib (Sindhi)

Adi Granth (Punjabi)

Guru Nanak Ji Jeevani - Altaf Malkani (Sindhi)

(taken from 'Karizma' Mag. Sep. 2005)

دقيانوسي ويچارن وارا ماڻهو ان جو مطلب ڪجهه ٻيو ئي ڪڍن ۽ مون کي ۽ منهنجي سنياسين کي بدنام ڪرڻ لاءِ آماده آهن. مگر هنن جي راين سان مون کي ڪو فرق نٿو پوي.

”مٽيءَ کان سواءِ پيار جو گل ڪيئن ٽڙندو؟ مٽيءَ کي پنهنجو مهتوَ آهي. مٽي ۽ ڪنول جو هڪ ٻئي سان اٽوٽ سنبنڌ آهي. اسين مٽيءَ کي نظرانداز نٿا ڪري سگهون نه ئي ڪنول کي. آڪاش ۾ پهچڻ لاءِ ڌرتيءَ جو هجڻ ضروري آهي. مان ٻنهي کي ساڳي اهميت ڏيان ٿو.“

”مان ڌرتي ۽ آڪاش کي هڪ ئي هنڌ ملائڻ جو اِرادو رکان ٿو ۽ اها آهي اُفق جي ريکا جتي ٻنهي جو ملن ٿئي ٿو.

” مان هڪ نئين ڳالهه چئي رهيو آهيان. هر نئين ڳالهه کي سويڪار ڪرڻ ۾ مخالفت جو مقابلو ڪرڻو پوندو آهي، ماڻهن کي سمجهڻ ۾ وقت لڳندو آهي، مان اها ڳالهه ڄاڻان ٿو ۽ ان طرف سجاڳ آهيان.“

۽ اچانڪ ٻُت خاموش ٿي ويو.

MAH 745 TNA 3
to Post-Pre payment Licence No. 9-11

SINDHI TIMES
(Registered as a Newspaper in India)
Registered No. 6372 / 62

ROOBAROO

Rita Shahani



ROOBAROO
By: RITA SHAHANI
SINDHI TIMES PUBLICATION
(Quarterly Book Series No. 3-4 July-Aug-Sep-Oct-Nov-Dec. 2011)